قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لَنُخْرِجَنَّكَ يٰشُعَيْبُ وَالَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا مَعَكَ مِنْ قَرْيَتِنَآ اَوْ لَتَعُوْدُنَّ فِيْ مِلَّتِنَا ؕ قَالَ اَوَلَوْ كُنَّا كٰرِهِيْنَ ﴿۸۸﴾
قَدِ افْتَرَيْنَا عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اِنْ عُدْنَا فِيْ مِلَّتِكُمْ بَعْدَ اِذْ نَجّٰىنَا اللّٰهُ مِنْهَا ؕ
وَمَا يَكُوْنُ لَنَآ اَنْ نَّعُوْدَ فِيْهَآ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ رَبُّنَا ؕ وَسِعَ رَبُّنَا كُلَّ شَيْءٍ
عِلْمًا ؕ عَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلْنَا ؕ رَبَّنَا افْتَحْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ قَوْمِنَا بِالْحَقِّ وَاَنْتَ خَيْرُ
الْفٰتِحِيْنَ ﴿۸۹﴾ وَقَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لَئِنِ اتَّبَعْتُمْ شُعَيْبًا اِنَّكُمْ
اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ﴿۹۰﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿۹۱﴾
الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا شُعَيْبًا كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ۛ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا شُعَيْبًا كَانُوْا
هُمُ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۹۲﴾ فَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ يٰقَوْمِ لَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ
وَنَصَحْتُ لَكُمْ ۚ فَكَيْفَ اٰسٰى عَلٰى قَوْمٍ كٰفِرِيْنَ ﴿۹۳﴾

هن جي قوم جي سردارن جيڪي مغرور ۽ متڪبر هيا ڪيس چيائون تہ اي شعيب! اسان توکي ۽ جن توسان گڏ ايمان آندو آهي، اسان پنهنجي شهرن مان نيڪالي ڏئي ڇڏينداسون، نہ تہ اوهان کي اسان جي ملت ۾ واپس اچڻو پوندو. چيائين تہ توڙي اسان راضي نہ هجون پر پوءِ بہ اسان کي زبردستي ڦيريو ويندو. (88) جيڪڏهن اوهان جو مشورو قبول ڪري واپس اوهان جي دين ۾ اچون تہ پوءِ ان جو اهو مطلب نڪتو تہ اسان جيڪو اوهان کي غلط روش ڇڏي سڌي راهہ اختيار ڪرڻ ۽ الله جي اطاعت ڪرڻ جو مشورو ڏنو هو، اهو سڀ اسان ڪوڙ ڳالهائي خدا تي بهتان بازي ڪئي. جڏهن تہ الله اسان کي اهڙي ظالم نظام ڪان

نجات ڏني آهي. ائين ڪرڻ اسان لاءِ ممڪن ناهي تہ اسان مرتد ٿي وڃون، پر ها جي الله جي اهڙي مشيت هجي. الله جي علم هر شيءِ کي گهيري رکيو آهي. اسان الله تي ئي ڀروسو ڪيو آهي. يا الله تون اسان جي ۽ اسان جي قوم جي درميان ٺيڪ ٺيڪ فيصلو صادر ڪرڻ فرما ۽ تون بهترين فيصلو ڪندڙ آهين.(89) ان تي هن جي قوم جي سرڪش ۽ متڪبر سردارن ۽ اڳواڻن جيڪي انڪاري هئا، تن پنهنجي قوم کي چيو تہ جيڪڏهن اوهان شعيب جي پيروي ڪئي تہ وڏي نقصان ڪندڙن ۾ شامل هوندا.(90) آخرڪار هڪ دهشتناڪ آفت انهن کي پڪڙي ورتو ۽ هو پنهنجن گهرن ۾ اوندها پيل رهيا. (91) جن ماڻهن شعيب عليه السلام کي ڪوڙو سمجهيو، انهن جو اهڙو حشر ٿيو جو ڄڻ هنن جو هت وجود ئي ڪو نہ هو. جن ماڻهن بہ شعيب جي تعليم کي ڪوڙ جو ناهہ سڏيو، اهي ئي نقصان ۾ رهيا.(92) شعيب عليه السلام هنن کان ڪناره ڪشي ڪئي، ڪين اهو چوندي تہ اي منهنجي قوم جي برادري! مون تہ توهان کي پنهنجي پالڻهار جا پيغام پهچائي ڇڏيا آهن ۽ مون اوهان جي پوري خيرخواهي ڪئي. هاڻي مان ان قوم تي ڪهڙو افسوس ڪريان جن ڪفر اختيار ڪيو.(93)

گذريل آيتن ۾ بيان ٿيو آهي تہ شعيب عليه السلام تي ٿورڙن غريب ۽ مسڪين ماڻهن ايمان آندو هيو، جن کي سندن سرڪش، مغرور ۽ متڪبّر قوم تنگ ڪري رهي هئي. حضرت شعيب عليه السلام جي ساٿين کي صبر جي تلقين ڪئي وئي ۽ کين چيو ويو تہ ڀلي وقت جو انتظار ڪريو. ٻئي طرف سرڪش قوم وارا جيڪي پنهنجي ڌن دولت جي نشي ۾ مدهوش هيا ۽ پنهنجي وڏيرپ ۽ برتريءَ تي نازان هئا، انهن حضرت شعيب عليه السلام کي ڌمڪي ڏيندي چيو تہ اي شعيب! اسان توکي ۽ تنهنجي انهن پوئلڳ ماڻهن کي، جيڪي تو سان ايمان وارن جي سٿ ۾ ساٿ آهن، تن کي شهر نيڪالي ڏينداسون يا توهان اسان سان گڏ رهڻ گهرو ٿا تہ پوءِ اسان جي ملت ۾ واپس اچي وڃو، اسان توهان جي هن روش کي

وڏيڪ برداشت ڪرڻ وارا نہ آهيون. شعيب ؑ چيو تہ توڙي ڪٽي اسان توهان جي مذهب کي پسند نہ ڪندا هجون ۽ اوهان جي دٻپ ڪان زبردستي اختيار ڪرڻو پوي. شعيب ؑ پنهنجي قوم جي انهن دڙڪن دهمانن تہ 'يا اسان جو ڳوٺ ڇڏي وڃو يا اسان جي دين ۾ واپس اچو' جي جواب ۾ ڪين چيو تہ جيڪڏهن مان ڊڄي اوهان جي دين تي واپس اچي وڃان تہ پوءِ اهو ثابت ٿي ويو تہ مون جيڪو اوهان کي سڌي رستي تي اچڻ ۽ فقط هڪ الله جي عبادت ڪرڻ جو خدا جي پاران آيل پيغام ڏنو هو، اهو سارو مون الله تي ڪوڙو بهتان مڙهيو هو. خود سوچيو تہ توهان الله جي رسول ڪان نہ ٿيڻ واري ڳالهہ جي گهر ڪري رهيا آهيو. الله اسان کي انهي ظالم روش ڪان نجات ڏني آهي. هاڻي هرگز اهو نٿو ٿي سگهي تہ جنهن دين جي رهنمائي اسان کي ان الله طرفان ملي آهي، جنهن جو علم هر شيءِ تي محيط آهي، ان کي ڇڏي ڏيون ۽ اوهان جو دين قبول ڪريون، باقي جيڪو خدا جي مشيت ۾ آهي، ان ڪان منهن موڙي نٿو سگهجي. الله تي اسان جو پورو پورو ڀروسو آهي ۽ پنهنجي الله کي درخواست گذار آهيون تہ اي اسان جا الله! اسان ۾ اسان جي قوم درميان حق ۽ سچ وارو فيصلو صادر ڪرڻ فرماءِ بيشڪ تون ئي بهترين فيصلو ڪندڙ آهين.

مدين جا ليڊر ۽ اڳواڻ جيڪي ڪفر ۾ پيش پيش هئا، سي پنهنجي قوم جي ماڻهن کي چوڻ لڳا تہ شعيب ؑ جنهن ايمانداري ۽ راست بازي جي دعوت ڏئي رهيو آهي ۽ اخلاق ۽ ديانت جي جن مستقل اصولن جي سختي سان پابندي ڪرائڻ گهري ٿو، جيڪڏهن سندس هن نصيحت کي اسان قبول ڪري ان مطابق زندگي بسر ڪرڻ جو عهد ڪريون تہ پوءِ اسان تباهہ ٿي وينداسون. اسان جي تجارت جو ڇا ٿيندو. سچائيءَ جو بلڪل پابند هجڻ سان ۽ ڪرا ڪرا سودا ڪرڻ سان اسان جي ڌن ۽ دولت ۾ اضافو ڪٿي اچي سگهندو، شاهراهن تان قافلا لنگهڻ ۽ پتو يا غندا ٽيڪس ونڻ بند ڪريون ۽ بي ضرر ۽ پر امن قوم بڻجي وڃون تہ اسان جا هي معاشي ۽ سياسي فائدا سڀ ختم ٿي ويندا ۽ اسان سراپا خساري ۾ هونداسون.

"ما در چہ خياليم فلک در چہ خيال"

هنن جا هي سمورا منصوبا خاڪ ۾ ملي ويا ۽ آخرڪار نتيجو اهو ئي نڪتو جيڪو مڪافات عمل ۾ ٿيڻو هو. هن سرڪش قوم تي هڪ لرزائي وجهڻ وارو اهڙو تہ

هولناڪ حادثو رونما ٿيو، جو جنهن هنن کي هر طرف کان گهيري ورتو ۽ ڪاڏي ڀڄي نه
سگهيا ۽ پنهنجن گهرن ۾ مٽيءَ جي ٿنين وانگر بي حس و حرڪت ٿي پيا. جيڪي شعيب
عليه السلام جي مخلصانا ۽ دردمندانه دعوت کي ڪوڙو قرار ڏئي پنهنجي خوشحالي ۽
خيرسگالي تي فخر ڪري رهيا هئا ۽ پنهنجي اقتدار ۽ اختيار تي ڪڏي رهيا هئا، اهي هن
اوچتو عذاب اچڻ تي بلڪل بي بس ۽ بي حس ٿي ويا، گويا هو هن بستي ۾ ڪڏهن رهيا
ئي ناهن. هن عذاب کي هت "اَلرَّجۡفَةُ" (زلزلو) چيو ويو آهي. سوره هود: 94/11 ۾ "اَلصَّيۡحَةُ"
(چيخ/ رڙ) جا لفظ آهن ته سورة الشعراء: 189/26 ۾ "اَلظُّلَّةُ" (بادل جو ڇاڇو) جا الفاظ آهن.
امام ابن ڪثير رحمه الله مطابق هن عذاب ۾ اهي سڀ شيون شامل هيون. هن کان اڳ جيڪي
ڪافر شعيب عليه السلام جي مؤمن ساٿين کي چوندا هئا ته توهان پنهنجي روش کان باز اچو،
ورنه نقصان ۾ ويندا ليڪن الله جي مشيت ۽ قانون مڪافات جي نتيجي ۾ ٿيو ائين جو
نقصان انهن جو ئي ٿيو، جيڪي شعيب عليه السلام کي ڪوڙو چئي هن جي دعوت کي رد ڪندا
هئا. شعيب عليه السلام هنن منڪرن جي هٺ، هوڏ، تڪبر، غرور سرڪشي ۽ بي اعتداليءَ کي
ڏسي مايوس تي ڪناره ڪش ٿي ويو هو. پر ويندي ويندي کين چئي ويو ته اي منهنجي
قوم جي برادري! مون توهان تائين پنهنجي مهربان پالڻهار پروردگار جو پيغام پوري طرح
پهچايو آهي، جنهن ۾ ڪا به ڪمي ڪوتاهي نه ڪئي آهي. هميشه توهان جي ڀلائي گهري
آهي، پر افسوس جو اوهان منهنجي هن بي لوث خيرخواهيءَ کي مثبت موٽ نه ڏني ۽ پنهنجي
بي ڍنگي روايت تي وڏيڪ وڌندا ويا. اوهان جي هن گمراهيءَ جي نتيجي ۾ جيڪا تباهي ۽
مصيبت اوهان تي آئي آهي، هاڻي مان ان تي ڪهڙو افسوس ڪريان.

وَمَآ اَرۡسَلۡنَا فِىۡ قَرۡيَةٍ مِّنۡ نَّبِىٍّ اِلَّاۤ اَخَذۡنَاۤ اَهۡلَهَا بِالۡبَاۡسَآءِ وَالضَّرَّآءِ لَعَلَّهُمۡ
يَضَّرَّعُوۡنَ ﴿٩٤﴾ ثُمَّ بَدَّلۡنَا مَكَانَ السَّيِّئَةِ الۡحَسَنَةَ حَتّٰى عَفَوْا وَّ قَالُوۡا قَدۡ مَسَّ
اٰبَآءَنَا الضَّرَّآءُ وَالسَّرَّآءُ فَاَخَذۡنٰهُمۡ بَغۡتَةً وَّهُمۡ لَا يَشۡعُرُوۡنَ ﴿٩٥﴾ وَلَوۡ اَنَّ اَهۡلَ
الۡقُرٰٓى اٰمَنُوۡا وَاتَّقَوۡا لَفَتَحۡنَا عَلَيۡهِمۡ بَرَكٰتٍ مِّنَ السَّمَآءِ وَالۡاَرۡضِ وَلٰكِنۡ

كَذَّبُوْا فَاَخَذْنٰهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٩٦﴾ اَفَاَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰۤى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ
بَاْسُنَا بَيَاتًا وَّهُمْ نَآىِٕمُوْنَ ﴿٩٧﴾ اَوَ اَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰۤى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا ضُحًى
ع ١٢ ٢ وَّهُمْ يَلْعَبُوْنَ ﴿٩٨﴾ اَفَاَمِنُوْا مَكْرَ اللّٰهِ ۚ فَلَا يَاْمَنُ مَكْرَ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٩٩﴾ ع

اسان ڪنهن بہ بستيءَ ۾ پنهنجي نبيءَ ڪي موڪلڻ ڪان اڳ ان بستيءَ وارن باشندن ڪي سختين، قحط ۽ بک جي تڪليفن جي عذاب ۾ پڪڙيو تہ جيئن هنن ۾ عاجزي پيدا ٿئي (۽ نبي محترم جي دعوت ڪي موٽ ڏين) (94) پوءِ اسان انهن سختين ڪي آسانين ۾ بدلي ڇڏيو ۽ هو وڏا آسودا (خوشحال) ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا تہ (اهو ڏک سک نئين ڳالهہ ناهي) اسان جي ابن ڏاڏن تي بہ ڏک سک جو وقت گذريو آهي (نہ هي ڏک آزمائش آهن، نہ وري هي سک ڪا مهرباني آهن) ان ڪري اسان هنن ڪي اچانڪ پڪڙي ورتو ۽ هنن ڪي ان جو شعور بہ نہ ٿيو. (95) جيڪڏهن هي وستي وارا ايمان آڻين ها ۽ تقويٰ اختيار ڪن ها (يعني پاڻ ڪي عذاب ڪان بچائڻ وارو طريقو اختيار ڪن ها) تہ اسان هنن تي آسمان ۽ زمين جون برڪتون ڪولي ڇڏيون ها، پر انهن اسان جي آيتن ڪي ڪوڙو ڪوٺيو تہ پوءِ اسان هنن ڪي سندن ڪرتوتن جي ڪري پڪڙي ورتو. (96) ڇا هن وستي وارا ان (عذاب) ڪان بي خوف ٿي ويا آهن تہ هنن تي اسان جو عذاب رات جي وقت اچي وڃي جڏهن هو ستل هجن. (97) يا هو ان ڪان بي خوف ٿي ويا آهن تہ جڏهن هو ڪچڙي منجهند ۾ جڏهن هو ڪيڏڻ ۾ هجن تہ اسان جو عذاب اچي وڃي. (98) ڇا پلا هو الله تعاليٰ جي تدبير (پڪڙ) ڪان بي ڊپا آهن. ياد رهي تہ الله جي پڪڙ ڪان پاڻ ڪي اهي بي خوف سمجهن ٿا، جيڪي ماڻهو خساري (نقصان) ۾ آهن. (99)

قومن جي ڪمال و زوال، ترقي ۽ تباهيءَ جا هي چند واقعا ۽ ان جا اسباب ۽ نتيجا هتي نموني طور پيش ڪيا ويا آهن ته انهن واقعن ڪي چند دانه از خروارے سمجهي ان مان سبق حاصل ڪن، ورنه گذريل قومن جون بي شمار تاريخي شهادتون ۽ حقائق گواهه آهن ته اسان جڏهن به ڪنهن رسول ڪي ڪنهن قوم يا بستيءَ ڏانهن موڪليو آهي ته ان وقت جي خوشحال امير ۽ صاحب ثروت ماڻهن ان جي مخالفت ڪئي. (سبا: 34/34، الزخرف: 23/43) ته پوءِ اسان اڳ ۾ ئي حالات سازگار بنائڻ ۽ خارجي ماحول ۽ دعوت، حق قبول ڪرڻ لاءِ مڪافات عمل جي آفتن ۽ مصيبتن هنن ڪي گهيري ورتو. قحط، وبا، تجارتي خساري ۽ جنگ و جدل ذريعي هنن جي سرڪشي، آڪڙ ۽ تڪبر ڪي ڪمزور ڪرڻ جو مقصد هيو ته هو هنن هلڪي ڦلڪي مصيبتن مان سبق حاصل ڪري عجز و نيزاري اختيار ڪن. (السجده: 21/32) "اَلۡبَاۡسَآءِ" مان مراد اهڙيون تڪليفون آهن، جيڪي انسان جي بدن تي رونما ٿين، بيماري وغيره ۽ "اَلضَّرَّآءِ" مان مراد فقر و فاقه، قحط وغيره جهڙا عذاب آهن. جڏهن هن مصلحت پري حڪمت هوندي به هو هدايت جي راهه تي نه هليا ته پوءِ وري اسان هنن جي بري حالت ڪي خوشگوار حالتن جي آزمائش ۾ تبديل ڪيو ته من الله جي نعمتن جا شڪرگذار ٿين، پر الٽو چوڻ لڳا ته اهو زماني جو ڦيرو آهي، مصيبت ۽ خوشي ايندي رهنديون آهن. جڏهن هو "اَلۡبَاۡسَآءِ وَالضَّرَّآءِ" يعني بک بيماريءَ سبب به نه سڌريا ته پوءِ ڪين "اَلسَّرَّآءِ" يعني خوشحاليءَ سان نوازيو ويو ته من سڌي رتي تي اچي وڃن، پر هنن چيو ته "اَلضَّرَّآءِ وَ السَّرَّآءِ" يعني ڏک سک ته اسان جي وڏڙن تي به ٿيندا رهيا آهن. هي ڪا نئين يا انوکي ڳالهه ناهي، جو ان کي قبول ڪريون. يعني هو صبر ۽ شڪر ٻنهي کان عاري هيا. حديث شريف ۾ آهي ته مؤمن آرام ۽ راحت ۾ شڪر ۽ تڪليف ۾ صبر ڪندا آهن. جڏهن هنن آزمائش مان ڪو سبق حاصل نه ڪيو ۽ الٽو پنهنجي غلط روش ۽ طور طريقي تي انڌاڌند اڳتي وڌندا رهيا.(البقره: 74/2) ته آخرڪار سندن براين جا نتيجا ظاهر ٿيڻ لڳا ۽ اچانڪ آفت ۽ مصيبتن جي گرفت ۾ اچي تباهي تي پهچي ويا. پر جيڪڏهن هن خداداد عقل و دانش ۽ هوش حواس کان ڪم وٺندي، تڪبر، غرور ۽ هٺ هوڏ کي ڇڏيندي، الله جي قانون جي صداقتن کي تسليم ڪندي ان تي ايمان آڻين ها ۽ ان جو اتباع ڪن ها ته اسان ڪين هر تباهي ۽ مصيبت کان محفوظ رکندي هنن تي زمين ۽

آسمان جي برڪتن جا دروازا کولي ڇڏيون ها. (المائده: 66/5، الاعراف: 40/7) پر هنن پنهنجي پراڻي هٺ ۽ هوڏ واري روش اختيار ڪندي حق ۽ سچائي واري دعوت کي ڪوڙو ڪوٺي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ان ڪري سندن اعمال جي نتيجي ۾ هو پڪڙ هيٺ اچي ويا.

هي نادان ۽ بي سمجھ ماڻهو هنن تاريخي حقيقتن ۽ شهادتن جي معلوم هجڻ بعد بہ تنهنجا ڳوڻائي (ڳوٺ وارا) ايترا غافل ٿي ويا آهن، جو هنن جي دل و دماغ مان اهو خوف بہ نڪري ويو آهي تہ هنن تي اسان جو عذاب رات جي ان وقت اچي، جڏهن هو خواب غفلت ۾ ستل هجن، يا اهي ماڻهو هاڻي اهڙا تہ بي حس ٿي ويا آهن ۽ هنن جو ڌيان بہ نٿو وڃي تہ هنن جي هن بداعماليءَ جي نتيجي ۾ هنن تي اسان جو عذاب اوچتو اچي وڃي جڏهن هو ڪيل تماشا ۽ راند روند جهڙين خسيس حرڪتن ۾ مشغول هجن. شايد هو پاڻ کي ڏاهو سمجهي مختلف تدبيرون جوڙي رهيا آهن ۽ هو سمجهن ٿا تہ اهڙي طرح هو خدا جي فيصلي وارين تدبيرن جي خطرناڪ نتيجن کان بچي ويندا. انسان جون تدبيرون الله جي تبديرن تي ڪڏهن بہ غالب اچڻ واريون ناهن، هو انهيءَ خود فريبي ۽ خوشفهميءَ جي سوچ کان نڪري اچن تہ هو پاڻ کي هر حال ۾ محفوظ ڪري ڇڏيندا. انهيءَ غلط فهمي جو شڪار هجڻ، اهڙي قوم جو مقدر آهي، جنهن جو نتيجو هنن کي هر حالت ۾ ڀوڳڻو پوندو. ياد رهي تہ گناهہ ڪرڻ شرط ئي عذاب نہ ايندو آهي. ”وَمَا كُنَّا مُعَذِّبِيْنَ حَتّٰى نَبْعَثَ رَسُوْلًا ۝“ (بني اسرائيل: 15/17) اسان تيستائين عذاب نہ ڏيندا آهيون، جيستائين هنن ڏانهن هدايت جو سلسلو يعني رسول نہ موڪلي ڏيون. پر اتمام حجت بعد قانونِ مڪافات موجب عذاب جو اچڻ ضروري آهي، جنهن سبب هنن جي صلاحيتن کي سلب ڪري، مهر هڻي ڇڏبي آهي. (الانعام: 110/6-109)

اَوَلَمْ يَهْدِ لِلَّذِيْنَ يَرِثُوْنَ الْاَرْضَ مِنْۢ بَعْدِ اَهْلِهَآ اَنْ لَّوْ نَشَآءُ اَصَبْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ ۚ وَنَطْبَعُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ۝١٠٠ تِلْكَ الْقُرٰى نَقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآئِهَا ۚ وَلَقَدْ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ۚ فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا مِنْ قَبْلُ ۭ كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِ الْكٰفِرِيْنَ ۝١٠١ وَمَا وَجَدْنَا

لِاَكْثَرِهِمْ مِّنْ عَهْدٍ ۚ وَاِنْ وَّجَدْنَآ اَكْثَرَهُمْ لَفٰسِقِيْنَ ﴿١٠٢﴾ ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ
مُّوْسٰى بِاٰيٰتِنَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ فَظَلَمُوْا بِهَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ
الْمُفْسِدِيْنَ ﴿١٠٣﴾ وَقَالَ مُوْسٰى يٰفِرْعَوْنُ اِنِّىْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ﴿١٠٤﴾ حَقِيْقٌ
عَلٰٓى اَنْ لَّآ اَقُوْلَ عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ ؕ قَدْ جِئْتُكُمْ بِبَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَرْسِلْ
مَعِىَ بَنِىْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿١٠٥﴾ قَالَ اِنْ كُنْتَ جِئْتَ بِاٰيَةٍ فَاْتِ بِهَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ
الصّٰدِقِيْنَ ﴿١٠٦﴾ فَاَلْقٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِىَ ثُعْبَانٌ مُّبِيْنٌ ۚ﴿١٠٧﴾ وَّنَزَعَ يَدَهٗ فَاِذَا هِىَ
بَيْضَآءُ لِلنّٰظِرِيْنَ ﴿١٠٨﴾ ع

چا هن حقيقت مان انهن ماڻهن کو سبق حاصل نہ ڪيو، جيڪي اڳين قومن بعد هن زمين تي انهن جا وارث ٿي آيا آهن، تہ جيڪڏهن اسان جي مشيت ائين هجي ها تہ اسان کين گناهن جي سزا طور بہ گرفت ۾ وٺون، اسان هنن جي دلين کي مهر هڻي ڇڏيون، جنهن ڪري هو ڪجهہ ٻڌڻ لائق نہ آهن.(100) هي وستيون جن جي روئداد جو ڪجهہ حصو اسان توهان کي ٻڌايو آهي، هنن جا رسول انهن لاءِ چٽيون آيتون (نشانيون) ڪٺي آيا هئا، پر هنن کان اهو تي نہ سگهيو تہ انهن تي ايمان آڻين ۽ جنهن ڳالهہ کي ڪوڙو سمجهندا هيا، ان کي حق ۽ سچ سمجهن. الله منڪرن جي دلين تي اهڙي طرح مهر هڻي ڇڏي ٿو.(101) اسان هنن مان اڪثر کي ڪنهن عهد جو پاسدار نہ ڏٺو آهي. پر اڪثر کي عهدشڪنيءَ جو مرتڪب ڏٺو آهي. (102) هنن کان اڳ بيان ٿيل قومن جي داستان کان بعد اسان موسىٰ عليه السلام کي پنهنجون آيتون (نشانيون) ڏئي فرعون ۽ ان جي سردارن ڏانهن رسول بڻائي موڪليو، پر هنن ان (موسىٰ عليه السلام) سان

ظلم ڪيو. پوءِ ڏسو ته انهن فسادين جو انجام ڪهڙو ٿيو.(103) موسىٰ عليه السلام چيو ته اي فرعون! مان رب العالمين (تمام جهانن جي پروردگار) پاران رسول ڪري موڪليو ويو آهيان. (104) مون تي لازم آهي ته مان خدا جي طرفان حق چوان ۽ حق کانسواءِ ڪجهه نه چوان. توهان جي پروردگار پاران مان اوهان لاءِ (نبوت جي ثبوت جون) صريح نشانيون آنديون آهن، پوءِ هاڻي بني اسرائيل کي مون سان گڏ وڃڻ ڏيو.(105) هن جواب ڏنو ته اهڙي ڪا نشاني اٿئي ته اها پيش ڪر، جيڪڏهن تون سچ چوين ٿو.(106) ان بعد موسىٰ عليه السلام پنهنجي لٺ زمين تي ڦٽي ڪئي ته يڪايڪ هڪ زندهه ازدها بڻجي وئي. (107) ۽ هن پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍيو ۽ اهو ڏسندڙن لاءِ روشني جو شعلو ٿي چمڪيو. (108)

جڏهن هڪ قوم پنهنجي بداعماليءَ سبب زوال پذير ٿيندي آهي ۽ ان جي جڳهه تي ٻي قوم جانشين ٿيندي آهي ته هن ايندڙ قوم لاءِ زوال پذير ٿيندڙ قوم جي زوال ۽ تباهي ۾ ڪافي رهنمائي موجود هوندي آهي، پر حيرت آهي ته هي ماڻهو جيڪي اڳين قومن جا وارث ٿيا آهن، انهن تي اها حقيقت اڃان واضح نه ٿي آهي ته مڪافات جو عمل هنن جي ڏوهن جي نتيجي ۾ ڪين مصيبتن ۾ مبتلا ڪري سگهي ٿو. پر جيڪي ماڻهو هوش حواس ذريعي حادثن جي نتيجن کي معلوم ڪرڻ بدران اسلاف جي انڌي تقليد ۽ ذاتي مفادپرستيءَ جي جذبات جا پوڄاري هوندا آهن، انهن جي سوچڻ، سمجهڻ، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جون صلاحيتون سلب ٿي وينديون آهن. هنن جي دلين تي مهر لڳي ويندي آهي ۽ هو دعوتِ حق ٻڌڻ کان ٻوڙا هوندا آهن.(البقره: 7/2) حديث شريف ۾ آهي ته ”مصيبت مومن جي اصلاح ڪندي رهندي آهي ۽ جڏهن هو هن بنيءَ مان پڇي ٻاهر نڪرندو آهي ته ساري کوٽ کان صاف ٿي نڪرندو آهي.“ پر منافق جي حالت ان گڏهه وانگر آهي، جنهن کي اها خبر ناهي ته هن جي مالڪ هن کي ڇو ٻڌو هيو ۽ ڇو ڇوڙيو آهي. (صدق رسوله النبي الڪريم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم) . بهرحال گذريل تاريخي واقعن مان چند هتي بيان ڪيا ويا آهن، جن ۾ قومن ڏانهن رسول موڪليا ويا هئا، جيڪي هنن ڏانهن روشن دليل ۽ احڪام کڻي آيا هئا. انهن ماڻهن کي گهربو هو ته هو ان دعوت تي غور و فڪر ڪري، ان مان فائدا حاصل

ڪن ها، مگر هنن بنا سوچي سمجهي ان کي ڪوڙو ڪيو ۽ ايمان نہ آندو. انهي ڪري جو سندن ابن ڏاڏن انهن کي ڪوڙو قرار ڏنو هو يا ڪڏهن پنهنجي خود سري ۽ ناداني سبب انڪار ڪيو. اوهان کي هن ماجرا مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي، مگر اوهان بہ خواب غلفت ۾ گم آهيو. هنن ڪافرن جي عدم توجهي ۽ انڌي تقليد سبب سندن دل و دماغ تي مهر هڻئي وئي، ان ڪري هو حق ۽ ناحق سچ ۽ ڪوڙ ۾ تفريق ڪرڻ ڪان قاصر رهيا. هنن گذريل قومن مان ٿورڙن ماڻهن جي اها حالت هئي، جو هو خدا سان ڪيل عهد، سندس رسولن ۽ ڪتابن جي سچائي کي نہ رڳو تسليم ڪندا هئا، پر ان جا پرچاري بہ رهيا هئا، مگر افسوس جو وڏي اڪثريت الله سان ڪيل اهڙي عهد جي پيڪڙي ڪندي، خدائي حڪمن جي تعميل ڪان صريح انڪار ڪيو ۽ وڏي فسق و فجور ۾ مبتلا ٿي وئي.

هن ڪان اڳ حضرت نوح، حضرت هود، حضرت صالح، حضرت لوط، حضرت شعيب عليهم السلام جي رسالت، دعوت، متڪبرين جي انڪار اسباب ۽ نتائج جو ذڪر ٿي چڪو آهي. هاڻي حضرت موسیٰ عليه السلام جو قصو بيان ٿي رهيو آهي تہ هنن رسولن سڀني سگورن ۽ سندن قوم بعد اسان موسیٰ عليه السلام کي واضح احڪام ۽ روشن دليل ڏئي فرعون ۽ ان جي معتبرين ڏانهن موڪليو، پر انهن سرڪشي ۽ حڪم عدولي ڪئي. خدا جي آيتن جو انڪار ڪري ظلم ۽ زيادتي ڪئي، تاريخ گواهہ آهي تہ هنن جو ڪهڙو انجام ٿيو. (طٰهٰ: 57/20 ڪان 59) ابتداءِ اسلام ۾ هن واقعي جي ذريعي ٻڌايو ٿو وڃي تہ حق جي دعوت وقت حق ۽ باطل جي قوتن ۾ بظاهر ڪو تناسب نہ هوندو آهي. تاريخ گواهہ آهي تہ حق هميشہ اقليت ۽ ڪمزور ماڻهن ۽ باطل جي اڪثريت قوت ۽ طاقت وارن طبقن جي درميان جدوجهد ۽ ڪشمڪش سان شروع ٿيندو آهي. هڪ طرف بي سروساماني تہ ٻئي طرف وسائل جا انبار هوندا آهن. سرڪش ۽ طاقتور طبقو هر طرح جا هيلا هلائي تدبيرون ۽ چالون سوچي، دعوت حق جي مخالفت جي سر توڙ ڪوشش ڪندو آهي، مگر سندن سمورا منصوبا خاڪ ۾ ملي ويندا آهن ۽ آخرڪار الله جي نصرت ۽ مدد سان حق جا داعي ڪامياب ٿي ويندا آهن. هن قصي سان ابتدائي مسلمانن کي ٻڌايو ٿو وڃي تہ گهبرايو نہ. مضبوط ارادن سان حق جي دعوت جاري رکو. حضور خاتم النبيين صلی الله عليه وسلم جو ساٿ ڏيو الله جي مدد جو يقين رکو، ڪاميابي اوهان جا قدم چمندي. موسیٰ عليه السلام فرعون کي مخاطب ٿيندي چيو تہ تو ظلم جي بازار گرم ڪري

رکي آهي. انسانن کي تولن ۾ ورهائي هڪ جماعت کي نسيت و نابود ۽ ٻئي ٽولي کي سرفراز ۽ طاقتور ڪيو آهي.(القصص: 4/28) جنهن ڪري معاشري ۾ ناهمواري پيدا ٿي وئي آهي ۽ تو پاڻ کي معبود جو درجو ڏئي، الله جل شانه جي وحدت ۽ قدرت جو انڪار ڪيو آهي. هن ڪائنات جي پالڻهار پاران مان ان جو رسول ٿي آيو آهيان ته جيئن انسانيت جي تعمير ۽ الله جي حڪمن جي تعميل جو اهتمام ڪريان. منهنجو منصب ۽ منهنجي فرائض ۾ شامل آهي ته مان الله طرف حق کانسواءِ ڪجهه به منسوب نه ڪيان ۽ اهڙي ڳالهه نه ڪريان، جنهن کي الله جي تائيد نه هجي. مان توهان ڏانهن توهان جي پروردگار طرفان چٽا چٽا دليل ۽ صاف سترا قانونِ حيات آندا آهن، انهن قانونن مطابق ڪنهن قوم کي ڏنڊي جي زور تي غلامي ۽ محڪومي رکڻ انسانيت جي توهين آهي ۽ ڪنهن صورت ۾ به جائز ناهي. نه رڳو ايترو، پر انهن تي تنهنجي پاران ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتي جو ڪٿي مثال نٿو ملي. تون هن مظلوم قوم کي منهنجي حوالي ڪر ته جيئن هو آزاد فضا ۾ سک جو ساهه کڻي سگهن.

ياد رهي ته موسىٰ عليه السلام جي دعوت جا به رخ وڏيڪ نمايان هئا. هڪ ته الله جي بندگيءَ ۽ اطاعت وارو نظام (اسلام) رائج ڪري قانون جي باطل دعوىٰ جو قلع قمع ڪجي ۽ ٻيو بني اسرائيل کي جيڪي اهل ڪتاب هئا ۽ اسلام جي روشني کي ڏسي رهيا هئا. انهن کي ظلم جي نظام کان نجات ڏياري، آزاد فضا ۾ رهڻ جو موقعو فراهم ڪجي. جنهن تي فرعون گرجدار آواز ۾ چيو ته چڱو جيڪڏهن تون پنهنجي دعوىٰ ۾ سچو آهين ۽ واقعي الله طرفان واضح دليل پنهنجي حمايت طور آندا اٿئي ته انهن جي تائيد ۾ ڪا نشاني پيش ڪر، جنهن مان سچ ۽ ڪوڙي دعوىٰ جو پتو پئجي ويندو. پوءِ موسىٰ عليه السلام انهن دليلن (معجزن) کي پنهنجي دعوىٰ جي صداقت طور پيش ڪيو. موسىٰ عليه السلام پنهنجي عصا (لٺ) زمين تي اڇلي ته اها الله جي اذن ۽ قدرت سان جيئرو جاڳندو ازدها ٿي پيو. يعني هن جي ڏنل دليل ۾ ايتري ته قوت ۽ شدت هئي، جنهن جي رونما هجڻ سان اهو يقين ٿي ويو ته هن جي خلاف ورزي هلاڪت انگيز هوندي. ان بعد هن پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍيو ته اهو روشن ۽ چمڪدار ٿي ويو. معلوم ٿيو ته الله جي حڪمن ۽ نبيءَ جي ظاهر ڪيل حڪمتن ۽ دليل جي اطاعت سان زندگي جو هر پاسو ڪهڙي طرح تابناڪ ٿي ويندو آهي.(طٰهٰ: 20/21-17، الشعراء: 26/ 32-33، القصص 28/32-31)

قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ عَلِیْمٌ ﴿۱۰۹﴾ یُّرِیْدُ اَنْ یُّخْرِجَكُمْ
مِّنْ اَرْضِكُمْ ۚ فَمَاذَا تَاْمُرُوْنَ ﴿۱۱۰﴾ قَالُوْۤا اَرْجِهْ وَ اَخَاهُ وَ اَرْسِلْ فِی الْمَدَآئِنِ
حٰشِرِیْنَ ﴿۱۱۱﴾ یَاْتُوْكَ بِكُلِّ سٰحِرٍ عَلِیْمٍ ﴿۱۱۲﴾ وَجَآءَ السَّحَرَةُ فِرْعَوْنَ قَالُوْۤا اِنَّ لَنَا
لَاَجْرًا اِنْ كُنَّا نَحْنُ الْغٰلِبِیْنَ ﴿۱۱۳﴾ قَالَ نَعَمْ وَ اِنَّكُمْ لَمِنَ الْمُقَرَّبِیْنَ ﴿۱۱۴﴾ قَالُوْا
یٰمُوْسٰۤی اِمَّاۤ اَنْ تُلْقِیَ وَ اِمَّاۤ اَنْ نَّكُوْنَ نَحْنُ الْمُلْقِیْنَ ﴿۱۱۵﴾

جنهن تي فرعون جي قوم جي مک ماڻهن پاڻ ۾ چيو تہ واقعي هي شخص وڏو ماهر جادوگر آهي. (109) هي توهان کي توهان جي زمين تان بيدخل ڪرڻ گهري ٿو. هاڻي ٻڌايو ڇا ڪجي. (110) هنن سمورن فرعون کي چيو تہ في الحال موسىٰ عَلَيۡهِ السَّلَامُ ۽ سندس ڀاءُ جي معاملي کي دير ڏيو ۽ مختلف شهرن ۾ پڙهو ڏيندڙ موڪليو. (111) تہ جادوءَ جي فن ۾ ماهر جادوگر کي تو وٽ وٺي اچن. (112) ۽ (هن منصوبي هيٺ) جادوگر فرعون وٽ حاضر ٿي ويا ۽ فرعون کان گهر ڪيائون، اسان غالب آياسون (ڪامياب ٿياسون) تہ اسان کي ان جو ڪو اجر ملڻ گهرجي.(113) فرعون چيو تہ پوءِ توهان مقربين مان هوندا. (114) پوءِ هنن موسىٰ عَلَيۡهِ السَّلَامُ کي چيو تہ اول تون داءُ هڻندين، يا اسان هڻون. موسىٰ عَلَيۡهِ السَّلَامُ چيو پهلي توهان پهريان داءُ هڻو. (115)

موسىٰ عَلَيۡهِ السَّلَامُ طرفان پيش ڪيل دليلن ۽ نشانين کي ڏسي فرعون جي مک ماڻهن ۽ سردارن جا هوش خطا ٿي ويا ۽ هڪ عجيب و غريب منظر ڏسڻ بعد هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا تہ هي تہ وڏو ماهر جادوگر معلوم ٿو ٿئي، جيڪو پنهنجي ڪوڙي دعوىٰ جي ثبوت ۾ حيران ڪن منظر پيش ڪري رهيو آهي. جيڪو بظاهر هڪ وڏو ڪارنامو آهي. هن جي هن

سموري عمل جو اصل منشا ۽ مقصد ائين لڳي ٿو تہ هو پنهنجي هن فن سان پنهنجن ماڻهن کي متاثر ڪري، پاڻ سان ملائي توهان کي توهان جي هن زمين تان بيدخل ڪري ۽ هتي پنهنجي حڪومت قائم ڪري ۽ هو هن وسيع ملڪ، ان جي دولت، وسيلن جو مالڪ بڻجي وڃي. توهان کي چڱي طرح معلوم آهي تہ هي مسڪين بي سرو سامان فرعون جي هيڏي وڏي حڪومت ۽ دٻدٻو ڏسي پنهنجي خيال ۾ پاڻ کي ان جو حقدار حڪمران سمجهي پنهنجي اونداهي رات کي روشن ڏينهن ڪرڻ گهري ٿو، سو هاڻي هن منصوبي کي روڪڻ لاءِ اوهان جو ڪهڙو مشورو آهي. (الشعراء: 35/26) وڏي غور و فڪر بعد هنن سيني معتبر ماڻهن فرعون کي اهو مشورو ڏنو تہ سر دست ڪجهہ نہ ڪيو. هن معاملي کي ڪجهہ وقت ڍر ڏيو، وقت جو انتظار ڪريو ۽ انهيءَ دوران پڙها ڏيندڙ هاڪارا ماڻهو مک شهرن ڏانهن موڪلي ڏيو تہ اهي ماهر تجربيڪار جادوگرن کي ساڻ وٺي اچن ۽ پوري حڪمت عملي سان هن جو مقابلو ڪري، ڪيس شڪست ڏجي تہ جيئن موسیٰ ؑ جي پيدا ڪيل فتني کي ختم ڪري عوام جي دلين ۾ پيدا ٿيل خوف خدشن ۽ ابتا سبتا خيال پيدا ٿيڻ کي زوردار طريقي سان زائل ڪري سگهجي ۽ پنهنجي قوت ۽ طاقت جو ڀرپور مظاهرو ڪري پنهنجي حيثيت ۽ مرتبي جو دفاع ڪرڻ گهرجي.

ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ڪان نهايت ناليوارا ۽ تجربيڪار ماهر جادوگر فرعون جي دربار ۾ پهچي ويا ۽ پنهنجي فن جي تعريف ۾ پرسوز ۽ پراثر بيان ڏيندي ۽ پنهنجي ڪاميابيءَ جو يقين ڏياريندي فرعون کي فرمائش ڪرڻ لڳا تہ اسان جي غالب اچڻ ڪامياب ٿيڻ ۽ مخالف جي داءَ پيچ کي ناڪاره ڪرڻ جي صورت ۾ اسان کي ضرور بهترين اجر ۽ انعام سان نوازيو ويندو. فرعون کين تسلي ڏيندي چيو تہ اوهان فڪر نہ ڪريو، انعام تہ ڇا، پر اوهان جو مقام ۽ مرتبو مقربين وارو هوندو. فرعون جي اهڙي فراخدليءَ واري وعدي کي ڏسندي، جادوگرن جو اعتماد پختو ٿي ويو ۽ اهڙي وڏي انعام حاصل ڪرڻ واسطي مقابلي لاءِ تيار ٿي ويا ۽ موسیٰ ؑ کي چيائون تہ پهريان تون پنهنجا داءُ پيچ، دليل طور پيش ڪرڻ گهرين ٿو، يا اسان پهرين پنهنجو جادو پيش ڪريون. اختيار تنهنجو آهي.

قَالَ اَلْقُوْا ۚ فَلَمَّآ اَلْقَوْا سَحَرُوْٓا اَعْيُنَ النَّاسِ وَاسْتَرْهَبُوْهُمْ وَجَآءُوْ بِسِحْرٍ
عَظِيْمٍ ﴿١١٦﴾ وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اَنْ اَلْقِ عَصَاكَ ۚ فَاِذَا هِىَ تَلْقَفُ مَا يَاْفِكُوْنَ ﴿١١٧﴾
فَوَقَعَ الْحَقُّ وَبَطَلَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١١٨﴾ فَغُلِبُوْا هُنَالِكَ وَانْقَلَبُوْا صٰغِرِيْنَ ﴿١١٩﴾
وَاُلْقِىَ السَّحَرَةُ سٰجِدِيْنَ ﴿١٢٠﴾ قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٢١﴾ رَبِّ مُوْسٰى
وَهٰرُوْنَ ﴿١٢٢﴾

حضرت موسىٰ عليه السلام وراڻيو تہ اوهان داءَ سٽيو، پوءِ جڏهن هنن پنهنجا داءَ زمين تي ڦٽا ڪيا تہ هن اکين کي سحر آلوده ۽ دلين کي خوفزده ڪري ڇڏيو ۽ جادو جا ڪافي وڏا داءَ وڏا. (116) (انهن جي جواب ۾) اسان موسىٰ عليه السلام ڏانهن وحي ڪيو تہ تون پنهنجي عصا (لٺ) کي زمين تي اڇل. هن جو اڇلڻ ٿيو تہ اک ڇنڀ ۾ هوءَ ازدها ٿي، هنن جي ڪوڙي طلسم کي ڳهڻ شروع ڪيو.(117) پوءِ حق، حق ثابت ٿيو ۽ جادوگرن جي باطل ۽ ڪوڙ تي بڌل ناهہ ’نا‘ تي ويو. (118) جادوگر ۽ فرعون ۽ هن جا حوالي موالي سڀ مقابلي ۾ مغلوب ٿي ويا ۽ فتح مندي کان محروم تي ذليل و خوار ٿي ويا. (119) ۽ جادوگرن موسىٰ عليه السلام جي ڪامياب دليلن آڏو سر تسليم خم ڪيو.(120) ۽ چوڻ لڳا تہ اسان رب العالمين کي الله تسليم ڪريون ٿا، جيڪو موسىٰ ۽ هارون عليهما السلام جو رب آهي.(121-122)

حضرت موسىٰ عليه السلام کين چيو تہ پهريان اوهان پنهنجا داءَ ڏيکاريو. سو جڏهن هنن پنهنجا داءَ وڏا تہ هنن جي جادوگريءَ جي چمڪ دمڪ جي تاثير ماڻهن جي نگاهن تي جادو ڪري ڇڏيو، جنهن جي ڪري جادوگرن طرفان اڇلايل رسيون ۽ لٺيون زمين تي نانگ ۽ ازدها وانگر ڇرنديون ڦرنديون نظر آيون، جنهن جي ڪري مجموعي تي دهشت طاري ٿي وئي ۽ جادوگرن پنهنجي فن مان جادوگريءَ جو وڏو مظاهرو ڪيو، جنهن جي ڪري موسىٰ

ﷺ گھبرائجي ويو. (طٰہٰ: 67/20، الذاريات: 51/ 38 کان 40) تہ جيڪو لٺ جو معجزو مون وٽ آهي، اهو تہ هنن بہ پيش ڪيو آهي ۽ هاڻي ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي. مان تہ الله جي طرفان هڪ عظيم مقصد سان آيو آهيان. پوءِ اسان موسىٰ ﷺ کي تسلي ڏيڻ لاءِ وحي ذريعي آگاهہ ڪيو تہ تون بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي پنهنجي لٺ زمين تي اڇل. بس عصا جو زمين تي اڇلائڻ سان هن پل گھڙي ۾ جادوگرن جي طلسم ۽ جادوگريءَ کي ڳِھڻ شروع ڪيو، جيڪي بظاهر نانگ ۽ ازدها نظر اچي رهيا هئا، مگر موسىٰ ﷺ جي عصا آڏو ڪمزور جيتامڙا ثابت ٿيا، يا سمجهو تہ رسيون ۽ لٺيون وري اصلي صورت ۾ اچي ويون ۽ نڳيءَ جو سمورو ناهہ ۽ طلسم خاڪ ۾ ملي ويو. اهڙيءَ طرح حق کي فتح نصيب ٿي ۽ باطل کي شڪست فاش آئي ۽ جادوگرن جو سمورو ڪيل تماشو انجام کي پهتو. خدا جو اٽل قانون ظهور پذير ٿيو. "جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ ؕ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا" (بني اسرائيل: 81/17) حق جو ظهور ٿيو تہ باطل نسيت و نابود ٿي ويو. بيشڪ باطل جو وجود مٽڻوئي آهي سو مٽجي ويو.

هن مظاهري ۾ موسىٰ ﷺ کي الله پاران عطا ڪيل معجزي جي ڪري سمورا جادوگر مغلوب ٿي ويا. هن شڪست فاش جي ڪري عوام جي اکين ۾ ذليل و خوار ٿي ويا، جن کي تحفن ۽ عمدن انعامن جي اميد هئي، سي ذلت ۽ خواري جي ٽوڪري سر تي کڻي روانا ٿيا ۽ موسىٰ ﷺ الله پاران مليل مشن جي ڪاميابيءَ تي خدا جا شڪرانا ادا ڪيا. حق جي هن طرح صاف صاف ڪاميابي ۽ جادوءَ جهڙي باطل عمل جي ناڪامي ڏسي فرعون ۽ ٽولي جا سر شرم سان جهڪي ويا ۽ جادوگر پنهنجي شڪست کي تسليم ڪندي حق نما حقيقتن آڏو سر تسليم خم ٿي پيا ۽ روشن دليل ڏسي چوڻ لڳا تہ اسان ڪائنات جي پروردگار تي ايمان آڻيون ٿا، جيڪو موسىٰ ۽ هارون ﷺ جو پالڻهار آهي. جنهن جو قانون اٽل ۽ ابدي آهي، جنهن جو مقابلو ڪرڻ مخلوق جي وس ۾ ناهي. اسان اهڙي يڪتا ۽ بااختيار الله کي پنهنجو معبود تسليم ڪيون ٿا.

قَالَ فِرْعَوْنُ اٰمَنْتُمْ بِهٖ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ۚ اِنَّ هٰذَا لَمَكْرٌ مَّكَرْتُمُوْهُ فِي الْمَدِيْنَةِ لِتُخْرِجُوْا مِنْهَآ اَهْلَهَا ۚ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿١٢٣﴾ لَاُقَطِّعَنَّ اَيْدِيَكُمْ

وَ اَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ ثُمَّ لَاُصَلِّبَنَّكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿۱۲۴﴾ قَالُوْٓا اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا
مُنْقَلِبُوْنَ ﴿۱۲۵﴾ وَمَا تَنْقِمُ مِنَّآ اِلَّآ اَنْ اٰمَنَّا بِاٰيٰتِ رَبِّنَا لَمَّا جَآءَتْنَا ؕ رَبَّنَآ
اَفْرِغْ عَلَيْنَا صَبْرًا وَّتَوَفَّنَا مُسْلِمِيْنَ ﴿۱۲۶﴾ ع ۱۴/۱۸/۴

جنهن تي فرعون چيو تہ توهان منهنجي اجازت کانسواءِ ايمان قبول ڪري ورتو. هي ضرور هڪ سازش (چال) آهي، جيڪا توهان ماڻهن هن شهر (سلطنت) ۾ انهيءَ ڪري ڪئي آهي تہ جيئن هن شهر جي رهواسين کي هتان نيڪالي ڏئي ڪيو. توهان کي هن سازش جو جلد نتيجو معلوم ٿي ويندو.(123) مان توهان جا هٿ پير مختلف طرفن کان ڪاٽرائيندس ۽ ان بعد توهان سڀني کي ڦاسي چاڙهيندس.(124) هنن جواب ۾ چيو تہ پوءِ ڇا ٿي پيو، اسان پنهنجي پروردگار طرف ئي واپس ورنداسون.(125) يقينًا تون اسان کان انتقام انهي ڪري وٺي رهيو آهين، جو جڏهن الله جون آيتون اسان جي سامهون آيون تہ اسان انهن تي ايمان آندو. اي پروردگار! هن آزمائش ۾ اسان تي صبر جي پالوٽ ڪر ۽ اسان جي وفات وقت اسان کي مسلمانن ۾ شمار ڪر.

جادوگرن جي اعترافِ حق وارو جواب ٻڌي، فرعون جي غصي جي باھ ڀڙڪي پئي. هو ۽ هن جا درٻاري پنهنجي رسوائي ۽ شڪست جي ذلت کي مٽائڻ ۽ ماحول جي حالت کي وڏيڪ بگڙڻ کي سهارو ڏيڻ لاءِ يڪدم هن واقعي کي سازش ۽ ملي ڀڳت جو نالو ڏئي سلطنت خلاف بغاوت جو الزام مڙهيو. سخت سزا ڏيڻ جو اعلان ڪيو. جادوگرن کي مخاطب ٿيندي فرعون چيو تہ اوهان کي اهڙي جرئت ڪيئن ٿي جو منهنجي اجازت کانسواءِ توهان ايمان آڻيو. هي هڪ وڏي سازش آهي، جيڪا اوهان گڏجي هن شهر ۾ انهي نيت سان ڪئي آهي تہ توهان هن شهر جي مقتدر باشندن کي نيڪالي ڏئي ان تي قبضو ڪريو. توهان جي هي چال ۽ سازش معمولي ناهي، جو ان کي نظرانداز ڪيو وڃي. توهان کي جلد معلوم ٿي ويندو تہ هن ڏوھ جي ڪهڙي سخت سزا آهي. مان توهان جا هٿ پير

مختلف طرفن کان ڪٽرائيندس، يعني سڄو هٿ ته کاٻو پير ۽ ساڄو پير ته کاٻو هٿ. پهريان توهان کي اهڙي ايذاءَ ڏيندڙ سزا جو سامهون ڪرڻو آهي. ان کان پوءِ سولي (ڦاسي) تي لٽڪايا ويندؤ ته جيئن اها سزا عوام جي لاءِ عبرت جو سبق بڻجي ۽ اڳتي ڪنهن کي جرئت نه ٿئي ته هو هڪ مضبوط ۽ مقبول سلطنت جي خلاف سازش سٽي بغاوت ڪري. جادوگرن ايڏي وڏي سزا کان بي پرواهي ڏيکاريندي فرعون کي چيو ته توکي جيڪي وڻئي سو ڪر. (طٰهٰ: 72/20) هاڻي اسان توکي الله معبود حقيقيءَ جي مقابلي ۾ معبود سمجهڻ کان انڪاري آهيون ۽ تنهنجي قانون کي هن جي ابدي ۽ ازلي حڪمن تي ترجيح ڏيڻ لاءِ تيار ناهيون. اسان پنهنجي اڳوڻي باطل عقيدي کان توبه تائب ٿي، منهن موڙي الله رب العالمين جي سڌي راهه اختيار ڪئي ۽ انهيءَ تي مضبوطيءَ سان رهڻ وارا آهيون. اسان کي خبر آهي ته جڏهن اسان باطل طريقي تي هئاسون ته مقبول ماڻهو هئاسون، پر هاڻ جڏهن اسان ان باطل رستي ۽ طريقي کي ڇڏي حق ۽ سچائي جي رستي تي هلڻ جو پڪو ارادو ڪيو آهي ته تون انهيءَ ڪان خوفزده ٿي اسان کي انتقام جو نشانو بڻائڻ گهرين ٿو. اسان ڪنهن به صورت ۾ گهبرائڻ وارا ناهيون ۽ نچندا ڪڏندا دار تي اچڻ وارا آهيون ۽ پنهنجي پروردگار کي عرض گذار ۽ دست بدعا آهيون ته اسان جا پروردگار! تو هن مشڪل آزمائش جي گهڙيءَ ۾ اسان کي صبر ۽ استقامت جي نعمت سان نواز ۽ اسان جي هن موت کي مسلمانن جي صف ۾ شمار ڪرڻ فرمائجان. ڇو ته اسان ڪفر ڏانهن موٽڻ کان مؤمن وارو موت مرڻ گهرون ٿا. سبحان الله ايمان جي روشني اچڻ سان انسان جا ارادا ڪيترا مضبوط ۽ اڻوٽ ٿي وڃن ٿا.

عشق ناهي راند جو ڪيڏنس ڳيرو
سسي نيزي پاند اڇل ته به اڏ ٿئي.

(شاهه لطيف رحمة الله عليه)

نه قيد و بند جو خطرو، نه ڪو دار و رسن جو ڀؤ
اهو مشتاق جو منصور جو سرمد جو ڏاج آ

(مشتاق سچاروي)

وَقَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ اَتَذَرُ مُوْسٰى وَ قَوْمَهٗ لِيُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ
وَيَذَرَكَ وَاٰلِهَتَكَ ؕ قَالَ سَنُقَتِّلُ اَبْنَآءَهُمْ وَ نَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ۚ وَاِنَّا فَوْقَهُمْ
قٰهِرُوْنَ ﴿١٢٧﴾ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهِ اسْتَعِيْنُوْا بِاللّٰهِ وَاصْبِرُوْا ۚ اِنَّ الْاَرْضَ
لِلّٰهِ ۙ يُوْرِثُهَا مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿١٢٨﴾ قَالُوْٓا اُوْذِيْنَا
مِنْ قَبْلِ اَنْ تَاْتِيَنَا وَمِنْۢ بَعْدِ مَا جِئْتَنَا ؕ قَالَ عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يُّهْلِكَ
عَدُوَّكُمْ وَيَسْتَخْلِفَكُمْ فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٢٩﴾ ع ١٥ ٥

فرعون کي ان جي مک قريبي ماڻهن چيو تہ ڇا تون موسیٰ ؑ ۽ ان جي قوم کي کليو ڇڏي ڏيندين تہ ملڪ ۾ فساد پکيڙي، توکي ۽ تنهنجن معبودن کي ترڪ ڪري. فرعون چيو اسان هنن جي پٽن کي جلد ڳولي ڳولي قتل ڪنداسون ۽ هنن جي عورتن کي زنده رهڻ ڏينداسون. اسان ائين ڪرڻ ۾ هنن تي پوري طرح حاوي آهيون. (127) ان تي موسیٰ ؑ پنهنجي قوم کي مشورو ڏنو تہ الله جي مدد طلب ڪريو ۽ صبر سان ثابت قدم رهو. زمين الله جي آهي. هو پنهنجي ٻانهن مان پنهنجي قانون مشيت سان ڪنهن کي بہ وارث بڻائي سگهي ٿو ۽ يقين ڪريو آخرڪار ڪاميابي ان جي آهي، جيڪو خدا جي قانون جي نگهباني ڪري ٿو.(128) هنن (قومِ موسیٰ) چيو تہ اسان تنهنجي اچڻ کان اڳ بہ ستايا وياسون ۽ تنهنجي اچڻ بعد بہ ستايا وڃون ٿا. موسیٰ ؑ ڪين تسلي ڏيندي چيو تہ اهو وقت ويجهو آهي، جو توهان جو پروردگار توهان جي دشمنن کي هلاڪ ڪري ڇڏي ۽ اوهان کي زمين تي اقتدار عطا ڪري. پوءِ ڏسي تہ اوهان جي ڪهڙي ڪارڪردگي آهي.(129)

فرعون جي خاص الخاص درٻارين فرعون کي چيو تہ انهن جادوگرن جي خلاف تہ

فيصلو ڪري ڇڏيو ۽ هنن کي سخت سزا جو سزاوار قرار ڏنو. پر موسىٰ عليه السلام خلاف ڪو حڪم صادر ڪو نه ڪيو آهي. هن بابت تنهنجو ڪهڙو ارادو آهي. ڇا موسىٰ عليه السلام ۽ ان جي قوم کان پڇاڻو ڪرڻ ۽ سندن ڏوهه جي سزا ڏيڻ ڪانسواءِ اهڙي طرح آزاد ڇڏي ڏيندين ته جيئن وٽين تيئن ملڪ ۾ فتنو فساد برپا ڪندو رهي ۽ پنهنجي پروپيگنڊا سان تنهنجي ۽ تنهنجي معبودن جي عبادت ۽ اطاعت کان روڪيندو رهي ۽ پنهنجا حمايتي وڌائيندو رهي. فرعون وراڻيو ته "أَنَا رَبُّكُمُ الْأَعْلَىٰ" (النّازعَات: 79/ 24) مان هن سازش کان غافل نه آهيان. هنن لاءِ منهنجو بيو فيصلو آهي. هي اسان جي محڪوم رعايا آهي. اسان هنن کي سياسي موت ماريندا سون. آهستي آهستي بني اسرائيل جي نرينه اولاد خاص طور تي هوشيار ۽ بيدار ليڊرشپ کي قتل ڪنداسون ۽ انهن جي عورتن کي زنده رکنداسون، تاڪ هنن جي قوم جي نسل جو مرحليوار خاتمو آڻي سگهجي ۽ ڪين ايترو ڪمزور ۽ بي بس ڪجي جو هو ڪنهن بئي قوم ۾ گم ٿي وڃن، هنن جون عورتون اسان جون خدمت گذار ٿي رهن. (البقره: 49/2، المؤمن: 25/40) اسان هن منصوبي کي عملي جامو پهرائڻ جي پوري قوت ۽ استطاعت رکون ٿا. موسىٰ عليه السلام پنهنجي قوم جي بي بسي ۽ فرعون جي طاقت کي ڏسي، ڪين تسلي ڏيندي چيو ته گهبرايو نه. هي اوهان جي ايمان ۽ استقلال جي آزمائش آهي. هن ڏکي گهڙيءَ ۾ الله آڏو سجده ريز ٿي عجز و نيزاري سان ان جي مدد جي درخواست ڪريو. (الفاتحه: 4/1) صبر ۽ استقلال سان هر مصيبت جو مقابلو ڪريو. يقين ڪريو ته هي زمين الله جي ملڪيت آهي، ڪنهن جي ذاتي جاگير يا وراثتي مال نه آهي. خدا جي مشيت ئي ڪنهن کي هن جو وارث بنائي ٿي، جيڪا قوم خدا جي حڪمن تي هلڻ جو عزم مصمم ڪري ٿي، ان تي ڪامل يقين ۽ ڀروسو رکي ٿي، آخرڪار اهڙي متقي ماڻهن کي سوپ حاصل ٿئي ٿي. (الانبياء: 105/21) جنهن تي موسىٰ عليه السلام جي قوم (بني اسرائيل) وراڻيو ته جڏهن تون نه هئين ته به ان وقت اسان مصيبتن ۾ گرفتار هياسون ۽ هاڻي وري تنهنجي هن اثرائتي دعوت کان خوف کائي وري بني اسرائيل جي فرزندن کي قتل ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو آهي. موسىٰ عليه السلام ڪين تسلي ڏني ته گهبرايو نه، اهو وقت قريب آهي جو اوهان جو پروردگار توهان جي دشمن کي هلاڪ ۽ برباد ڪري ۽ توهان کي هن سر زمين تي جانشين بنائي اقتدار عطا ڪري ۽ توهان کي اقتدار ملڻ بعد ڏسي ته اوهان جو عمل ڪهڙو آهي.

وَلَقَدْ اَخَذْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ بِالسِّنِيْنَ وَنَقْصٍ مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿۱۳۰﴾
فَاِذَا جَآءَتْهُمُ الْحَسَنَةُ قَالُوْا لَنَا هٰذِهٖ ۚ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ يَّطَّيَّرُوْا
بِمُوْسٰى وَمَنْ مَّعَهٗ ؕ اَلَآ اِنَّمَا طٰٓئِرُهُمْ عِنْدَ اللّٰهِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ
لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۳۱﴾ وَقَالُوْا مَهْمَا تَاْتِنَا بِهٖ مِنْ اٰيَةٍ لِّتَسْحَرَنَا بِهَا ۙ فَمَا نَحْنُ
لَكَ بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۳۲﴾ فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمُ الطُّوْفَانَ وَالْجَرَادَ وَالْقُمَّلَ وَالضَّفَادِعَ
وَالدَّمَ اٰيٰتٍ مُّفَصَّلٰتٍ ۫ فَاسْتَكْبَرُوْا وَكَانُوْا قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿۱۳۳﴾

اسان فرعون وارن کي کيترا سال قحط ۽ پيداوار جي کمي واري عذاب ۾ مبتلا رکيو تہ جيئن هوش ۾ اچن(130) مگر هنن جو اهو حال هيو، جو جڏهن سٺا ڏينهن (زمانا) ايندا هئا تہ چوندا هئا تہ اسان ان جا مستحق هياسون ۽ جڏهن برا ڏينهن (زمانا) ايندا هئا تہ ان کي موسیٰ عليه السلام ۽ سندس جماعت جي نحوست (بدفال) سڏيندا هئا. حالانڪ هنن جي نحوست تہ الله (قانون مشيت) وٽان هئي. مگر انهن مان اڪثر بي خبر هئا.(131) هنن موسیٰ عليه السلام کي چيو تہ پلي تون اسان کي سحر زده (مسحور) ڪرڻ لاءِ کهڙي بہ آيت (نشاني) پيش ڪر تڏهن بہ اسان تنهنجي دعوت قبول ڪرڻ وارا ناهيون. (132) آخرڪار اسان هنن تي طوفان موڪليو. مڪڙ موڪليا، جونئن، ڏيڏرن جو حملو ڪرايو ۽ خون رت جي راند ڪئي. هي سڀ نشانيون چٽيون تفصيل وار هيون، مگر هو سرڪشي ڪندا رهيا. هو وڏا ڏوهاري ماڻهو هئا. (133)

جڏهن ڪنهن نبي مڪرم جي دعوت قومن کي خبردار ڪرڻ ۽ جهنجهوڙڻ واري مرحلي ۾ پهچندي آهي تہ پوءِ انهن قومن کي طرح طرح جي آزمائش مان گذرڻو پوندو

آهي. الله جي انهيءَ سنت ۽ اصول مطابق (الاعراف: 94/7) فرعون جي ظالماڻي نظام جا مڪافات عمل ذريعي نتيجا نڪرڻ شروع ٿيا، جنهن جي ڪري ملڪ ۾ ڪيترا سال قحط پيو ۽ فصلن جي پيداوار ۾ ڪمي اچي وئي، جنهن سان معاشري ۾ معاشي ۽ غذائي مشڪلاتون پيدا ٿيون. هن تنبيه مان هنن کي سڌرڻ جي ضرورت هئي، مگر هنن کي ڪو هوش نه آيو ۽ ”وہی رفتار بے ڈھنگی جو پہلے تھی ابھی بھی ہے۔“ باقي رهي.

پر هنن جي ڪيفيت اها هئي، جو جڏهن خوشحاليءَ جا ڏينهن يا زمانو ايندو هو ته چوندا هئا هي اسان جو حق هيو. هي اسان جي چڱي انتظامي ڪارڪردگي جو نتيجو آهي، ڪنهن جو ٿورو ٿڌو ناهي. وري جڏهن سختي يا بدحالي ٿيندي هئي ته چوندا هئا ته هي موسیٰ ؑ ۽ ان جي ساٿين جي منحوسيت جو نتيجو آهي. دراصل اها مصيبت موسیٰ ؑ ۽ ان جي جماعت جي نحوست جي ڪري ڪا نه هئي. پر اها هنن جي غلط روش ۽ ظالماڻي نظام جو نتيجو هيو، جيڪو مشيت خداوندي جي اٽل قانون مطابق رونما ٿيو. مگر افسوس آهي، جو اڪثر ماڻهو هن حقيقت کان آگاهه نه آهن ۽ هو پنهنجي بداعماليءَ جو جائزو وٺڻ بدران ٻين ماڻهن کي ان جو ذميدار قرار ڏئي خود فريبي ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن. فرعون ۽ ان جي قوم جي هٺ ڌرمي انهيءَ حد تائين هئي، جو هو صحيح ۽ غلط ۾ تفريق ڪرڻ جا اهل نه رهيا. پوري ملڪ ۾ قحط ۽ پيداوار ۾ گهٽتائيءَ کي پنهنجن ڪوتاهين سان جوڙڻ بدران حضرت موسیٰ ؑ کي چوڻ لڳا، پنهنجو مذهب مڃائڻ لاءِ جيترو به زور لڳائي سگهين ۽ پنهنجي جادو ۽ نحوست سان جيتريون مصيبتون به آڻي سگهين پلي اسان تي آڻ، اسان تنهنجي هنن هٿڪندن کان دٻجڻ وارا نه آهيون. (النمل: 14-13/27) حالانڪ کين معلوم هيو ته پوري ملڪ ۾ قحط طوفان يا پيداوار جي تنگيءَ جو سبب جادو ٽي نٽو سگهي پر پوءِ به هو ان جو ڪارڻ موسیٰ ؑ کي ڏئي رهيا هئا. هنن تي وڏا طوفان آيا، جنهن جي ڪري هنن جا گهر ۽ آباديون هوا ۾ اڏامي ويون. مڪڙن ملڪ ۾ تباهي مچائي ڇڏي. فصلن کي تباهه ڪرڻ وارا ڪيڙا مڪوڙا پيدا ٿي ويا، بدني بيماريون ٿي پيون. ڏيڏرن جي گهڻائي ٿي وئي. فساد خون جهڙيون بيماريون لاحق ٿيون، يا خون خرابو عام ٿي ويو. قسم قسم جون مصيبتون منهن ڪڍڻ لڳيون. اهي سمورا حادثا ٻڌائي رهيا هئا ته ملڪ جو معاشي، معاشرتي ۽ انتظامي نظام بگڙڻ جي ڪري هي ان جا نتيجا

آهن. پر هي عقل جا انڌا عيش و عشرت جي خود فريبيءَ واري سوچ ۾ پاڻ کي بي قصور ۽ موسىٰ عليه السلام جي نحوست ۽ جادوگري کي ان جو ڪارڻ قرار ڏئي رهيا هئا ۽ پنهنجي غرور ۽ سرڪشيءَ ۾ قائل رهيا ۽ حقيقت ۾ وڏا ڏوهاري هئا.

وَلَمَّا وَقَعَ عَلَيْهِمُ الرِّجْزُ قَالُوْا يٰمُوْسَى ادْعُ لَنَا رَبَّكَ بِمَا عَهِدَ عِنْدَكَ ۚ
لَئِنْ كَشَفْتَ عَنَّا الرِّجْزَ لَنُؤْمِنَنَّ لَكَ وَ لَنُرْسِلَنَّ مَعَكَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۚ ﴿۱۳۴﴾
فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُمُ الرِّجْزَ اِلٰٓى اَجَلٍ هُمْ بٰلِغُوْهُ اِذَا هُمْ يَنْكُثُوْنَ ﴿۱۳۵﴾
فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَاَغْرَقْنٰهُمْ فِي الْيَمِّ بِاَنَّهُمْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَ كَانُوْا عَنْهَا
غٰفِلِيْنَ ﴿۱۳۶﴾ وَ اَوْرَثْنَا الْقَوْمَ الَّذِيْنَ كَانُوْا يُسْتَضْعَفُوْنَ مَشَارِقَ الْاَرْضِ
وَ مَغَارِبَهَا الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا ۭ وَتَمَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ الْحُسْنٰى عَلٰى بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۙ
بِمَا صَبَرُوْا ۭ وَدَمَّرْنَا مَا كَانَ يَصْنَعُ فِرْعَوْنُ وَقَوْمُهٗ وَمَا كَانُوْا يَعْرِشُوْنَ ﴿۱۳۷﴾ ربع

جڏهن هنن تي ڪا آفت ايندي هئي تہ چوندا هئا تہ اي موسىٰ! توکي تنهنجي پالڻهار طرفان جيڪو عهد (منصب) عطا ٿيو آهي، ان جي آڌار تي اسان جي حق ۾ دعا ڪر ۽ جيڪڏهن هي آفت هينئر هٽجي وئي تہ پوءِ اسان تنهنجي ڳالهہ ضرور قبول ڪنداسون ۽ بني اسرائيل کي توسان گڏ وڃڻ ڏينداسون.(134) مگر جڏهن اسان انهن تان هڪ مقرر مدت تائين جنهن کي هو پهتا، عذاب ٽاري ڇڏيو تہ يڪدم هو پنهنجي وعدي تان ڦري ويا.(135) تہ پوءِ اسان هنن کان انتقام ورتو ۽ سمنڊ ۾ غرق ڪيو، انهي ڪري جو هنن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو ۽ ان کان بي پرواهہ ٿي ويا هئا.(136) ۽ انهن جي جاءِ تي اسان انهن ڪمزور قومن کي وٺي آياسون ۽ ڪين هن زمين جي مشرق ۽ مغرب جو وارث بنايوسون، جنهن زمين کي اسان پنهنجن برڪتن سان مالا مال ڪيو هو.

**اهڙيءَ طرح بني اسرائيل جي حق ۾ ڀلائي جو تنهنجي رب وارو وعدو پورو ٿيو. ان ڪري جو هنن (مصيبتن ۾) صبر ۽ استقلال کان ڪم ورتو هو ۽ اسان فرعون ۽ ان جي قوم جو اهو سڀ ڪجهه برباد ڪري ڇڏيو جيڪو ڪجهه هو شهرن ۾ محلات ناهيندا ۽ باغن ۾ انگورن جون ولهيون چاڙهيندا هئا. (137)**

جڏهن فرعون ۽ ان جي قوم وارا ڪنهن عذاب ۽ آفت هيٺ ايندا هئا ۽ پنهنجن حيلن وسيلن کان نااميد ٿي ويندا هئا ته پوءِ موسىٰ ﷺ ڏي رجوع ڪندا هئا ۽ ڪيس عرض گذار ٿيندا هئا ته اي موسىٰ ﷺ! ان عهد جي آڌار تي جيڪو الله توسان ڪيو آهي، پنهنجي پروردگار کان دعا گهر جيڪڏهن تنهنجي دعا سان هي عذاب ٽري وڃي ته اسان بني اسرائيل کي توسان گڏ وڃڻ ڏينداسون. سو جيستائين هنن تي اهو عذاب رهڻو هيو، تيستائين رهيو. ان مقرر مدت کان پوءِ جڏهن به ڪجهه عرصي لاءِ کين مهلت ڏئي، سختيءَ کي دور ڪيوسون ته هنن پنهنجي عهد جي پاسداري ڪرڻ بدران عهد شڪني ڪئي. نه پنهنجي اصلاح ڪئي ۽ نه وري بني اسرائيل کي حضرت موسىٰ ﷺ سان گڏ وڃڻ ڏنو ۽ اهو چئي خاموش رهيا ته هي سڀ ڪجهه زماني جي گردش جو نتيجو آهي. قانون قدرت موجب مصيبت انسان ڏانهن نه ايندي آهي، پر انسان پاڻ مصيبت ڏانهن ويندو آهي. خدا وٽ خير آهي، شر انسان پيدا ڪندو آهي. جڏهن اهڙي طرح هر وعدي جي خلاف ورزي ڪندا رهيا ۽ لڳاتار قانون شڪني جا مرتڪب ٿيندا رهيا ۽ انهن جي مڪافات عمل واري قانون موجب ٿيندڙ نتيجن کان بي پرواهه ٿيا ته نيٺ اسان جي طرفان هنن کي عذاب ۽ آفت گهيري ورتو ۽ صورتحال اها ٿي، جو هو موسىٰ ﷺ ۽ سندس قوم جو تعاقب ڪندي سمنڊ (يا درياهه) ۾ گهڙي پيا ۽ غرق ٿي ويا، انهي ڪري جو هو اسان جي حڪمن کان غافل ۽ انهن جي تعميل کان لاپرواهه هئا. جنهن قوم (بني اسرائيل) کي فرعون وارا ڪمزور، محڪوم ۽ ذليل ۽ خوار سمجهندا هئا، انهن کي مشڪل مرحلن جي آزمائش مان گذاري، ان ملڪ جي مشرقي ۽ مغربي حصن جو وارث (اقتدار ڏئي) ڪري ڇڏيو. هي اهو وعدو آهي، جو موسىٰ ﷺ سان ڪيو ويو هيو. (الاعراف: 7/129-128) اهڙيءَ طرح بين بيانن ۾ آهي: "وَتُعِزُّ مَنْ تَشَآءُ وَتُذِلُّ مَنْ تَشَآءُ" (آل عمران: 3/26، يوسف: 12/56،

ابراهيم: 14/14، الانبياء: 105/21، الحج: 41/22، النور: 55/24، القصص: 28/6-5) هي سمورو
خطو قدرتي خزانن ۽ هر طرح جي پيداوار سان مالا مال هيو. اهڙي طرح تنهنجي رب جو
منصوبو بني اسرائيل جي حق ۾ خير خوبي سان پايہ تڪميل تي پهتو. انهيءَ ڪري جو
مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ هنن جو صبر ۽ استقلال قائم رهيو ۽ پنهنجي عملي جدوجهد
۾ لڳاتار وڏي استقامت ۽ حوصلي جو ثبوت ڏنو ۽ ان جي برعڪس اسان فرعون ۽ ان جي
قوم جو سڀ ڪجهہ برباد ڪري مٽي ۾ ملائي ڇڏيو، جيڪي هو عاليشان محلات اڏيندا
هئا ۽ باغن ۾ (انگورن) جون ولهيون چاڙهيندا هئا.

وَجٰوَزْنَا بِبَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ الْبَحْرَ فَاَتَوْا عَلٰي قَوْمٍ يَّعْكُفُوْنَ عَلٰٓي اَصْنَامٍ لَّهُمْ ۚ
قَالُوْا يٰمُوْسَى اجْعَلْ لَّنَآ اِلٰهًا كَمَا لَهُمْ اٰلِهَةٌ ۭ قَالَ اِنَّكُمْ قَوْمٌ تَجْهَلُوْنَ ١٣٨
اِنَّ هٰٓؤُلَاۗءِ مُتَبَّرٌ مَّا هُمْ فِيْهِ وَبٰطِلٌ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ١٣٩ قَالَ
اَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْغِيْكُمْ اِلٰهًا وَّهُوَ فَضَّلَكُمْ عَلَي الْعٰلَمِيْنَ ١٤٠ وَاِذْ اَنْجَيْنٰكُمْ مِّنْ
اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْۗءَ الْعَذَابِ ۚ يُقَتِّلُوْنَ اَبْنَاۗءَكُمْ وَيَسْتَحْيُوْنَ
نِسَاۗءَكُمْ ۭ وَفِيْ ذٰلِكُمْ بَلَاۗءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ١٤١ ع ١٦/١٢

(فرعون لشڪر سميت ٻڏي ويو) پر بني اسرائيل کي اسان سمنڊ کان پار
ڪرائي ڇڏيو، پوءِ رستي ۾ اهڙي قوم وٽان سندن گذر ٿيو، جو اها پنهنجي چند
بتن جي بندگي (پوڄا) ڪندي هئي. بني اسرائيل موسیٰ عليه السلام کي چيو تہ اسان
لاءِ بہ اهڙو معبود پيدا ڪر، جهڙو هن ماڻهن جو معبود آهي. موسیٰ عليه السلام چيو تہ
اوهان وڏا جاهل آهيو.(138) هو جنهن عمل ۾ رڌل آهن، اهو تهس نهس ٿيڻ
وارو آهي ۽ جيڪو ڪم هو ڪري رهيا آهن، اهو باطل آهي.(139) پوءِ موسیٰ
عليه السلام کين چيو تہ ڇا الله کانسواءِ ڪو ٻيو معبود اوهان لاءِ تلاش ڪريان؟

حالانڪ اهو الله ئي آهي، جنهن اوهان کي دنيا ڀر جي قومن تي فضيلت عطا ڪئي آهي.(140) ياد ڪريو جڏهن اسان توهان کي فرعون وارن کان نجات ڏياري جن اوهان کي سخت عذاب ۾ مبتلا ڪيو هو. هو توهان جي نامور فرزندن کي قتل ڪندا هئا ۽ اوهان جي عورتن کي زنده ڇڏيندا هئا. هن ۾ توهان جي رب پاران وڏي آزمائش (پرک) هئي.(141)

بني اسرائيل جو تعاقب ڪندي فرعون لشڪر سميت سمنڊ ۾ غرق ٿي ويو، پر بني اسرائيل الله جي حفاظت ۾ سمنڊ پار ڪري ويا. (البقره: 50/2) رستي ويندي هنن جو گذر اهڙي قوم وٽان ٿيو، جيڪا پنهنجن بتن جي پوڄا ۾ مشغول هئي (اهڙي ماحول ۾ هنن بني اسرائيل جي عمر گذري هئي) سو موسیٰ عليه السلام جي قوم ڪيس چيو ته جهڙي قسم جا هنن ماڻهن جا ديوتا آهن، اهڙي قسم جو ديوتا (معبود) اسان کي عنايت ڪر. بني اسرائيل جن جي پوري زندگي پنهنجن آقائن ۽ سردارن جي غلاميءَ ۾ گذري هئي ۽ هنن انهن آقائن کي بتن آڏو سجده ريز ٿيندي ڏٺو هو، تن کي جڏهن اهڙو ئي بت خانو نظر اچي ويو ته ڪيترن بگڙيل اهل ڪتاب مسلمانن جون پيشانيون انهن آڏو سجده ريز ٿيڻ لاءِ بي تاب ٿي ويون. جنهن تي موسیٰ عليه السلام کين چيو ته اوهان وڏا جاهل آهيو، جو اهڙا غلط مطالبا ڪري رهيا آهيو. توهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته اوهان جي ڪتاب توريت ۾ واضح احڪام آهن ته صرف هڪ الله جي عبادت ۽ اطاعت ڪرڻي آهي، پر جنهن طريقي جي هي بت پرست پيروي ڪري رهيا آهن، ان کي ڪو بقا ناهي. هنن جي اها انڌي پيروي تباهه ٿيڻ واري آهي ۽ هنن جي هن ناڪاره عمل جو نتيجو بربادي ۽ تخريب کان سواءِ ڪجهه ناهي. ڇا اوهان جي اها گهر آهي ته مان اوهان کي الله جي جاءِ تي ڪو ٻيو معبود يا ڪارساز آڻي ڏيان، جنهن جي عبادت ڪري، اوهان ڪاميابي حاصل ڪري ڪونه سگهندا. الٽو عذاب الاهي جا مستحق ٿيندا. اوهان پنهنجي پروردگار جا احسان ياد ڪريو، جنهن اوهان کي توهان جي دور ۾ سڀ قومن تي فضيلت ۽ برتري عطا ڪئي آهي. خدا جي انهيءَ احسان کان علاوه اهو وقت به ياد ڪريو جڏهن اوهان فرعون جي قوم جي غلاميءَ ۾ هيا.

ذلت ۽ خواريءَ جي زندگي بسر ڪري رهيا هئا. ”نہ پاءِ رفتن نہ جاءِ ماندن“ نہ ڀڄي نڪرڻ جو رستو نہ وري رهڻ جو سڪ، اهڙي بري حالت کان الله اوهان کي نجات ڏياري. (البقره: 49/2، المؤمن: 25/40) هو اوهان جي فرزندانِ قوم جهڙي اولاد کي قتل ڪندا هئا ۽ عورتن کي زنده ڇڏيندا هئا. (القصص: 4/28) تہ جيئن اوهان جي قوم ختم ٿي وڃي يا ايتري ڪمزور ۽ بيوس هجي، جو ٻي قوم ۾ شامل ٿي وڃي. اها نجات اوهان لاءِ خدا جي وڏي نعمت هئي يا اهو عذاب اوهان لاءِ الله جي وڏي آزمائش هئي.

هتي ذبح ڪرڻ لاءِ ”اَبْنَآئِكُمْ“ (اوهان جا پٽ) چيو ويو آهي، جنهن سان پوري شفقت جو جذبو ابري ٿو ۽ ابناءَ جي مقابلي ۾ بنات بدران ”نِسَآء“ يعني عورتون آيو آهي، جنهن سان غيرت کي حرڪت اچي ٿي.(البيان)

وَوٰعَدْنَا مُوْسٰى ثَلٰثِيْنَ لَيْلَةً وَّاَتْمَمْنٰهَا بِعَشْرٍ فَتَمَّ مِيْقَاتُ رَبِّهٖۤ اَرْبَعِيْنَ
لَيْلَةً ۚ وَقَالَ مُوْسٰى لِاَخِيْهِ هٰرُوْنَ اخْلُفْنِيْ فِيْ قَوْمِيْ وَاَصْلِحْ وَلَا تَتَّبِعْ
سَبِيْلَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿١٤٢﴾ وَلَمَّا جَآءَ مُوْسٰى لِمِيْقَاتِنَا وَكَلَّمَهٗ رَبُّهٗ ۙ قَالَ
رَبِّ اَرِنِيْۤ اَنْظُرْ اِلَيْكَ ؕ قَالَ لَنْ تَرٰىنِيْ وَلٰكِنِ انْظُرْ اِلَى الْجَبَلِ فَاِنِ
اسْتَقَرَّ مَكَانَهٗ فَسَوْفَ تَرٰىنِيْ ۚ فَلَمَّا تَجَلّٰى رَبُّهٗ لِلْجَبَلِ جَعَلَهٗ دَكًّا وَّخَرَّ
مُوْسٰى صَعِقًا ۚ فَلَمَّاۤ اَفَاقَ قَالَ سُبْحٰنَكَ تُبْتُ اِلَيْكَ وَاَنَا اَوَّلُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٤٣﴾
قَالَ يٰمُوْسٰۤى اِنِّى اصْطَفَيْتُكَ عَلَى النَّاسِ بِرِسٰلٰتِيْ وَبِكَلَامِيْ ۖ فَخُذْ مَاۤ اٰتَيْتُكَ
وَكُنْ مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿١٤٤﴾

اسان موسىٰ عليه السلام کي ٽيهہ راتين ۽ (ڏينهن) جي لاءِ (ڪوهہ سينا تي) طلب ڪيو ۽ بعد ڏهہ (رات ڏينهن) جو اضافو ڪيو، اهڙيءَ طرح هن جي رب جي مقرر ڪيل مدت پوري ٿي وئي. موسىٰ عليه السلام پنهنجي ڀاءُ هارون عليه السلام کي چيو تہ

منهنجي وڃڻ بعد منهنجي قوم جي منهنجي پاران جانشاني ڪجانءِ ۽ بگاڙ پيدا ڪندڙن جي طريقي تي نہ هلندين.(142) پوءِ جڏهن هو مقرر ڪيل وقت تي پهتو ۽ هن جي رب هن سان ڪلام ڪيو تہ موسىٰ عليه السلام چيو اي منهنجا رب! مون کي جلوو ڏيکار تہ مان تو کي ڏسي سگهان، فرمايائين تہ تون مون کي ڏسي نٿو سگهين، البته هن جبل جي طرف ڏس جيڪڏهن اهو پنهنجي جڳه تي قائم رهي تہ پوءِ تون مون کي ڏسي سگهين ٿو. پوءِ جڏهن هن جي پروردگار جبل تي تجلي ڪئي تہ اهو پورا پورا ٿي پيو ۽ موسىٰ عليه السلام بيهوش ٿي ڪري پيو. پوءِ جڏهن هوش ۾ آيو تہ چيائين اي منهنجا رب! تون پاڪ آهين مان تنهنجي حضور توبه ڪريان ٿو ۽ گواهي ڏيان ٿو تہ مان سڀ کان پهريان مڃڻ وارو آهيان. (143) فرمايائين تہ اي موسىٰ عليه السلام مون پنهنجي پيغام ۽ ڪلام سان توکي ماڻهن تي ترجيح ڏئي منتخب ڪيو آهي، جو ڪجهہ مون توکي ڏنو آهي. اهو وٺ ۽ شڪر ادا ڪر.(144)

بني اسرائيل جڏهن فرعون جي غلامي ۽ محڪومي مان آزاد ٿي حضرت موسىٰ عليه السلام جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ قوم جي صورت اختيار ڪئي تہ ڪين صحيح زندگيءَ گذارڻ لاءِ شريعت جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. ان ڪري الله تعالىٰ چاليهہ راتين ۽ ڏينهن جي لاءِ ڪوهہ طور تي حضرت موسىٰ عليه السلام کي طلب ڪيو، جتي موسىٰ عليه السلام شب و روز عبادت، تفَڪُّر ۽ تدبُّر سان دل و دماغ کي ترو تازه ڪري تہ جيئن الله طرفان عنايت ٿيندڙ حڪمن لاءِ سندس استعداد ۽ صلاحيت کي وڌيڪ تقويت ملي ۽ الله طرفان عطا ٿيندڙ احڪامن کي پنهنجي قوم تائين پهچائڻ ۾ ڪا ڪمي رهجي نہ وڃي. (البقره: 53/2) وڃڻ وقت پنهنجي ڀاءُ هارون عليه السلام کي پنهنجي قوم جي نگهداري رکڻ لاءِ جانشيني ڏني ۽ کيس چيو تہ قوم جي اصلاح جي ڪوشش جاري رک ۽ ڪنهن شرارتي عنصر جي انتشار پيدا ڪرڻ واري راهہ کان پاڻ کي پري رکجانءِ ۽ محتاط رهجان. جڏهن موسىٰ عليه السلام مقرر وقت

تي ڪوهہ طور تي پهتو ۽ الله سان هم ڪلامي ٿيو تہ شدت شوق ۽ اشتياق سبب بي اختيار عرض گذار ٿيو تہ منهنجا پروردگار! مون تي هيتري نوازش ڪئي اٿئي، جو پنهنجي همڪلاميءَ سان نوازيو اٿئي تہ هاڻي پنهنجي جلوي جو مون کي اکين سان ڏسڻ جو شرف عطا ڪر ۽ بي حجابانہ ديدار ڪرڻ فرماءِ. خداوند ڪريم هن جي انهيءَ معصوم خواهش تي اظهار ناراضگي تہ نہ ڪيو، پر ڪيس مانيٽي لهجي ۾ چيو تہ تون مون کي اکين سان نٿو ڏسي سگهين. ان ڪري تون هن پهاڙ ڏانهن نهار، جيڪڏهن اهڙو مضبوط پهاڙ پنهنجي جڳه تي باقي رهيو تہ پوءِ تون مون کي اکين سان ڏسي سگهين ٿو، تہ پوءِ جڏهن الله جي جلال ان پهاڙ تي پنهنجي نور جي تجلي ڪئي تہ پهاڙ پورا پورا ٿي ويو ۽ موسىٰ عليه السلام بي هوش ٿي زمين تي ڪري پيو. پوءِ جڏهن ڪيس هوش آيو تہ پنهنجي هن حجت تي پشيمان ٿيندي چيو تہ منهنجا رب! بيشڪ تنهنجي ذات مُنَزَّہ ۽ پاڪ آهي، اکين سان ڏسڻ ناممڪن آهي. مان يڪسوئيءَ سان تو ڏانهن ئي متوجه رهندس ۽ هن حقيقت تي سڀ کان اول ايمان رکان ٿو. الله جو فرمان ٿيو تہ اي موسىٰ (عليه السلام) مون توکي ٻين ماڻهن تي ترجيح ۽ فضيلت عطا ڪئي آهي ۽ توکي ٻن خاص نعمتن سان نوازيو آهي. هڪ تہ مون تو سان ڪلام ڪيو آهي، جنهن سان توکي منهنجي قربت نصيب ٿي ۽ تنهنجا درجات عام انسانن کان گهڻو بلند ٿي ويا، اها نبوت جي نعمت آهي ۽ ٻي نوازش اها آهي تہ تو تي ڪتاب الاهي (توريت) جو نزول ڪري، ان جي تعليمات جو مثالي پيڪر بنائي ماڻهن جي رهبري ۽ هدايت لاءِ موڪليو آهي، هي رسالت آهي. هاڻي تون احڪام خداوندي تي مضبوطي سان قائم رهہ ۽ ان جي عملي تصوير بڻجي ماڻهن جي اصلاح ۽ هدايت جاري رکي خدا جي نعمتن جو شڪر گذار بندو ٿيءُ. هي جيڪو توکي عطا ڪيو آهي اهو گهٽ ناهي، ان ڪري هن تي قناعت ڪري اکين سان ڏسڻ جي خواهش نہ ڪر.

وَكَتَبْنَا لَهٗ فِي الْاَلْوَاحِ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ مَّوْعِظَةً وَّتَفْصِيْلًا لِّكُلِّ شَيْءٍ ۚ فَخُذْهَا
بِقُوَّةٍ وَّاْمُرْ قَوْمَكَ يَاْخُذُوْا بِاَحْسَنِهَا ؕ سَاُورِيْكُمْ دَارَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿١٤٥﴾ سَاَصْرِفُ
عَنْ اٰيٰتِيَ الَّذِيْنَ يَتَكَبَّرُوْنَ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ؕ وَاِنْ يَّرَوْا كُلَّ اٰيَةٍ لَّا يُؤْمِنُوْا

بِهَا ۚ وَاِنْ يَّرَوْا سَبِيْلَ الرُّشْدِ لَا يَتَّخِذُوْهُ سَبِيْلًا ۚ وَاِنْ يَّرَوْا سَبِيْلَ الْغَيِّ يَتَّخِذُوْهُ
سَبِيْلًا ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا عَنْهَا غٰفِلِيْنَ ﴿١٤٦﴾ وَالَّذِيْنَ
كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَلِقَآءِ الْاٰخِرَةِ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ ؕ هَلْ يُجْزَوْنَ اِلَّا مَا
كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٧﴾

۽ اسان هن لاءِ تختين تي هر طرح جي نصيحت ۽ پنهنجي حڪمن جي تفصيل پوري طرح لکي ڇڏي آهي. سو موسىٰ (عليه السلام)! تون پاڻ ان تي مضبوطي سان قائم رهه ۽ پنهنجي قوم کي به ٻڌاءِ ته هو به احسن طريقي سان ان تي عمل پيرا رهن. عنقريب اوهان کي انهن نافرمان ماڻهن جا گهر ڏيکاريندس. (145) جيڪي زمين تي ناحق تڪبر ڪن ٿا، انهن جا رخ مان پنهنجي آيتن کان ڦيري ڇڏيندس. هو اهڙا ته آهن جو توڙي هر قسم جون آيتون (نشانيون) ڏسن ته به انهن تي ايمان نه آڻيندا ۽ جيڪڏهن هدايت جي راهه ڏسندا ته اها اختيار نه ڪندا، پر جيڪڏهن گمراهيءَ جو رستو ڏسندا ته ان تي هلڻ شروع ڪندا. هي ان ڪري آهي، جو هنن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو ۽ ان کان بي پرواهه رهيا. (146) اسان جي نشانين کي جنهن به ڪوڙو سمجهيو ۽ آخرت جي ملاقات جو انڪار ڪيو، انهن جا اعمال ضايع تي ويا ۽ هاڻي بدلي ۾ ته ڪين اهوئي ملندو، جيڪو عمل هنن ڪيو.(147)

۽ انهن تختين (فرهين) تي اسان موسىٰ (عليه السلام) کان لکرايو يا هن پاڻ لکيو، جن ۾ دين متعلق هر پهلو کان حڪم ۽ اخلاقي اسباق صاف صاف بيان ڪياسون. يعني وحي ٿيل سموريون هدايتون جيڪي نوع انسان جي رهبري لاءِ ضروري هيون، انهن ۾ درج هيون. انهن حڪمن ذريعي اسان موسىٰ (عليه السلام) کي آگاهه ڪيو ته پوري قوت سان هو پاڻ

انهن تي مڪمل عمل ڪري ۽ پنهنجي قوم کي حڪم ڪري ته اهي ان تي احسن طريقي سان عمل پيرا ٿين. جيڪڏهن خدا جي هنن واضح حڪمن جي دل و جان سان تعميل ڪئي وئي ته عنقريب اوهان کي نافرمان ماڻهن (قوم) جا گهر ڏيکاريندا سون. يعني فلسطين جي ان علائقي تي اوهان جا پير ڄمائيندا سون، جتي هينئر نافرمان قوم جو قبضو آهي. هن قوم خلاف جڏهن جهاد جو حڪم مليو هو ته اوهان چيو ته اسان طاقتور قوم سان مهاڏو نٿا اٽڪائي سگهون، ”اِنَّ فِيْهَا قَوْمًا جَبَّارِيْنَ“ (المائده: 24/5 ۽ 26) هاڻي توهان کي جهاد ڪري علائقو آزاد ڪرائڻو آهي ۽ ان تي قبضو ڪرڻو آهي.

احسن طريقي سان عمل پيرا ٿيڻ مان اشارو آهي ته سعادت جو مٿيون درجو حاصل ڪريو، جيئن نيڪوڪار، ابرار ۽ مقربين جا درجا الڳ الڳ درجا آهن، اهڙيءَ طرح اسلام، ايمان ۽ احسان آهي، يعني خوب کان خوبتر جي تلاش رهي. جيڪا قوم يا افراد نوع انسان جي فلاح ۽ بهبود ۽ هٽ وندائڻ کان سواءِ پنهنجي وڏائيءَ جي خواهش رکن ٿا ۽ آيات الاهي کان دور رهن ٿا ته سندن خواهش مطابق جنهن طرف هو پاڻ وڃڻ گهرن ٿا، اسان به انهن کي سندن رخ غلط راهه ڏانهن موڙي ڇڏيون ٿا. جنهن ڪري ڪا به نشاني انهن کي حق طرف آڻڻ ۾ ڪامياب نٿي ٿئي، ڇو ته اهي ماڻهو گمراهيءَ جي آخري اسٽيج تي پهچي چڪا آهن ۽ سندن سڌرڻ جي ڪا اميد نه رهي آهي. ”اِنَّ الَّذِيْنَ حَقَّتْ عَلَيْهِمْ كَلِمَتُ رَبِّكَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۝ وَلَوْ جَآءَتْهُمْ كُلُّ اٰيَةٍ حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ۝“ (يونس: 96-97/19) جن ماڻهن تي تنهنجي پروردگار جي ڳالهه ثابت ٿي چڪي آهي، اهي ايمان نه آڻيندا توڙي هنن ڏانهن هر طرح جي نشاني لاٿي وڃي. جن ماڻهن ۾ تڪبر هوندو آهي، اهي حق ۽ هدايت جي راهه کان دور رهن ٿا. وڏائي صرف الله کي سونهي ٿي. حديث قدسي ۾ آهي: ”اَلْكِبْرِيَآءُ رِدَائِيْ وَالْعَظَمَةُ اِزَارِيْ“ (صحيح مسلم) تڪبر منهنجي چادر آهي، ۽ وڏائي منهنجي گوڏ آهي. اهڙي طرح حديث شريف آهي: ”لَا يَدْخُلُ الْجَنَّةَ مَنْ كَانَ فِيْ قَلْبِهٖ مِثْقَالُ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ مِّنْ كِبْرٍ“ (صحيح مسلم) جنهن ۾ به سرنهن جي داڻي جيترو تڪبر آهي، اهو جنت ۾ هرگز داخل نه ٿيندو. هنن تڪبر ڪندڙن جو اهو حال آهي جو هو پنهنجي هڪ هڪ عمل جو نتيجو ڏسي به ونن پوءِ به صحيح روش اختيار ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. هو سڌو رستو ڏسي به ونن، پر ان تي هلڻ لاءِ تيار نه آهن. پر جيڪڏهن ڪين غلط رستو نظر اچي ته ان تي ڊوڙندا

وجن ٿا. اهو انهي ڪري آهي، جو هنن اسان جي نشانين کي ڪوڙو سمجهي انهن کان بلڪل غافل ۽ بي پرواهه ٿي ويا آهن. اهڙا انسان پلي پاڻ بڏائڻ ۾ نمايان رهن ۽ دعوىٰ ڪن ته هو معاشري جا معتبر ۽ مک انسان آهن، پر حقيقت اها آهي ته جيڪي ماڻهو به اسان جي هدايت ۽ رهنمائي وارين آيتن ۽ نشانين کي ڪوڙ جو پلندو سمجهن، يوم آخرت ۽ ان کي تسليم ڪرڻ ۽ عمل پيرا ٿيڻ جو انڪار ڪن ته انهن جي غلط روش جا نتيجا اسان جي قانون مڪافات موجب ضرور ظاهر ٿيندا. خواهه هن دنيا ۾ يا آخرت ۾ هنن جو ڪيو ڪمايو سڀ رائگان ويندو ۽ هو ڪڏهن انهن جا خوشگوار نتيجا ڏسي نه سگهندا، جن جي هو خواهش رکن ٿا.

وَاتَّخَذَ قَوْمُ مُوْسٰى مِنْۢ بَعْدِهٖ مِنْ حُلِيِّهِمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهٗ خُوَارٌ ؕ
وقف لازم اَلَمْ يَرَوْا اَنَّهٗ لَا يُكَلِّمُهُمْ وَلَا يَهْدِيْهِمْ سَبِيْلًا ۘ اِتَّخَذُوْهُ وَكَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ﴿۱۴۸﴾
وَلَمَّا سُقِطَ فِيْٓ اَيْدِيْهِمْ وَرَاَوْا اَنَّهُمْ قَدْ ضَلُّوْا ۙ قَالُوْا لَئِنْ لَّمْ يَرْحَمْنَا
رَبُّنَا وَيَغْفِرْ لَنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۱۴۹﴾ وَلَمَّا رَجَعَ مُوْسٰٓى اِلٰى قَوْمِهٖ
غَضْبَانَ اَسِفًا ۙ قَالَ بِئْسَمَا خَلَفْتُمُوْنِيْ مِنْۢ بَعْدِيْ ۚ اَعَجِلْتُمْ اَمْرَ رَبِّكُمْ ۚ
وَاَلْقَى الْاَلْوَاحَ وَاَخَذَ بِرَاْسِ اَخِيْهِ يَجُرُّهٗٓ اِلَيْهِ ؕ قَالَ ابْنَ اُمَّ اِنَّ الْقَوْمَ
اسْتَضْعَفُوْنِيْ وَكَادُوْا يَقْتُلُوْنَنِيْ ۫ۖ فَلَا تُشْمِتْ بِيَ الْاَعْدَآءَ وَلَا تَجْعَلْنِيْ
مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۵۰﴾ قَالَ رَبِّ اغْفِرْ لِيْ وَلِاَخِيْ وَاَدْخِلْنَا فِيْ رَحْمَتِكَ ۫ۖ
ع ١٨/٨ وَاَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿۱۵۱﴾ ع

موسىٰ عليه السلام جي غير حاضري ۾ ان جي پويان سندس قوم جي ماڻهن پنهنجن زيورن مان هڪ ڳابي جو پتلو ٺاهيو، جنهن ۾ رنڀڻ جهڙو آواز نڪتو ٿي. ڇا هنن کي نظر نه ٿي آيو ته نه هو انهن سان گفتگو ڪري ٿو ۽ نه ڪنهن معاملي

۾ رهنمائي ڪري ٿو. پوءِ بہ هنن ان کي معبود (ديوتا) ناهيو. هو وڏا ظالم هئا.(148) پوءِ جڏهن هنن سوچيو ۽ شرمسار ٿيا ۽ محسوس ڪيائون تہ وڏي غلطي ڪئي اٿن تہ پوءِ چوڻ لڳا، جيڪڏهن اسان جي رب اسان تي رحم ڪرڻ نہ فرمايو ۽ اسان سان درگذر جو معاملو نہ ڪيو تہ اسان برباد ٿي وينداسون.(149) (اهو ٻڌي) موسىٰ ؑ غصي ۽ غم ۾ ڀرپور، پنهنجي قوم ڏانهن واپس آيو ۽ چوڻ لڳو تہ منهنجي پويان اوهان منهنجي نمائندگي تمام خراب نموني ڪئي آهي. اوهان پنهنجي پروردگار جي حڪم اچڻ کان اڳ ئي جلدي ڪري ويٺا. فرهيون ڦٽي ڪيائين ۽ پنهنجي ڀاءُ (هارون ؑ) جي مٿي جي وارن کي پڪڙي پاڻ ڏانهن ڇڪيو، جنهن تي هن (هارون ؑ) ڪيس چيو تہ ادا! قوم جي ماڻهن مون کي دٻاءَ ۾ آندو ۽ ممڪن هو تہ هو مون کي ماري ڇڏين. پوءِ تون دشمنن کي مون تي چٽر جو موقعو نہ ڏي ۽ مون کي هن ظالم ٽولي ۾ شامل نہ ڪر.(150) تڏهن موسىٰ ؑ دعا گهري تہ اي پروردگار! مون کي ۽ منهنجي ڀاءُ کي معاف ڪرڻ فرماءِ ۽ اسان کي پنهنجي رحمت سان نواز، تون سڀ کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو ۽ مدامي رحم ڪرڻ وارو آهين.(151)

---

جنهن عرصي دوران موسىٰ ؑ الله جي سڏ تي چاليهہ ڏينهن لاءِ ڪوهہ سينا تي ويل هو تہ سندس غير موجودگيءَ ۾ هن جي پويان هن جي قوم جي ماڻهن پنهنجن زيورن مان گابي جي مورت ناهي ورتي. (طٰهٰ: 88/20) مصر ۾ رهائش دوران هو ڳئونءَ جي پوڄا واري رواج ۽ ان جي تقدس ۽ احرام کان تمام گهڻو متاثر هئا. "وَاُشۡرِبُوۡا فِىۡ قُلُوۡبِهِمُ الۡعِجۡلَ" (البقره: 93/2) يعني هنن جي دل ۾ گابو رچي بسي ويو هو. اهو گابو رنڀڻ جهڙا آواز ڪڍندو رهيو، سو ان جي پوڄا ڪرڻ لڳا. حالانڪ اهو گابو نہ هنن سان گفتگو ڪندو هو ۽ نہ وري ڪنهن معاملي ۾ هنن جي رهبري ڪندو هو. بس هو هڪ مجسمو هيو ۽ ان مان هڪ قسم جي رنڀڻ جو آواز رڳو هوا جي لهرن سبب آيو ٿي. پر هن بي جان بي بس ۽ پنهنجن هٿن جي جوڙيل مورتيءَ کي پوڄڻ لڳا ۽ شرڪ ڪري پاڻ تي وڏو ظلم ڪيائون. هڪ وڏي

عرصي جي غلامي، محرومي ۽ هنن ۾ غور فڪر جي صلاحيت ڪي ختم ڪري ڇڏيو هو ۽ احساس ڪمتري سبب هٿ جي ٺاهيل مورتين کي معبود ۽ ديوتا ڪرڻ ۾ ڪو عار نہ هيو. پر جڏهن موسىٰ عليہ السلام هنن کي تنبيه ڪئي تہ هو سوچڻ تي مجبور ٿيا ۽ پنهنجي بي سمجهيءَ تي شرمسار ٿي پيا. "سُقِطَ فِيٓ اَيۡدِيۡهِمۡ" محاورو آهي، جنهن جو مطلب نادم يا پشيمان ٿيڻ آهي. انهيءَ مورتي جي حقيقت معلوم ٿيڻ تي ڏٺائون تہ واقعي هو گمراهہ ٿي ويا آهن ۽ پڇتائڻ لڳا ۽ چيائون تہ اي اسان جا پروردگار! جيڪڏهن تو اسان جي حالت زار تي رحم ڪرڻ نہ فرمايو ۽ اسان جي غلط ۽ گناهہ کي درگذر نہ ڪيو تہ اسان برباد ٿي ويندا سون. جڏهن موسىٰ عليہ السلام ڪوهہ طور کان واپس آيو تہ ڪيس پنهنجي قوم جي هن بيهودگي ۽ بيوقوفي تي ڪاوڙ بہ آئي ۽ افسوس بہ ٿيو، جنهن تي هن پنهنجي قوم جي گمراهہ ٽولي کي چيو تہ منهنجي غير موجودگي ۾ منهنجي نمائندگي ۽ جانشاني توهان تمام بري نموني سان ڪئي. مان ڪو وڏو عرصو تہ ڪو نہ هليو ويو هوس، جو توهان مايوس ٿي ويا ۽ منهنجي اچڻ جو انتظار بہ نہ ڪيو ۽ نہ وري پنهنجي پروردگار جي احڪامن اچڻ جو انتظار ڪيو. اوهان کي ڪهڙي جلدي هئي، جو اوهان هيڏو وڏو گناهہ ڪيو. موسىٰ عليہ السلام پنهنجي قوم سان مخاطب ٿيڻ بعد تختيون (فرهيون) ڦٽو ڪري پنهنجي ڀاءُ (هارون عليہ السلام) جي مٿي جي وارن کي پڪڙي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. جنهن تي هارون عليہ السلام چيو تہ ادا (امان جا پٽ!) منهنجي قوم مون کي ڪم عمر سمجهي دٻاءَ ۾ آندو ۽ ممڪن هو تہ مون کي قتل ڪن. منهنجو ڪو ڏوهہ ناهي، مون هنن تي زور بار وجهي ان ڪري نہ روڪيو تہ متان تون چوين تہ قوم ۾ تفرقو ڇو پيدا ڪيو اٿئي. ۽ منهنجو انتظار ڇو نہ ڪيو. (طٰہٰ: 96/20) مون تي دشمنن کي کلڻ جو موقعو نہ ڏي. ۽ مون کي هن ظالم قوم ۾ شمار نہ ڪر. مان هنن جي هن فعل ۾ شريڪ ناهيان، بلڪ کين روڪيندو رهيو آهيان. جڏهن موسىٰ عليہ السلام پوري صورتحال کان آگاهہ ٿيو ۽ ڪاوڙ بہ ڪجهہ گهٽ ٿي تہ پنهنجي پروردگار ڏانهن رجوع ٿيندي دعا گهري تہ اي منهنجا پروردگار! مون کان ۽ منهنجي ڀاءُ کان جيڪا خطا ۽ ڪوتاهي ٿي آهي، ان جي نتيجن کان اسان کي محفوظ رک ۽ پنهنجي دائمي رحمت ۽ نظر عنايت هميشہ شامل حال رک. تون ئي سڀ کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهين.

اِنَّ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوا الْعِجْلَ سَيَنَالُهُمْ غَضَبٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَ ذِلَّةٌ فِي الْحَيٰوةِ
الدُّنْيَا ؕ وَكَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُفْتَرِيْنَ ﴿۱۵۲﴾ وَ الَّذِيْنَ عَمِلُوا السَّيِّاٰتِ ثُمَّ تَابُوْا مِنْ
بَعْدِهَا وَاٰمَنُوْٓا ؗ اِنَّ رَبَّكَ مِنْ بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۵۳﴾ وَلَمَّا سَكَتَ عَنْ مُّوْسَى
الْغَضَبُ اَخَذَ الْاَلْوَاحَ ۖۚ وَفِيْ نُسْخَتِهَا هُدًى وَّ رَحْمَةٌ لِّلَّذِيْنَ هُمْ لِرَبِّهِمْ
يَرْهَبُوْنَ ﴿۱۵۴﴾

ارشاد رباني ٿيو تہ جن ماڻھن گابي کي معبود ڪيو، اھي ضرور پنھنجي رب جي غضب ھيٺ ايندا ۽ دنيا جي زندگيءَ ۾ ذليل ٿيندا. ڪوڙ گھڙيندڙن کي اسان اھڙي سزا ڏيندا آھيون. (152) پر جيڪي ماڻھو برا ڪم ڪن ۽ ان بعد توبه ڪري ايمان اختيار ڪن تہ يقينًا ھن توبه ۽ ايمان بعد تنھنجو رب درگذر ڪرڻ وارو ۽ رحم ڪرڻ وارو آھي. (153) پوءِ جڏھن موسیٰ ؑ جي ڪاوڙ ختم ٿي تہ پوءِ ھن اھي تختيون (فرھيون) کڻي ورتيون جن جي تحرير سراپا ھدايت ۽ رحمت ھئي انھن ماڻھن لاءِ، جيڪي پنھنجي رب کان ڊڄن ٿا. (154)

بني اسرائيل جي قوم گابي جي عبادت جو گناھ پيغمبر جي صريح ھدايت ۽ اتمام حجت کان پوءِ ڪيو ھو، جيڪي ماڻھو ڪتاب الاھي جي ڄاڻي ٻجھي خلاف ورزي ڪن ٿا، انھن کي سندن جرم جي سزا الله دنيا ۾ ئي ڏئي ٿو. ان ڪري ھت چيو ويو تہ جن ماڻھن گابي کي معبود بنايو انھن تي عنقريب سندن رب پاران ضرور غضب ٿيندو.(البقره: 54/2) دنيا جي زندگي ۾ ذلت ۽ خواري نصيب ٿيندي. بھتان ۽ تھمت ڪندڙن کي اھڙي سزا ڏيندا آھيون. (طٰہٰ: 97/20) پر جيڪڏھن ڪنھن کان برو ڪم سرزد ٿي ويو ۽ ان کانپوءِ توبه ڪئي يعني ان کي ڇڏي ڏنو ۽ سڌي رستي ڏانھن رجوع ڪيو، پنھنجي بداعماليءَ تي شرمسار ٿيو ۽ پنھنجي اصلاح ڪري آئنده برو ڪم ڪرڻ کان باز آيو، ايمان آندو ۽ نيڪ ڪمن جو ارادو ڪيو تہ اھڙن ماڻھن لاءِ الله جي بخشش، حفاظت ۽ دائمي رحمت جو يقين آھي. معلوم ھئڻ گھرجي تہ گابي جي پوڄا جھڙي گناھ ۾ ايمان

رخصت ٿي وڃي ٿو. ان ڪري وري صدق دل سان الله جي وحدانيت تي ايمان قبولي
شرمسار ٿي گناهن کي ڇڏي واپس راهِ حق تي اچڻ سان بخشش جا دروازا کلي وڃن ٿا، پر
جيڪڏهن ماڻهو شيطاني صفت جي پيروي ڪندي تڪبر، غرور ۽ سرڪشي اختيار
ڪندو ته اهو دنيا ۾ به ذليل و خوار ٿي ويندو ۽ آخرت ۾ جهنم جي باهه جو ٻارڻ هوندو.
جڏهن ڪجهه وقت گذرڻ بعد موسىٰ عليه السلام جي ڪاوڙ گهٽجي وئي ۽ مزاج ۾ شائستگي ۽
برد باري آئي ته هن انهن فرهين کي ڪنيو، جن تي وحي الاهي جا احڪام ۽ زرين اصول
لکيل هئا ۽ خدا جي مڪافات عمل کان ڊڄندڙ ٻانهن لاءِ سڌي رستي طرف رهنمائي هئي
۽ رحمت جي يقين ڏهاني ڪئي وئي هئي. هت هدايت مان مراد دنيا جي زندگيءَ ۾
رهنمائي ملڻ ۽ قيامت ۾ الله جي رحمت ۽ عنايت جي پالوٽ جيڪا سڌي راهه تي هلڻ جو
نتيجو آهي.

وَاخْتَارَ مُوسٰى قَوْمَهٗ سَبْعِيْنَ رَجُلًا لِّمِيْقَاتِنَا ۚ فَلَمَّآ اَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ
قَالَ رَبِّ لَوْ شِئْتَ اَهْلَكْتَهُمْ مِّنْ قَبْلُ وَاِيَّايَ ۭ اَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ
السُّفَهَآءُ مِنَّا ۚ اِنْ هِيَ اِلَّا فِتْنَتُكَ ۭ تُضِلُّ بِهَا مَنْ تَشَآءُ وَتَهْدِيْ مَنْ
تَشَآءُ ۭ اَنْتَ وَلِيُّنَا فَاغْفِرْ لَنَا وَارْحَمْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ الْغٰفِرِيْنَ ﴿۱۵۵﴾ وَاكْتُبْ لَنَا
فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ اِنَّا هُدْنَآ اِلَيْكَ ۭ قَالَ عَذَابِيْٓ
اُصِيْبُ بِهٖ مَنْ اَشَآءُ ۚ وَرَحْمَتِيْ وَسِعَتْ كُلَّ شَيْءٍ ۭ فَسَاَكْتُبُهَا لِلَّذِيْنَ
يَتَّقُوْنَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَالَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِنَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۵۶﴾ ۚ اَلَّذِيْنَ
يَتَّبِعُوْنَ الرَّسُوْلَ النَّبِيَّ الْاُمِّيَّ الَّذِيْ يَجِدُوْنَهٗ مَكْتُوْبًا عِنْدَهُمْ
فِي التَّوْرٰىةِ وَالْاِنْجِيْلِ ۡ يَاْمُرُهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهٰىهُمْ عَنِ الْمُنْكَرِ وَيُحِلُّ
لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ وَيُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبٰٓئِثَ وَيَضَعُ عَنْهُمْ اِصْرَهُمْ وَالْاَغْلٰلَ الَّتِيْ

كَانَتْ عَلَيْهِمْ ؕ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَ عَزَّرُوْهُ وَ نَصَرُوْهُ وَ اتَّبَعُوا النُّوْرَ
الَّذِيْٓ اُنْزِلَ مَعَهٗٓ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۧ ﴿١٥٧﴾

ع ١٩

۽ موسىٰ عليه السلام پنهنجي قوم مان ستر ماڻهو منتخب ڪيا تہ اهي هن سان گڏ اسان
جي مقرر ڪيل وقت تي حاضر ٿين، جتي هنن کي زلزلي پڪڙي ورتو تہ موسىٰ
عليه السلام عرض ڪيو تہ پروردگار! جيڪڏهن تون گهرين ها تہ هن کان اڳ هنن کي
۽ مون کي هلاڪ ڪري ڇڏين ها. ڇا اسان کي ان فعل جي ڪري هلاڪ ڪرين
ٿو، جيڪو اسان مان ڪجهہ بي سمجهہ ماڻهن ڪيو هو. هي سڀ تنهنجي آزمائش
ئي هئي. تون پنهنجي مشيت خداوندي واري اٽل قانون جي روشني ۾ جنهن کي
گهرين، گمراهي ۾ رهڻ ڏئين ۽ جنهن کي گهرين راهہ راست تي هلڻ ڏئين، تون
ئي اسان جو ڪارساز آهين، سو اسان کي بخش ڪر ۽ اسان جي حال تي رحم
ڪرڻ فرماءِ ۽ تون ئي سڀ کان وڌيڪ بخش ڪرڻ وارو آهين. (155) ۽ اسان جي
حق ۾ هن دنيا ۾ بہ ڀلائي لکڻ جي عنايت ڪر ۽ آخرت ۾ بہ. اسان تنهنجي طرف
رجوع ڪيو آهي. فرمايائين تہ مان سزا تہ ان کي ڏيندو آهيان، جيڪو منهنجي
قانون مشيت ۾ سزا جو مستحق هوندو آهي، پر منهنجي رحمت هر طرف پکڙيل
آهي ۽ ان رحمت کي انهن ماڻهن جي حق ۾ لکندس (خاص ڪندس) جيڪي
تقوىٰ جو طريقو اختيار ڪندا، زڪوات ادا ڪندا ۽ جيڪي منهنجن آيتن تي ايمان
آڻيندا. (156) اڄ اها رحمت انهن ماڻهن لاءِ خاص آهي، جيڪي هن نبي، اُمّي
رسول صلي الله عليه وسلم جي پيروي اختيار ڪندا، جن جو ذڪر هنن کي توريت ۽ انجيل ۾ ملندو
هيو، جيڪو هنن وٽ موجود آهي. هي رسول مقبول صلي الله عليه وسلم نيڪي ڪرڻ جو حڪم
ڏئي ٿو ۽ بدي ڪرڻ کان روڪي ٿو. هنن لاءِ پاڪ شيون حلال ۽ ناپاڪ شيون
حرام ڪري ٿو ۽ هي انهن تان اهو بار هٽائي ٿو ۽ بندشون گهٽائي ٿو جيڪي
هنن تي لاڳو رهيون آهن. سو جيڪي ماڻهو بہ ان تي ايمان آڻيندا، هن جي تعظيم

**۽ تڪريم ڪندا ۽ هن جي مدد لاءِ هر وقت حاضر هوندا ۽ ان روشني ۾ پيروي اختيار ڪندا، جيڪا هن تي نازل ٿي آهي، انهيءَ صفتن وارا فلاح پائڻ وارا آهن. (157)**

بني اسرائيل جا اهي ماڻهو جيڪي آخر وقت تائين شرڪ ۾ ملوث رهيا، انهن کي قتل ڪيو ويو. هن تطهير جي عمل ڪانپوءِ اجتماعي توبه جو مرحلو هيو، جنهن جي ادائگي لاءِ ستر چونڊ ماڻهن کي موسىٰ ﷺ وٽي ڪوهه طور تي آيو. بني اسرائيل جو شرڪ وارو گناهه اجتماعي هيو، جنهن ڪين گابي جي پوڄا ۾ گرفتار ڪري ڇڏيو هو. ان ڪري پوري قوم جي نمائندگي طور ستر ماڻهن کي چونڊي اجتماعي توبه لاءِ الله جي مقرر ڪيل وقت ۽ هنڌ تي پهتو، جتي ڪين اچانڪ وڏي زلزلي گهيري ورتو. (البقره: 55/2) موسىٰ ﷺ چيو ته اسان جا پروردگار! تون جيڪڏهن گهرين ها ته اسان کي هن کان اڳ جڏهن منهنجي قوم چيو هو ته اسان الله تي ايمان تڏهن آڻيندا سون جڏهن اسان هن کي پنهنجن اکين سان ڏسون (البقره: 55/2) ان وقت هلاڪ ڪري ڇڏين ها. جڏهن ان وقت تنهنجي مشيت هلاڪ ڪرڻ واري نه هئي ۽ اسان کي هلاڪ ڪو نه ڪيو ته هاڻي ڪجهه بي سمجهه ۽ نادان ماڻهن جي غلطيءَ سبب ڪيئن هلاڪ ڪندين؟ شايد هي زلزلو اسان جي هلاڪت لاءِ ناهي، پر هڪ وڏي آزمائش آهي، اسان کي معلوم هئڻ گهرجي ته الله جو هي آزمائش وارو قانون کري ۽ کوٽي، سچي ۽ ڪوڙي کي نکاري ظاهر ڪري ته ڪير قانون مشيت جي مطابق گمراهيءَ جي راهه اختيار ڪري ٿو ۽ ڪير سڌي رستي تي هلي ٿو. يا الله! تون اسان جو ڪارساز ۽ سرپرست آهين. اسان کان جيڪا غلطي ٿي آهي، ان جي هولناڪ نتيجن کان اسان کي محفوظ رک ۽ پنهنجي رحمت سان نواز. بيشڪ تون بهترين بخشش ڪرڻ وارو آهين. اي اسان جا الله! اسان تو ڏانهن رجوع ڪيو آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي تنهنجي حوالي ڪيو آهي ۽ تنهنجي قوانين جي پيروي ڪيون ٿا. هن دنيا جي زندگي ۾ به اسان جي لاءِ بهترين حالت پيدا ڪر ۽ آخرت واري حياتيءَ ۾ به اسان کي ڀلائي سان نواز. الله فرمايو ته منهنجو عذاب قانون مشيت مطابق انهن لاءِ هوندو آهي، جيڪي منهنجي حڪمن جي خلاف ورزي ڪندا آهن، پر منهنجي رحمت جو دائرو گهڻو وسيع آهي، جيڪو ڪائنات جي هر شيءِ کي حد ڪمال تائين پهچڻ ۽ تمام ضروري اسباب مهيا ڪرڻ لاءِ صلهِ عام آهي يعني منهنجي رحمت وسيع آهي. (الانعام: 12/6-5-4، الحجرات: 56/49) عذاب

رڳو انهن جي نصيب ۾ آهي، جيڪي پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙو هڻن ٿا. پر جيڪي تقوىٰ جو اظهار ڪن ٿا ۽ زندگي محتاط طريقي سان گذارن ٿا، پنهنجا مالي وسائل ۽ صلاحيتون انسان ذات لاءِ کليو عام رکن ٿا، يعني زڪوات جو فريضو ادا ڪن ٿا ۽ اهي جيڪي اسان جي آيتن تي ايمان آڻي سر تسليم خم رکن ٿا.

تمام انسانن سان گڏ بني اسرائيل طرف خطاب آهي ته اوهان پلي زڪوات ڏيو، خيرات ۽ ڀلائيءَ جا ڪم ڪريو ۽ خدا جي رحمت جي خواهش رکو، جيڪا اڄ به هرطرف موجود آهي. ان جي حصول لاءِ پوئين آيت ۾ آيو آهي: "وَالَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِنَا يُؤْمِنُوْنَ" چئي حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ تي ايمان آڻڻ ڏانهن متوجه ڪيو ويو آهي، ورنه "يَتَّقُوْنَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَيُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِنَا" جو اسلوب به اختيار ڪري سگهيو ٿي. ان ڪري چيو ويو ته اها رحمت رڳو انهن ماڻهن جي حصي ۾ آهي، جيڪي هن رسول نبي امي خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ جن جي پيروي اختيار ڪندا، (العنڪبوت: 58/29) جنهن جو ذڪر ڪين توريت ۽ انجيل ۾ چٽو لکيل ملي ٿو. جو هنن کي نيڪيءَ جو حڪم ڏئي ٿو برائي کان روڪي ٿو. هنن لاءِ پاڪ شيون حلال ۽ ناپاڪ شيون حرام ڪري ٿو. (الانعام: 6/146-145) ۽ انهن تان اهو بار هٽائي ٿو ۽ بندشون ختم ڪري ٿو، جن جي هيٺان هو زير بار آهن ۽ جڪڙيل آهن. لهٰذا جيڪي ماڻهو به هن تي مڪمل ۽ ڪامل ايمان آڻيندا، هن جي حمايت ۽ نصرت لاءِ جان نثار رهندا. (الصف: 41/9-14) ۽ ان روشني (قرآن) جي پيروي اختيار ڪندا ۽ ان کي پنهنجي زندگي جو لازمي حصو قرار ڏيندا، جيڪو ڪتاب هن سان گڏ نازل ڪيو ويو آهي، رڳو هن راهه تي هلڻ وارن لاءِ فلاح و ڪاميابي جون بشارتون آهن. (البقره: 137/2)

قُلْ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّىْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعَاِ ۨالَّذِىْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ
وَالْاَرْضِ ۚ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ يُحْىٖ وَيُمِيْتُ ۖ فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهِ النَّبِىِّ
الْاُمِّىِّ الَّذِىْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَكَلِمٰتِهٖ وَاتَّبِعُوْهُ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿۱۵۸﴾ وَمِنْ
قَوْمِ مُوْسٰۤى اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ ﴿۱۵۹﴾ وَقَطَّعْنٰهُمُ اثْنَتَىْ عَشْرَةَ
اَسْبَاطًا اُمَمًا ؕ وَاَوْحَيْنَاۤ اِلٰى مُوْسٰۤى اِذِ اسْتَسْقٰىهُ قَوْمُهٗۤ اَنِ اضْرِبْ بِّعَصَاكَ

الْحَجَرَ ۚ فَانْۢبَجَسَتْ مِنْهُ اثْنَتَا عَشْرَةَ عَيْنًا ؕ قَدْ عَلِمَ كُلُّ اُنَاسٍ مَّشْرَبَهُمْ ؕ
وَظَلَّلْنَا عَلَيْهِمُ الْغَمَامَ وَاَنْزَلْنَا عَلَيْهِمُ الْمَنَّ وَالسَّلْوٰى ؕ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا
رَزَقْنٰكُمْ ؕ وَمَا ظَلَمُوْنَا وَلٰكِنْ كَانُوْۤا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿١٦٠﴾ وَاِذْ قِيْلَ لَهُمُ
اسْكُنُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ وَكُلُوْا مِنْهَا حَيْثُ شِئْتُمْ وَقُوْلُوْا حِطَّةٌ وَّادْخُلُوا
الْبَابَ سُجَّدًا نَّغْفِرْ لَكُمْ خَطِيْٓـٰٔتِكُمْ ؕ سَنَزِيْدُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٦١﴾ فَبَدَّلَ الَّذِيْنَ
ظَلَمُوْا مِنْهُمْ قَوْلًا غَيْرَ الَّذِيْ قِيْلَ لَهُمْ فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِجْزًا مِّنَ
السَّمَآءِ بِمَا كَانُوْا يَظْلِمُوْنَ ﴿١٦٢﴾ ع

ع ٢٠

اي پيارا حبيب خاتم النبيين ﷺ ! چؤ تہ اي نوع انسان! مان توهان سڀني لاءِ ان الله جو پيغمبر آهيان، جنهن جي آسمان ۽ زمين تي حڪمراني آهي. ان کانسواءِ ڪو بہ عبادت جو لائق ناهي، اهو ئي زندگي بخشي ٿو ۽ اهو ئي موت ڏئي ٿو پوءِ الله ۽ ان جي نبي امي خاتم النبيين ﷺ تي ايمان آڻيو، جيڪو الله ۽ ان جي ارشادات کي مڃي ٿو. ان جي پيروي ڪريو تہ اميد آهي اوهان سڌي رستي تي هجو. (158) موسیٰ عليه السلام جي قوم ۾ هڪ گروهہ اهڙو بہ هو، جيڪو حق جي مطابق هدايت ڪندو هو ۽ حق جي مطابق انصاف ڪندو هو.(159) اسان موسیٰ عليه السلام جي قوم ٻارنهن گهراڻن ۾ ونڊي ڪين مستقل گروهہ جي شڪل ڏني ۽ جڏهن موسیٰ عليه السلام کان هن جي قوم پاڻي جو مطالبو ڪيو تہ اسان هن کي وحي (اشارو) ڪيو تہ فلاڻي پهاڙ تي پنهنجي عصا (لٺ) هڻو تہ ان پهاڙ مان اچانڪ ٻارهن چشما ڦٽي پيا ۽ هر قبيلي پنهنجي پاڻي ڪڍڻ جي جڳهہ مقرر ڪئي. اسان هنن تي بادل جو ڇاچو ڪيو. هنن تي مَنّ ۽ سلویٰ لاٿو، جيڪي شيون اوهان کي عطا ٿيون آهن، اهي کائو پيئو پوءِ هنن (پنهنجي بداعمالي سبب)

اسان سان ڪا بہ زيادتي نہ ڪئي پر پاڻ سان وڏو ظلم ڪيائون.(160) اهو وقت بہ ياد ڪريو، جڏهن هنن کي چيو ويو هن شهر ۾ وڃي رهو ۽ اتان جي پيداوار مان پنهنجي مرضي موجب کائو پيئو ۽ "حِطَّةٌ، حِطَّةٌ" چوندي شهر جي دروازي مان سجده ريز ٿي داخل ٿيو، اسان اوهان جو خطائون معاف ڪنداسون ۽ احسان ۽ نيڪي ڪندڙن کي وڌيڪ نوازينداسون. (161) مگر انهن مان ظالم ماڻهن جيڪا ڳالهہ انهن کي چئي وئي هئي، ساري تبديل ڪري ڇڏي، جنهن ڪري سندن هن ظلم جي نتيجي ۾ آسمان کان عذاب موڪليو.(162)

---

اي الله جا رسول خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم ! تمام نوع انساني کي علي الاعلان ٻڌاءِ تہ مان پوري انسانيت ڏانهن خدا جو رسول ٿي آيو آهيان. مان ڪنهن قبيلي، قوم، نسل، علائقي يا مذهبي گروهہ لاءِ نہ موڪليو ويو آهيان. بني اسرائيل کي معلوم هئڻ گهرجي تہ بني اسماعيل ۽ بني اسرائيل سميت سمورن انسانن عربي عجمي، ڪارا گورا سڀ لاءِ خدا جو پيغمبر آهيان. "وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا" (سبا: 28/34) اسان توکي پوري نوع انسان ڏانهن بشير ۽ نذير ڪري موڪليو آهي. (الاحزاب: 33/46-45) "اَلَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" اهو الله جنهن جي حڪمراني آسمان ۽ زمين تي آهي، جنهن جو قانون هر هنڌ هلي ٿو. هو اقتدار جو اڪيلو بااختيار مالڪ آهي، جنهن جي هٿ وس حيات ۽ موت آهي. هاڻي توکي الله جي هن خدائي تي الله جو نبي ۽ رسول ڪري موڪلجي ٿو ۽ تون امّي آهين. (العنڪبوت: 48/29) يعني بني اسرائيل وانگر اهل ڪتاب نہ آهين، تون بني اسماعيل مان آهين، جيڪي اهل ڪتاب نہ آهن، تون امّي آهين، قيامت تائين رڳو تنهنجي رسالت ۽ نبوت پوري ڪائنات تي هوندي، تون خاتم النبيّن آهين، ان ڪري اي نوع انسان! الله ۽ الله جي رسول نبي اُمّي تي ايمان آڻيو، جيڪو الله ۽ ان جي احڪامن تي ايمان رکي ٿو. توهان ان جي پيروي اختيار ڪندو تہ سڌو رستو ملي ويندو.

جهڙي طرح هن کان اڳ بيان ٿي چڪو آهي. اهڙو هدايت نامو (تورات) موسىٰ عليه السلام کي بہ ڏنو ويو آهي. انهن مان هن جي قوم مان هڪ جماعت حق جي مطابق رهنمائي ڪندي هئي ۽ انهيءَ موجب انصاف ڪندي هئي ۽ ان سلسلي کي قائم رکندي آئي،

جيڪو يوم اول کان الله ماڻهن جي هدايت لاءِ مقرر ڪيو آهي، پر انهن مان هڪ گروهه بت پرستيءَ جي ور چڙهيل هيو، جيڪو الله جي عذاب ۾ ايندو رهيو. اسان ان قوم ڪي ٻارنهن قبيلن ۾ تقسيم ڪيو ۽ انهن کي جداگانه مستقل حيثيت ڏني هئي. (المائده: 12/5) حضرت يعقوب عليه السلام جي ٻارنهن پٽن جي ماڻهن کي ٻارنهن قبيلن ۾ تقسيم ڪيو. ”اَسۡبَاطً“ جمع آهي ”سِبۡط“ جو، جنهن جي هڪ معنىٰ اولاد جو اولاد آهي، پر هت مراد قبيلو ورتو ويو آهي، ڇوته حضرت يعقوب عليه السلام جي ٻارهن پٽن مان هرهڪ کي اولاد ٿيو، جنهن ڪري هو هڪ قبيلو يا ويڙهو ٿي ويا. ”وَبَعَثۡنَا مِنۡهُمُ اثۡنَیۡ عَشَرَ نَقِيۡبًا“ (المائده: 12/5) يعني ٻارهن قبيلا ۽ انهن جا نگران هيا. جنهن جي هر قبيلي جو سردار مقرر هو ته اهو انهن جي معاشي، معاشرتي، تمدني، اخلاقي، مذهبي ۽ فوجي حيثيت ۾ نظم و نسق قائم رکي ۽ شريعت جي حڪمن جو اجراءُ ڪري. انهن موسىٰ عليه السلام کان پاڻيءَ جو مطالبو ڪيو جنهن تي اسان موسىٰ عليه السلام کي وحي (اشارو) ڪيو ته پهاڙ جي فلاڻي چوٽي تي لٺ هڻي (تلاش ڪر) جڏهن ان پهاڙ کي ڪوليو ويو ته يڪايڪ پاڻيءَ جا ٻارنهن چشما نڪري پيا. هر قبيلي کي پنهنجو پنهنجو مشرب (پاڻي چشمو) مقرر ڪري ڏنو. پاڻي زندگيءَ جي ضمانت آهي. ”وَجَعَلۡنَا مِنَ الۡمَآءِ كُلَّ شَیۡءٍ حَیٍّ“ سو زندگي جو ڪاروان روان دوان ٿي ويو. سخت گرمين جي بچاءَ کان بادل جو سايو مهيا ڪيو ۽ سندن غذا لاءِ مَنّ ۽ سَلوىٰ جو اهتمام ڪيو ۽ ڪين چيو ته الله جون عطا ڪيل پاڪ ۽ حلال شيون جيڪي اسان اوهان کي بخشيون آهن، اهي فراخ دلي سان کائو پيئو، مگر ان کان پوءِ جيڪو رويو هنن اختيار ڪيو، هنن اسان تي ڪو ظلم نه ڪيو پر هنن پاڻ تي ظلم ڪيو. جڏهن اسان هنن کي چيو ته هن بستي (قرية) طرف يعني فلسطين جي سر زمين تي فاتحانه طور داخل ٿيو. (البقره: 58/2) ۽ اتي پنهنجي زندگي بسر ڪريو. جتي گهرو اتي رهو، پر اسان جي حڪمن آڏو سر جهڪائيندا رهو، ”حِطَّة حِطَّة“ يعني بخش بخش چوندي شهر ۾ داخل ٿيڻ وقت عجز ۽ انڪساري جو اظهار ڪيو ته اوهان جا گناهه بخش ڪنداسون ۽ احسان ۽ نيڪي جي راهه اختيار ڪندڙن کي وڌيڪ نعمتن سان نوازينداسون. مگر اوهان مان ظالم گروهه اسان جي حڪمن جي تعميل بجاءِ انهن کي تبديل ڪري ڇڏيو (البقره: 59/2) ۽ خدا جي قهر کي دعوت ڏني. هنن جي انهن ظالمانا وارداتن سبب اسان هنن تي آسمان طرفان عذاب جو فيصلو ڪيو ۽ هڪ خطرناڪ عذاب جي پيٽ چاڙهي ڇڏيو.

وقف لازم معانقة ٦ النصف عند المتأخرين

وَسْـَٔلْهُمْ عَنِ الْقَرْيَةِ الَّتِيْ كَانَتْ حَاضِرَةَ الْبَحْرِ ۘ اِذْ يَعْدُوْنَ فِي السَّبْتِ
اِذْ تَاْتِيْهِمْ حِيْتَانُهُمْ يَوْمَ سَبْتِهِمْ شُرَّعًا وَّيَوْمَ لَا يَسْبِتُوْنَ ۙ لَا تَاْتِيْهِمْ ۛ
كَذٰلِكَ ۛ نَبْلُوْهُمْ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿١٦٣﴾ وَاِذْ قَالَتْ اُمَّةٌ مِّنْهُمْ لِمَ
تَعِظُوْنَ قَوْمًا ۙ اللّٰهُ مُهْلِكُهُمْ اَوْ مُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا ؕ قَالُوْا مَعْذِرَةً
اِلٰى رَبِّكُمْ وَلَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿١٦٤﴾ فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا بِهٖۤ اَنْجَيْنَا الَّذِيْنَ
يَنْهَوْنَ عَنِ السُّوْٓءِ وَاَخَذْنَا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا بِعَذَابٍۭ بَـِٔيْسٍۭ بِمَا كَانُوْا
يَفْسُقُوْنَ ﴿١٦٥﴾

۽ هنن کان ان شهر (بستي) جو حال بہ پڇو جيڪا سمنڊ جي ڪناري تي واقع هئي ۽ هو سبت (ڇنڇر جي ڏينهن) بابت خدا جي حڪمن کان تجاوز ڪندا هئا. جڏهن تہ ان سبت (ڇنڇر) جي ڏينهن هنن جون مڇيون منهن مٿي ڪيون، هنن جي سامهون پاڻي تي مٿي نظر اينديون هيون ۽ سبت جي ڏينهن کانسواءِ ٻين ڏينهن تي اهڙيءَ طرح نہ اينديون هيون، اهو ان ڪري ٿيندو هو جو هنن جي نافرمانين ڪري ڪين آزمائيندا هئاسون.(163) ۽ هنن کي اهو بہ ياد ڏياريو جڏهن هنن مان هڪ جماعت ٻي جماعت کي چيو هو تہ توهان اهڙن ماڻهن کي نصيحت ڇو ٿا ڪيو، جن کي الله هلاڪ ڪرڻ وارو آهي. هنن جواب ڏنو تہ توهان جي پروردگار آڏو پنهنجي معذرت پيش ڪرڻ لاءِ ڪندا آهيون ۽ ان لاءِ بہ تہ هو انهيءَ نافرماني ڪرڻ ۽ خدا جي عذاب کي دعوت ڏيڻ کان بچي وڃن (164) پوءِ هو ان ياد دهاني کي بہ فراموش ڪري ويٺا، پر جن ماڻهن هنن کي ياد دهاني ڪرائي هئي ۽ برائيءَ کان روڪيندا هئا انهن کي اسان بچائي ورتو ۽ باقي سمورن کي جيڪي نافرمانيءَ جا مرتڪب هئا، انهن ظالمن کي مڪافات عمل جي قانون ۾ سخت عذاب ۾ پڪڙي وڌوسون.(165)

هي يهودي جيڪي پنهنجي گهمنڊ ۽ غرور ۾ پنهنجي پاڪائي ۽ برتريءَ جي دعويٰ ڪري رهيا آهن ۽ پاڻ کي خدا جو لاڏلو اولاد سمجهن ٿا. انهن کان ذرا ان بستي وارن بابت پڇو ته الله هنن کي سبت (ڇنڇر) واري ڏينهن نافرماني ڪرڻ تي عبرت جو نشانو ڇو بڻايو، جنهن ڏينهن هو حڪم عدولي ڪندا هئا ۽ ڪين حڪم هيو ته اهو ڏينهن خدا جي عبادت لاءِ خاص آهي، ان ڪري ان ڏينهن تي ٻيو ڪو به دنياوي ڪاروبار نه ڪيو، پر هو انهيءَ سبت (عبادت) واري ڏهاڙي منع هوندي به مڇي جو شڪار ڪندا هئا، ڇو ته ان ڏينهن مڇيون منهن ڪڍي پاڻي مٿان نظر اينديون هيون. "شُرَّعًا" جمع آهي "شارع" جو، يعني پاڻيءَ جي مٿئين حصين ۾ ايري نروار ٿيڻ. باقي ڏينهن تي اهڙي طرح منهن ڪڍي وڏي انداز ۾ نه ايندڀون هيون. اهڙيءَ طرح اسان هنن کي آزمائيندا هئاسون ته هو پنهنجي ايمان ۽ عمل کي مضبوط رکن ٿا يا نافرماني ڪري فسق و فجور جا مرتڪب ٿين ٿا. (البقره: 2/66-65) خدا جي قانون مهلت ۾ اها گنجائش آهي ته جڏهن ڪنهن قوم يا فرد ۾ فرمانبرادري بجاءِ نافرمانيءَ جو رحجان وڌي ويندو آهي ته هن لاءِ اهڙا موقعا ميسر رهندا آهن، جن ۾ هن جون پوشيده خواهشون نکري نروار ٿين. انسان تي جبر نه آهي، پر اختيار ۽ ارادو عطا ٿيل آهي. هي اِبۡتِلَآءِ (آزمائش) ذريعي باهه مان پڇي خالص سون ٿئي ٿو يا مورڳو باهه جي نذر ٿئي ٿو.(البقره: 2/65، النساء: 4/54، المائده: 5/60، النحل: 16/124) هنن نافرمان ٽولي کي سندن برادريءَ جا ڪجهه ماڻهو قانون شڪنيءَ کان باز رهڻ لاءِ نصيحت ڪندا رهندا هئا.(الاعراف: 7/159) پر هنن تي ان جو ڪو به اثر نه ٿيندو هو، ان ڪري هڪ ٽيون گروپ انهي نصيحت ڪندڙ ٽولي کي چوندو هو ته هنن نامراد ماڻهن کي وعظ ۽ نصيحت ڪري، اوهان پنهنجو وقت ڇو ٿا ضايع ڪريو، هي هنيلا هرگز هدايت حاصل ڪرڻ وارا نه آهن. هنن جا ڪارناما پڪاري پڪاري ٻڌائي رهيا آهن ته هي جلد يڪسر هلاڪ ٿي ويندا يا ڪنهن وڏي عذاب جو شڪار ٿيندا. هنن ۾ راهه راست تي اچڻ جي ڪا اميد ناهي. ان ڪري اوهان پنهنجو ڪم ڪريو ۽ هنن پنيان سڌارڻ لاءِ پنهنجو قيمتي وقت ضايع نه ڪريو. هن اصلاح طلب جماعت وراڻيو ته اسان ڪوشش ڪريون ٿا ته جيئن هو تباهيءَ کان بچي وڃن، پر جيڪڏهن هو سڌرن نٿا ته ڪم از ڪم اسان الله وٽ سرخرو ٿينداسون ته اسان انساني فريضو ادا ڪيو هو. حديث شريف جو مضمون آهي ته "جيڪڏهن

کا برائي ٿيندي ڏسو ته ان کي بزور بازو روڪي ڇڏيو، جيڪڏهن ائين نٿا ڪري سگهو ته زبان ذريعي پندو نصيحت ڪريو. پر جيڪڏهن ائين به نٿا ڪريو ته ڪم از ڪم دل ۾ ان کي خراب سمجهو“ ۽ پاڻ بچايو. ٻي صورت ۾ خدا جو واضح ارشاد آهي: ”وَاتَّقُوْا فِتْنَةً لَّا تُصِيْبَنَّ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْكُمْ خَآصَّةً“ (الانفال: 25/8) ان فتني کان بچو، جيڪو رڳو ظالمن کي نيست نابود نه ڪندو، پر ساوا به سڪن سان گڏ سڙي ويندا. هتان معلوم ٿيو ته معاشري ۾ ٽي طبقا آهن: (1) هڪڙو نافرمان طبقو، (2) ٻيو نصيحت ڪندڙ طبقو ۽ (3) ٽيون خاموش رهي مزو ڏسڻ وارو طبقو. الله جو فرمان آهي ته نجات انهن لاءِ آهي جيڪي وعظ و نصيحت ڪن ٿا، باقي ٻين لاءِ تباهي آهي.

فَلَمَّا عَتَوْا عَنْ مَّا نُهُوْا عَنْهُ قُلْنَا لَهُمْ كُوْنُوْا قِرَدَةً خٰسِـِٕيْنَ ۝١٦٦ وَاِذْ
تَاَذَّنَ رَبُّكَ لَيَبْعَثَنَّ عَلَيْهِمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَنْ يَّسُوْمُهُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ ؕ
اِنَّ رَبَّكَ لَسَرِيْعُ الْعِقَابِ ۚۖ وَاِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝١٦٧ وَقَطَّعْنٰهُمْ فِى الْاَرْضِ
اُمَمًا ۚ مِنْهُمُ الصّٰلِحُوْنَ وَمِنْهُمْ دُوْنَ ذٰلِكَ ۡ وَبَلَوْنٰهُمْ بِالْحَسَنٰتِ وَالسَّيِّاٰتِ
لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ۝١٦٨

ته پوءِ جڏهن جنهن ڪم کان روڪيا ويا هئا ۽ هو اهو ڪم سرڪشي سان ڪندا رهيا ته پوءِ اسان هنن کي چيو ته هلو ذليل بندر ٿي وڃو.(166) ۽ اهو وقت ياد ڪريو جڏهن توهان جي پروردگار هنن کي پنهنجي فيصلي کان آگاهه ڪري ڇڏيو ته قيامت جي ڏينهن تائين هو ضرور اهڙن ماڻهن کي هنن تي مسلط ڪندو رهندو، جيڪي هنن کي نهايت بڇڙو عذاب ڏيندا. بيشڪ اوهان جو رب عذاب ڏيڻ ۾ تيز آهي ۽ يقينًا بخش ڪرڻ وارو ۽ دائمي رحم ڪرڻ وارو آهي.(167) اسان هنن کي زمين تي ونڊي ورڇي الڳ الڳ ٽولن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو، ڪجهه ماڻهو انهن ۾ نيڪ هيا ته ڪي وري نيڪ نه هئا. اسان هنن

**كي چڱين برين حالتن سان آزمائيندا رهياسون تہ شايد هو (سڌي رستي ڏانهن) واپس موٽي اچن.(168)**

الله تعالىٰ ٻانهن کي گناهہ ڪرڻ شرط عذاب نٿو ڏئي، پر ڪجهہ وقت مهلت ڏئي ٿو تہ سڌري پون. جڏهن اتمام حجت پورو ٿيو ۽ مهلت جو وقت ختم ٿيو ۽ جڏهن هو سرڪشيءَ ۾ حد کان وڌي ويا، جنهن کان هنن کي روڪيو ويو هو تہ پوءِ خدا جي قانون مڪافات هنن لاءِ فيصلو ڪيو تہ ذلت و خواري جا پيڪر بندر ٿي وڃو ۽ انساني زندگي جي خوشگوار لمحن کان محروم ٿي وڃو.( البقره: 2/65-66، النساءِ: 47/4) خواهش نفس جي پيروي ۾ جڏهن هو بندرن وانگي ڪنهن بہ حڪم جا پابند نہ رهيا تہ سندن عادتن ۽ خصلتن ۾ بندرن واريون حرڪتون نظر آيون، جنهن سان هنن جي انساني سيرت وحشي جانورن واري عادت ۾ بدلجي وئي ۽ سندن سيرت ۾ تبديلي اچڻ ڪري هو بندرن وانگر ڏسجڻ لڳا، جنهن کي ڏسي آس پاس جا ماڻهو عبرت حاصل ڪندا هئا. ان وقت بني اسرائيل جي مجموعي حالت انهيءَ آخري حد تائين پهچي وئي، جو اهو وقت اچي ويو جڏهن تنهنجي رب انبياءِ بني اسرائيل ذريعي ڪين پنهنجي ان فيصلي کان آگاهہ ڪري ڇڏيو، جيڪو قانون مشيت خداونديءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿيڻ وارو هو تہ جيڪڏهن هي نامراد ماڻهو پنهنجن سرڪشين ۽ زيادتين کان باز نہ آيا تہ هنن تي هميشہ هميشہ قيامت تائين اهڙن ماڻهن کي مسلط ڪندو رهندس، جيڪي هنن کي بدترين اذيتون ڏيندا رهندا. سوره آل عمران: 112/3 ۾ آهي: "ضُرِبَتۡ عَلَيۡهِمُ الذِّلَّةُ اَيۡنَ مَا ثُقِفُوۡۤا اِلَّا بِحَبۡلٍ مِّنَ اللّٰهِ وَحَبۡلٍ مِّنَ النَّاسِ" هنن (يهودين) تي هر هنڌ ذلت جو وسڪارو ٿيندو رهندو، مگر هو الله جي يا ماڻهن جي پناهہ ۾ هجن. يعني يا اسلام قبول ڪن يا اسلامي حڪومت جا ذمي بڻجن، يا ڪنهن ٻي دنياوي حڪومت ۽ طاقت جو سهارو ۽ ساٿ وٺن. اسرائيل جا يهودي هينئر آمريڪا جي سايهِ هيٺ بيت المقدس ۽ فلسطين تي قابض آهن، پر ان شاءَ الله سلطان صلاح الدين ايوبي رحمة الله عليه جهڙا مجاهد پيدا ٿيندا ۽ يهودي پنهنجي انجام کي پهچندا. هنن الله جي حڪمن کي مذاق بڻائي ڇڏيو آهي. حالانڪ الله جو قانون اهڙين حدن کان وڌيڪ ويندڙن جي نتيجن ظاهر ڪرڻ ۽ عذاب جي گرفت ۾ آڻڻ ۾ دير نہ لڳائيندو آهي، پر ان ۾ مهلت

جو موقعو ان ڪري مهيا ڪيو ويندو آهي تہ جيئن هو پنهنجي روش کان باز اچن ۽ الله غفور رحيم جي بخشش، حفاظت ۽ دائمي رحمت وارين نعمتن سان سرفراز ٿين. هنن جي بداعمالين جي سزا جو ظهور هن طرح ٿيو تہ هنن جي اجتماعي قوت ۽ مرڪز ۾ اختلاف پيدا ٿي ويا. هرڪو هڪ قوم بدران مختلف پارٽين ۾ ونڊجي ويو. هنن ۾ ڪي ٽولا سڌارڻ جا اپاءَ وٺي رهيا هئا ۽ بگڙيل نظام کي سڌارڻ لاءِ جاکوڙ ڪري رهيا هئا، پر هن مان ڪافي ماڻهو اهڙا هئا، جيڪي برائيءَ جي ڪمن ۾ وڌو وڌ هئا. هنن جي انهن روين جي موٽ ۾ خوشحالي ۽ بدحالي جا موقعا رونما ٿيندا رهيا. اهڙيءَ طرح انفرادي طور تي هن ۾ ڪجھ ماڻهو نيڪ بہ هئا، جن گرمي، سردي، خوشحالي، بدحالي، ڏک ۽ سک جي مهلت واري قانون هيٺ ڪين ڪجھ وقت ڇڏي ڏنو، جيئن هو نيچ اونچ کي ڏسي ان مان سبق حاصل ڪن ۽ بري راھ ڇڏي الله طرف رجوع ڪن.

فَخَلَفَ مِنۢ بَعۡدِهِمۡ خَلۡفٌ وَّرِثُوا الۡكِتٰبَ يَاۡخُذُوۡنَ عَرَضَ هٰذَا الۡاَدۡنٰى
وَيَقُوۡلُوۡنَ سَيُغۡفَرُ لَنَا ۚ وَاِنۡ يَّاۡتِهِمۡ عَرَضٌ مِّثۡلُهٗ يَاۡخُذُوۡهُ ؕ اَلَمۡ يُؤۡخَذۡ
عَلَيۡهِمۡ مِّيۡثَاقُ الۡكِتٰبِ اَنۡ لَّا يَقُوۡلُوۡا عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الۡحَقَّ وَدَرَسُوۡا مَا فِيۡهِ ؕ
وَالدَّارُ الۡاٰخِرَةُ خَيۡرٌ لِّلَّذِيۡنَ يَتَّقُوۡنَ ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۱۶۹﴾ وَالَّذِيۡنَ يُمَسِّكُوۡنَ
بِالۡكِتٰبِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ؕ اِنَّا لَا نُضِيۡعُ اَجۡرَ الۡمُصۡلِحِيۡنَ ﴿۱۷۰﴾ وَاِذۡ نَتَقۡنَا
الۡجَبَلَ فَوۡقَهُمۡ كَاَنَّهٗ ظُلَّةٌ وَّظَنُّوۡۤا اَنَّهٗ وَاقِعٌۢ بِهِمۡ ۚ خُذُوۡا مَاۤ اٰتَيۡنٰكُمۡ
بِقُوَّةٍ وَّاذۡكُرُوۡا مَا فِيۡهِ لَعَلَّكُمۡ تَتَّقُوۡنَ ﴿۱۷۱﴾ ع ٢١

اڳ واري نسل (سلف صالحين) کان پوءِ اهڙا ناخلف ماڻهو ڪتاب الاهي جا وارث ٿيا، جيڪي خدا جي آيتن جي عوض دنياوي فائدا حاصل ڪرڻ لڳا ۽ دعوىٰ ڪن ٿا تہ هنن کي سڀ معاف ڪيو ويندو. پر وري جڏهن اهو حقير مال ڪين ملڻو ٿئي تہ اهو بہ حاصل ڪن ٿا. ڇا هنن کان ڪتاب بابت ميثاق (عهد) نہ ورتو

ويو آهي تہ هو الله لاءِ حق کانسواءِ کا بہ ڳالھہ منسوب نہ ڪن ۽ جيڪو ڪجھہ هن ڪتاب ۾ لکيل آهي اهو هنن چڱي طرح پڙهيو بہ آهي (پر ڪڙهيو ناهي). حقيقت اها آهي تہ تقويٰ ڪندڙن لاءِ آخرت جو گھر بهتر آهي. پوءِ ڇا اوهان سمجهو نٿا.؟ (169) ها جيڪي ماڻهو خدائي ڪتاب جي مضبوط طريقي سان پيروي ڪن ٿا ۽ جيڪي اقامة صلواة جو اهتمام ڪن ٿا، اهڙا ماڻهو اصلاح طلب آهن، جن جو اجر اسان ضايع نہ ڪنداسون. (170) ان واقعي کي بہ ياد ڪريو جڏهن پهاڙ هنن جي مٿان هيو ۽ هو پهاڙ جي دامن ۾ هئا. اهو هنن تي سايه فگن هيو ۽ هو سمجهي رهيا هئا تہ اهو هنن تي ڪِرڻ وارو آهي. ان وقت اسان هنن کي چيو هو تہ هن ڪتاب تي پابنديءَ سان عمل درآمد ڪيو ۽ جو ڪجھہ هن ۾ لکيل آهي، ان کي ياد ڪريو اميد آهي تہ اوهان متقي ٿي خدا جي عذاب کان بچي وڃو.(171)

هنن جي ابتدائي نسلن کان بعد سندن پوئيرن جيڪي هنن جا جانشين ٿيا ۽ الله جي ڪتاب جا وارث ٿيا. هنن جو اهو حال هو، جو هو دنياوي مفادن جي پويان لڳي ويا ۽ خدا جي حڪمن کي نظر انداز ڪري ڇڏيو ۽ چوندا هئا تہ اسان الله جا لاڏلا آهيون. اسان خواهہ جو ڪجھہ بہ ڪريون، اسان کي ان جي سزا نہ ملندي، پر اسان کي بخش ڪيو ويندو. هو گناهہ کي گناهہ سمجهندي بہ گناهہ ڪرڻ کان ڪيبائيندا نہ هئا ۽ نہ وري ان تي شرمنده ٿيندا يا توبه ڪندا هئا. پر ڏينهان ڏينهن وڌ هئا ۽ وري جڏهن هنن کي گناهہ ڪرڻ جو موقعو ملندو هو تہ هو ان ۾ مبتلا ٿي ويندا هئا ۽ چوندا هئا الله اسان جو پنهنجو آهي اسان کي ڪجھہ نہ چوندو. حالانڪ هو جنهن ڪتاب جا وارث ٿيا، جيڪو هنن کي دنيا جو امام ۽ اڳواڻ بنائڻ وارو هو، جنهن ڪتاب ۾ چٽو لکيل هنن کان گويا عهد ورتو ويو هو تہ اوهان الله ڏانهن ڪا بہ اهڙي شيءِ منسوب نہ ڪندا، جيڪا هن جي شايان شان نہ هجي. هميشہ حق گوئي جا حامل رهندا. پر هو دنيا جي متاع حقير جا دلداده ٿي، آخرت کي وساري وينا. حالانڪ آخرت جون نعمتون ۽ پلايون تہ انهن لاءِ مخصوص آهن، جيڪي تقويٰ ڏٺي آهن ۽ پنهنجي آخرت جي بچاءَ جو فڪر ڪن ٿا. الائي ڇو هي سنئين سڌي ڳالھہ بہ سمجهي نٿا سگهن. حالانڪ هن ڪتاب ۾ وضاحت سان بيان ڪيل آهي تہ جيڪي ماڻهو بہ ڪتاب

الاهي جي حڪمن جا پابند رهندا ۽ اقامت صلواة جو پورو پورو اهتمام ڪندا ته اسان انهن ماڻهن جي محنت ضايع ٿيڻ نه ڏينداسون، پر الله طرفان هنن کي زندگيءَ جون خوشگوار بهارون ۽ آخرت جون دائمي نوازشون عطا ٿينديون رهنديون. هو پنهنجي معاشري جي اصلاح ڪندا ۽ پاڻ به صالح ۽ نيڪ بندا هوندا.

اهو واقعو به ياد ڪرڻ ۽ عبرت حاصل ڪرڻ لائق آهي، جڏهن هنن جا اهل ايمان ماڻهو دامن ڪوه ۾ (پهاڙ لڳ) پنهنجي ايمان جي پختگي جو عهدو ڪرڻ آيا هئا ۽ ڪين هن عهد جي اهميت چڱي طرح محسوس ڪرائڻ ۽ خلاف ورزي جي صورت ۾ رب جلال جي عظمت هئڻ جو يقين محڪم ڪرڻ لاءِ خارجي دنيا ۾ پهاڙ جو اهڙو ماحول بڻايو جو زلزلي سان لرزي رهيو هيو ۽ ائين محسوس ٿي رهيو هو ته هو هڪ سائبان وانگر آهي ۽ ڪهڙي وقت به ڪري سگهي ٿو ۽ هنن کي هلاڪ ڪري سگهي ٿو. اهڙي ماحول ۾ هنن کان ڪتاب الاهي تي عمل ڪرڻ جو عهد ورتو ويو. اهو عهد بالجبر نه پر تنبيه طور هيو ته جيڪڏهن خدا سان هن عهد ڪرڻ بعد عهد جي خلاف ورزي ڪئي ته انهيءَ عظمت جلال ۽ هيبت واري رعب جو ڏٺي هن پهاڙ کي ڪنهن به وقت اوهان تي ڪيرائي تباهه ڪرڻ جي قوت ۽ اقتدار جو مالڪ آهي. ان ڪري هن ڪتاب الاهي جي حڪمن تي سخت پابنديءَ سان عمل ڪجو.

وَاِذْ اَخَذَ رَبُّكَ مِنْۢ بَنِيْٓ اٰدَمَ مِنْ ظُهُوْرِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَاَشْهَدَهُمْ عَلٰٓى
اَنْفُسِهِمْ ۚ اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ ۭ قَالُوْا بَلٰي ڔ شَهِدْنَا ڔ اَنْ تَقُوْلُوْا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اِنَّا معانقة ۷ عند المتاخرين
كُنَّا عَنْ هٰذَا غٰفِلِيْنَ ﴿۱۷۲﴾ اَوْ تَقُوْلُوْٓا اِنَّمَآ اَشْرَكَ اٰبَاۗؤُنَا مِنْ قَبْلُ وَكُنَّا
ذُرِّيَّةً مِّنْۢ بَعْدِهِمْ ۚ اَفَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿۱۷۳﴾ وَكَذٰلِكَ
نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ وَلَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿۱۷۴﴾

اي پيغمبر خاتم النبيين صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم هنن ماڻهن کي اهو وقت به ياد ڪرايو، جڏهن تنهنجي پروردگار بني آدم جي پشت مان انهن جي نسل کي آندو ۽ انهن کي خود پنهنجي مٿان گواهه بنايو ۽ اهو پڇيو ته ڇا مان توهان جو رب ناهيان؟ هنن جواب

**ڏنو ها تون ئي اسان جو رب آهين. اسان ان جي گواهي ڏيون ٿا. هي اسان ان ڪري ڪيو جو قيامت جي ڏينهن توهان ائين نہ چئو تہ اسان هن ڪان بي خبر هئاسين. (172) ۽ اهو عذر پيش ڪريو تہ شرڪ جي ابتدا تہ اسان ڪان اڳ اسان جي ابن ڏاڏن ڪئي هئي ۽ اسان ان ڪان پوءِ جي اولاد آهيون تہ پوءِ ڇا هنن غلطي ڪندڙن جي عمل (غلطي) جي سزا ۾ اسان کي هلاڪ ڪندين(173) اسان پنهنجن آيتن جو اهڙي طرح تفصيل سان بيان ڪيون ٿا تہ جيئن هنن ماڻهن تي حجت قائم ٿي وڃي تہ جيئن هو الله واري سڌي رستي تي موٽي اچن.(174)**

زمين تي وقوع پذير ٿيندڙ واقعن ۽ تاريخي حوالن ۽ ثابتين جي بيان ڪرڻ بعد هاڻي بظاهر قريش کي ياددهاني جي پيرائي ۾ نوع انسان سان جيڪو يوم اول کان آيو ۽ يوم آخر تائين رهندو، انهن کي سندن عهد فطرت جي ياد دهاني ڪرائي آهي تہ هن عالم جي تخليق کان اڳ عالم امر يا عالم ارواح ۾ تمام بني آدم کان عهد انهيءَ ڪري ورتو ويو هو تہ جيئن قيامت جي ڏينهن هنن کي هي عهد ياد ڏياري پڇيو وڃي تہ جيئن هو خدا جي حضور انڪار ڪري نہ سگهن ۽ ائين نہ چون تہ ڪنهن نبي ۽ رسول کان اهڙي دعوت ڪا نہ ملي. عهد هي هيو تہ ”ڇا مان توهان جو رب نہ آهيان“ تہ سيني چيو ”ها تون ئي اسان جو رب آهين، اسان گواهي ڏيون ٿا“. جنهن تي الله فرمايو ”اوهان پاڻ تي پاڻ گواهہ رهو ۽ روز قيامت اهو نہ چئو تہ اسان کي خبر نہ هئي“. هن سلسلي ۾ هن بنيادي عهد کانسواءِ ان عهد جي ياددهاني لاءِ منهنجا انبياء ۽ رسول ۽ ڪتاب ايندا رهندا. يا اهو عذر پيش ڪيو تہ شرڪ جو رواج اسان شروع نہ ڪيو هو، پر اسان جا اسلاف (وڏڙا) اهو چوندا آيا تہ هن ڪائنات جو نظام رڳو هڪ هستي الله جي هٿ ناهي، ان کانسواءِ ٻيا بہ قانون موجود آهن. اسان بہ انهن جي نقش قدم تي هلندا آياسون، نہ اسان کي نہ ڪا هدايت ملي ۽ نہ ڪوئي رهبرِ راهہ مليو. اسان بي قصور آهيون، اسان کي انهن جي جرم جي سزا ڏئي هلاڪ نہ ڪرڻ فرمايو. ياد رهي تہ هي ميثاق هڪ تمثيلي بيان نہ آهي، پر في الواقع پيش ٿيل روئداد آهي. هن ۾ ڪنهن شڪ جي گنجائش ناهي. هر عقل ۽ شعور وارو انسان سمجهي سگهي ٿو تہ جيڪو رب ابد کان اڄ تائين ڪائنات جو

نظام بلا خلل ۽ خرابي هلائي رهيو آهي، ان لاءِ اهڙو عالم امر ۾ عهد وٺڻ ناممڪن ناهي.

اَلَسۡتُ بِرَبِّكُمۡ جڏهن ڪَن پيوم،
قَالُوۡا بَلٰى قلب سين، تڏهن تِت چيوم
تنهين وير ڪيوم وچن ويڙهيچن سان

(شاهه لطيف رحمة الله عليه)

اسان اهڙي طرح پنهنجي آيتن (احڪامن) کي کولي کولي پوري تفصيل سان بيان ڪيون ٿا ته ماڻهو غلط رستن تي هلڻ ڇڏي صحيح رستي تي گامزن ٿين. هي تفصيل مزيد حجت آهي، جنهن جي بنياد تي هرهڪ کي الله جي حضور مجرم جي حيثيت ۾ پيش ٿي صفائي پيش ڪرڻي آهي. اگرچه هي عهد فطرت يا عهد ارواح ئي حجت لاءِ ڪافي هيو، پر الله انهيءَ عهد جي ياددهاني لاءِ انبياء، رسولن، ڪتابن ۽ صحيفن جو سلسلو وحي ذريعي جاري رکيو. حديث شريف ۾ آهي: ”كُلُّ مَوْلُوْدٍ يُوْلَدُ عَلٰى فِطْرَةِ الْاِسْلَامِ فَاَبَوَاهُ يُهَدَّانِهٖ اَوْ يُنَصِّرَانِهٖ“ (صحيحين) مون پنهنجن ٻانهن کي حنيف (يعني الله ڏانهن يڪسو ٿيڻ وارو) پيدا ڪيو آهي، پوءِ هن جا والدين هن کي يهودي يا نصارا بنائين ٿا. دين فطرت رب پاڪ جي توحيد ۽ شريعت آهي، جنهن کي ”اسلام“ سڏجي ٿو. (آل عمران: 3/19-85) ”اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ الْاِسْلَامُ“ ۽ ”مَنْ يَّبْتَغِ غَيْرَ الْاِسْلَامِ دِيْنًا فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْهُ“.

وَاتۡلُ عَلَيۡهِمۡ نَبَاَ الَّذِيۡۤ اٰتَيۡنٰهُ اٰيٰتِنَا فَانۡسَلَخَ مِنۡهَا فَاَتۡبَعَهُ الشَّيۡطٰنُ
فَكَانَ مِنَ الۡغٰوِيۡنَ ﴿١٧٥﴾ وَلَوۡ شِئۡنَا لَرَفَعۡنٰهُ بِهَا وَلٰكِنَّهٗۤ اَخۡلَدَ اِلَى الۡاَرۡضِ
وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ ۚ فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ الۡكَلۡبِ ۚ اِنۡ تَحۡمِلۡ عَلَيۡهِ يَلۡهَثۡ اَوۡ تَتۡرُكۡهُ
يَلۡهَثۡ ؕ ذٰلِكَ مَثَلُ الۡقَوۡمِ الَّذِيۡنَ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَاقۡصُصِ الۡقَصَصَ
لَعَلَّهُمۡ يَتَفَكَّرُوۡنَ ﴿١٧٦﴾ سَآءَ مَثَلَاۨ الۡقَوۡمُ الَّذِيۡنَ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا وَاَنۡفُسَهُمۡ
كَانُوۡا يَظۡلِمُوۡنَ ﴿١٧٧﴾ مَنۡ يَّهۡدِ اللّٰهُ فَهُوَ الۡمُهۡتَدِيۡ ۚ وَمَنۡ يُّضۡلِلۡ فَاُولٰٓئِكَ
هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿١٧٨﴾

۽ هنن کي ان شخص جي سرگزشت ٻـ ٻڌاءِ، جنهن کي اسان پنهنجون آيتون عطا ڪيون هيون، مگر هو انهن جي پابندي کان نڪري ويو. جنهن جو نتيجو اهو ٿيو تہ شيطان هن جي پويان پئجي ويو. آخرڪار هو گمراهن ۾ شامل ٿي ويو. (175) اسان جي مشيت ايزدي هئي تہ انهن آيتن جي ذريعي اسان هن کي بلندي عطا ڪيون ها، مگر هو تہ (بلنديءَ بجاءِ) زمين تي ڪري پيو ۽ پنهنجن خواهشن جي پٺيان لڳي پيو. ان ڪري هن جو مثال ڪتي جهڙو آهي، جڏهن توهان ان تي حملو ڪيو تہ بہ زبان لٽڪائيندو ۽ ان کي ڇڏي ڏيو تہ بہ زبان لٽڪائيندو. هي ان قوم جي تمثيل (صورت ڪشي) آهي، جنهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو. هي ڪهاڻي هنن کي ٻڌايو تہ هو غور فڪر کان ڪم وٺن. (176) اهڙن ماڻهن جو هيءُ تمام خراب مثال آهي، جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو ۽ پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪندا رهيا. (177) حقيقت اها آهي تہ جنهن لاءِ الله جي مشيت ٿئي تہ اهو ئي هدايت حاصل ڪري ٿو ۽ جيڪو خدا جي قانون ۾ گمراهہ ظاهر ٿئي تہ اهو ئي نامراد هوندو.(178)

اي نبي مڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّينَ صَلَّى اللهُ تَعَالَىٰ عَلَيْهِ وَآلِهِ! هنن کي ٻڌاءِ تہ دين هڪ ڏينهن يا هڪ رات جي عبادت جو نالو نہ آهي، مگر پوري زندگي الله سان ڪيل عهد ۽ ان جي موڪليل نبين، رسولن ۽ ڪتابن تي زندگي جي آخري سڏڪي تائين قائم رکڻو آهي. ان ڪري هنن آڏو ان شخص جي خبر بيان ڪر، جنهن کي الله تعالىٰ پنهنجي رحم و ڪرم سان پنهنجي احڪامات جو علم ڏنو هو ۽ هو ان تي پوري طرح عمل پيرا هيو ۽ هن کي زماني جي خوشحالي ۽ عروج حاصل هو. مگر بعد ۾ هو ان سودمند راهہ تان هٽي ويو ۽ خارج ٿي ويو. هن جي راهہ حق کي ڇڏڻ ۽ حيواني زندگي جي سطح تي اچڻ جي ڪري شيطان هن جي پويان پئجي ويو ۽ ان کي گمراهي طرف ڌڪليندو رهيو. آخرڪار هو گمراهہ ماڻهن ۾ شامل ٿي ويو.
هي واقعو تمثيلي ناهي، پر في الواقع حقيقي آهي. قرآن يا حديث ۾ ان شخص جو نالو نہ ورتو ويو آهي تہ جيئن جڳ ۾ ڪنهن جي ڪلم ڪلا رسوائي ڪرڻ کان جيترو

مناسب هجي، پرهيز ڪجي. هت به ائين ڪيو ويو آهي، پر هن جي ڪردار ڪي بيان ڪيو ويو آهي ته ڪو ائين نه سمجهي ته هنن جي وڏڙن مان ڪنهن ڪي بزرگي جي سَندَ عطا ٿي آهي ته پوءِ هن جي ايندڙ نسل جي شفاعت لاءِ ڪافي آهي. جو چاهي سو ڪري يا ڪجهه ڏينهن پارسائيءَ ۾ گذاري ۽ آخر ۾ گمراهه ٿي وڃي ته هن جو حساب انهي آخري حيات وارو ٿيندو. تڏهن ته عاقبة بالخير جي دعا گهرندا آهن. الله تعالىٰ جي مشيت ۾ آهي ته هو هنن آيتن تي عمل ڪرڻ سان هن کي بلند مقام تي قائم رکي ها، پر جڏهن هو پاڻ بلنديءَ بدران زمين تي ليٽي پيو ۽ پنهنجن خواهشن جو غلام ٿي ويو ۽ حق ۽ هدايت جي راهه ڇڏي، گمراهيءَ جي غار ۾ هليو ويو، ان ڪري آسمان جي بلندين تي پهچڻ بدران پنهنجي حرص و هوا جو اسير ٿي خاڪ نشين بڻجي زمين سان چنبڙي پيو ۽ مال متاع ميڙڻ لاءِ سندس منهن مان گگ نڪرندي رهي. ڇا هيئنر مسلمانن جو اهو حال نه آهي. انسان ان ڪتي مثال آهي، جنهن تي حملو ڪريو ته به زبان لٽڪائيندو، پر جيڪڏهن ڇڏي ڏيو ڪجهه نه ڪيو ته به زبان لٽڪائيندو. يعني اهڙي انسان جي هوس جي تسڪين نٿي ٿئي. هو ڪهڙيءَ به حالت ۾ ، اطمينان سان ڪو نه هوندو، پر هن ڪتي وانگر هر حالت ۾ حرص و هوا جو اسير هوندو "اَفَرَءَيۡتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ" جي تصوير ٿي ويندو. هي مثال رڳو افراد تي لاڳو نٿو ٿئي، پر قومن جي ڪردار تي به پوري طرح چسپان ٿئي ٿو. جيڪا قوم به الله جي حڪمن جي خلاف ورزي ڪندي آهي ۽ ذاتي مفادن ۽ خواهشن کي پوري ڪرڻ لاءِ جائز، ناجائز، حق، ناحق، حلال حرام جو خيال نه ڪندي آهي ته انهن جو به اهو ساڳيو حشر ٿيندو آهي. يعني نيست ۽ نابود ٿي ويندي آهي. پر جيڪڏهن الله جي آيتن ۽ رسول جي هدايتن تي پابندي ۽ مضبوطي سان عمل درآمد رهندي آهي ته اها قوم دنيا ۽ آخرت جي خوشگوار بهارن جا مزا ماڻيندي آهي. حقيقت اها آهي ته جيڪو شخص يا قوم اجتماعي طور الله جي عطا ڪيل حڪمن جي روشني ۾ پنهنجي زندگيءَ جي روز مره ڪارگذارين کي پابند رکندي ته ڪيس الله جي هدايت به حاصل ٿي ويندي ۽ الله جنهن جي هدايت جو پنهنجي مشيت سان فيصلو ڪندو، اهو ضرور هدايت حاصل ڪندو، پر جيڪو خدا جي حڪمن جي انحرافي ڪندو ته يقينًا ان لاءِ گمراهي جي رستن کي ڪليل رکيو ويندو. حديث شريف آهي ته "جَاهِدُوۡا اَهۡوَآئَكُمۡ كَمَا تُجَاهِدُوۡنَ اَعۡدَآئَكُمۡ" پنهنجي خواهشن خلاف ائين

جهاد ڪريو، جيئن دشمن خلاف جهاد ڪندا آهيو.

ہزاروں خواہشیں ایسی کہ ہر خواہش پہ دم نکلے
بہت نکلے میرے ارماں، لیکن پھر بھی کم نکلے (غالب)

”مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰهُ“ جنهن پنهنجي خواهش کي پنهنجو الٰه بڻائي ڇڏيو. ڇوته خواهشن جي غلام جون خواهشون ڪٿنديون ناهن ۽ اهي ئي هن جي تباهيءَ جو سبب ٿينديون آهن.

وَلَقَدْ ذَرَاْنَا لِجَهَنَّمَ كَثِيْرًا مِّنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ ۖ لَهُمْ قُلُوْبٌ لَّا
يَفْقَهُوْنَ بِهَا ۫ وَلَهُمْ اَعْيُنٌ لَّا يُبْصِرُوْنَ بِهَا ۫ وَلَهُمْ اٰذَانٌ لَّا يَسْمَعُوْنَ
بِهَا ؕ اُولٰٓئِكَ كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْغٰفِلُوْنَ ﴿١٧٩﴾ وَلِلّٰهِ
الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى فَادْعُوْهُ بِهَا ۪ وَذَرُوا الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْٓ اَسْمَآئِهٖ ؕ
سَيُجْزَوْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٨٠﴾ وَمِمَّنْ خَلَقْنَآ اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ
وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ ﴿١٨١﴾ ع

ع ٢٢ ١٠/١٢

اسان جنن ۽ انسانن جي اڪثريت کي (جڻ) جهنم لاءِ ئي پيدا ڪيو آهي. هنن جون دليون آهن، مگر هو سمجهن نٿا، هنن کي اکيون آهن، جن سان هو ڏسن نٿا، هنن کي ڪن آهن، پر هو ٻڌن نٿا. حيوانن وانگر آهن، بلڪ انهن کان به وڌيڪ ڀٽڪيل آهن. هي وڏا غافل ۽ گمراهه آهن.(179) ايمان وارا ياد رکو الله لاءِ رڳو سنا نالا آهن، سو ان کي هميشه انهن نالن سان ياد ڪريو. اهڙن ماڻهن کان دور رهو، جيڪي الله جي نالن ۾ خاميون تلاش ڪن ٿا. هو جو ڪجهه ڪري رهيا آهن، ان جو بدلو عنقريب کين ملندو.(180) ياد رکو ته سڀ هڪجهڙا نه آهن. اسان جي مخلوق ۾ هڪ اهڙي جماعت به آهي جيڪا ماڻهن ۾ حق جي مطابق رهنمائي ڪري ٿي ۽ سندن فيصلا (ڏئي ٿي) اڪلائي ٿي.(181)

جنن ۽ انسانن جي وڏي اڪثريت جيڪو سرڪشي ۽ حڪم عدوليءَ جو رويو اختيار ڪيو آهي، هنن جي هن ڪردار مان ائين سمجهو ته ڄڻ هو پيدا ئي جهنم لاءِ ٿيا آهن. ڇو ته حق ۽ سچ جي پرکڻ ۽ پروڙڻ لاءِ الله طرفان جيڪي صلاحيتون عطا ٿيون هيون، انهن مان هنن ڪو فائدو حاصل نه ڪيو ۽ الٽو انهن جو غلط استعمال ڪيو، جنهن جو نتيجو اهو ئي آهي ته هو پيدا ٿين پڏن ڪمن ۾ زندگيءَ گذارن ۽ جهنم رسيد ٿين. هنن کي دل عطا ڪئي وئي، پر هو ڪڏهن به غور فڪر کان ڪم نٿا وٺن. هنن کي اکيون به آهن، پر انهن سان هو حق ۽ ناحق ۾ تميز ڪرڻ واري بصيرت نٿا رکن. اهڙي طرح ٻڌڻ لاءِ هنن کي ڪن ڏنا ويا آهن، پر هو سچي ڳالهه يا ڪري نصيحت ٻڌڻ کان انڪاري آهن. هنن جون اهي غور ڪرڻ، بصيرت واري نگاهه ڪرڻ ۽ سماعت واريون ساريون صلاحيتون سلب ٿي ويون آهن ۽ حيوانن جهڙا ٿي ويا آهن. يا سمجهو ته حيوانن کان به وڌيڪ گمراهه آهن. هو غافل ۽ بي پرواهه ٿي ويا آهن. ياد رهي ته حيوان پنهنجي فطرت جا پابند آهن، پر هي گمراهه انسان فطرت جي عطا ڪيل صلاحيتن جي فائدي حاصل ڪرڻ کان به محروم ٿي چڪا آهن. جيڪڏهن اوهان الله جي قربت جا خواهشمند آهيو ته الله پاڪ کي ان جي شايان شان نالن سان ياد ڪيو ۽ ڪيس پڪاريندا رهو.

"الاسماءُ الحسنیٰ" الله ذوالجلال جا بهترين نالا يعني الله جي ذاتي اسم کان پوءِ سندن نهايت خوبصورت صفتن جا نهايت خوبصورت نالا رحيم، ڪريم، عليم، حڪيم، رازق، رزاق، حافظ، حفيظ ۽ ٻيا صفاتي نالا، جيڪي صحيحين جي حديث مطابق 99 آهن. انسان کي الله جي ذاتي توڙي صفاتي نالن سان ياد ڪيو وڃي. ياد رهي ته جن به صفاتي نالن مثلاً حَیُّ، قیُّوم، رحمان، رحيم جو مسلسل ورجاءُ جاري رکي ٿو ته ان ذاڪر جي الله جي انهن صفاتي نالن مبارڪن سان قربت ٿي وڃي ٿي. (روائح جامي شرح لوائح جامي) الله تعالیٰ جو عرش تي هجڻ سندس علم هر جاءِ تي هجڻ "فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ" (البقره: 115/2) "وَهُوَ مَعَكُمْ اَيْنَ مَا كُنْتُمْ" (الحديد: 4/57) مان الله تعالیٰ جي اصل حقيقت ڄاڻڻ کان انسان عاجز آهن، پر يقين آهي ته الله هر هنڌ، هر وقت پنهنجي علم سان موجود آهي ۽ سندس رحماني ۽ قهاري صفتن جا تجلا جاري آهن. (روائح ريحاني) "خَلَقْتُ بِيَدَيَّ"، "نَفَخْتُ مِنْ رُّوْحِيْ"، "وَمَا رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى" يا "يَدُ اللّٰهِ فَوْقَ اَيْدِيْهِمْ" ۾ الله جي

بي انتها قربت جو ذڪر آهي. اوهان پنهنجي زندگي جهنم کان بچائي جنت طرف آڻڻ گهرو ٿا ته توهان اسماءَ باري تعاليٰ جي ذاتي ۽ صفاتي مبارڪ اسمن (الاسماءَ الحسنيٰ) کي جيڪي ڪامل توازن ۽ حسن و خوبيءَ جو مظهر آهن، انهن کي پنهنجي اندر اجاگر ڪندا رهو. ان ۾ هميشه اعتدال ۽ توازن جو خيال رکي ڪڏهن اهڙي غلطي نه ڪريو، جو هن جي اسم مبارڪ ۾ ڪا ڪمي ڪوتاهي پيش ڪيو. هو هر عيب نقص ۽ خامي کان منزه ۽ پاڪ آهي. انهن ملحد ماڻهن سان خواهه مخواهه بحث نه ڪريو، هنن کان دور رهو، جيڪي الله جي ذات ۽ صفات ۾ ڪمي ۽ ڪوتاهي جا مرتڪب آهن ۽ الله ڏانهن غلط ۽ بي معاني نسبتون منسوب ڪري رهيا آهن. (النساءِ: 171/4، حٰم السجده: 40/41) ”مُلۡحِد“ جو لفظ ”لَحد“ مان آهي، لحد قبر ۾ هڪ پاسي الڳ جاءِ ناهڻ کي چوندا آهن. يعني ملحد اصل دين کي ڇڏي، ٻئي طرف هليو ويندو آهي، جنهن جي حديثن ۾ سزا قتل آهي. هو جيڪي ڪجهه ڪري رهيا آهن، ان جو بدلو ڪين عنقريب ملي ويندو. اهڙا سنجيده ماڻهو به آهن، جيڪي حق ۽ سچ جي ماڻهن اندر رهنمائي ڪندا آهن ۽ هميشه عدل و انصاف ۽ اعتدال و توازن کي برقرار رکندا آهن ۽ ان مطابق ماڻهن جي درميان فيصلا ڪندا آهن.

وَ الَّذِيۡنَ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا سَنَسۡتَدۡرِجُهُمۡ مِّنۡ حَيۡثُ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿١٨٢﴾
وَ اُمۡلِىۡ لَهُمۡ ؕ اِنَّ كَيۡدِىۡ مَتِيۡنٌ ﴿١٨٣﴾ اَوَلَمۡ يَتَفَكَّرُوۡا ٚ مَا بِصَاحِبِهِمۡ مِّنۡ
جِنَّةٍ ؕ اِنۡ هُوَ اِلَّا نَذِيۡرٌ مُّبِيۡنٌ ﴿١٨٤﴾ اَوَلَمۡ يَنۡظُرُوۡا فِىۡ مَلَكُوۡتِ السَّمٰوٰتِ
وَالۡاَرۡضِ وَمَا خَلَقَ اللّٰهُ مِنۡ شَىۡءٍ ۙ وَّاَنۡ عَسٰٓى اَنۡ يَّكُوۡنَ قَدِ اقۡتَرَبَ
اَجَلُهُمۡ ۚ فَبِاَىِّ حَدِيۡثٍۢ بَعۡدَهٗ يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿١٨٥﴾ مَنۡ يُّضۡلِلِ اللّٰهُ فَلَا هَادِىَ لَهٗ ؕ
وَيَذَرُهُمۡ فِىۡ طُغۡيَانِهِمۡ يَعۡمَهُوۡنَ ﴿١٨٦﴾

پر انهن جي برعڪس جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو چيو ته اسان انهن کي بتدريج اهڙي طريقي سان تباهيءَ طرف وٺي ڏيون ٿا (قانون مشيت مطابق وٺي ڏيون ٿا) جنهن جي هنن کي سڌ به ناهي. هن وقت قانون مهلت موجب ڪين

مهلت ڏيون ٿا. ياد رکڻ گهرجي تہ منهنجي هر تدبير محڪم، پائدار ۽ نتيجاخيز
آهي.(182) ڇا هنن حقيقت تي ڪڏهن غور نہ ڪيو آهي تہ سندن ساٿي مجنون
ناهي. هو تہ هڪ وڏي واڪ برن ڪمن جي نتيجن کان خبردار ڪرڻ وارو آهي.
(183) ڇا هنن ماڻهن آسمان ۽ زمين جي انتظامي ڪارڪردگي تي غور نہ ڪيو
آهي ۽ الله جي باقي مخلوقات جي لاءِ ربوبيت ۽ رحمت واري نظام ڪي حقيقت
جي نگاهہ سان نہ ڏٺو آهي ۽ اهو بہ نہ سوچيو آهي تہ ممڪن آهي هنن جي زندگي جي
مهلت پوري ٿيڻ جو وقت اچي ويو آهي. پوءِ پلا پيغمبر جي هن تنبيه ۽ آگاهيءَ کان
پوءِ کهڙي ڳالهہ رهيل آهي، جنهن جي ڪري ايمان آڻيندا.(185) جيڪي الله
جي فيصلي بعد رهنمائيءَ کان محروم بڻايا وڃن، انهن لاءِ پوءِ ڪو بہ هادي ۽ رهبر
ناهي. الله هنن کي سندن سرڪشيءَ ۾ ئي سرگردان ٿيندو ڇڏي ڏئي ٿو.(186)

جيڪي ماڻهو خدا جي مقابلي ۾ سرڪشي ۽ بغاوت تي اچي ويندا آهن، انهن جي گرفت فورًا نہ ٿيندي آهي، پر ان جي رسي ڊگهي ڪئي ويندي آهي، جنهن جي ڪري هو گناهن جي ڌٻڻ ۾ ڦاسندو ويندو آهي. هو پنهنجي ڪفر جهڙي گمراهي ۽ غفلت دوران دنياوي معاملن ۾ ڪاميابي حاصل ٿيڻ تي سمجهي ٿو تہ هو جيڪو ڪجهہ ڪري رهيو آهي، اهو سڀ درست آهي ۽ هي سموريون ڪاميابيون هن جي انهيءَ طرز حيات جي طفيل آهن، ان ڪري هو ڪفر ۽ مصيبت ۾ وڌيڪ وڌندو ويندو آهي ۽ سندس ڪا پڪڙ ڌڪڙ نہ ٿيندي آهي.

رب رسي مت ڪسي هٿي ڪو نہ هٿيار
ڪري اهڙي ڪار جنهن ۾ جوکو جان جو. (شاهہ)

ڪارسازِ ما بفکرِ ڪار ما
ڪار ما در فکر ما آزار ما

پر جيڪڏهن ڪنهن الزام هيٺ ايندو بہ آهي تہ ناجائز طريقا اختيار ڪري ٻَري ٿي ويندو آهي. هن کي استدراج يا خدا جو مهلت وارو قانون سڏجي ٿو. جنهن ۾ عذاب کان ڍر ملڻ جي ڪري هو بي باڪ ٿي وڃي ٿو. پر ڪيس معلوم هئڻ گهرجي تہ خدا جي تدبير

نهايت مستحڪم ۽ نتيجا خيز هوندي آهي. جنهن جي هن کي خبرناهي ۽ هو آخرڪار درجي بدرجي الله جي پڪڙ ۾ اچي ويندو.

ڪن ڏئي ٻُڌ ٻوڙا، ڏس گهڙيال توکي ڇا چيو
عمر تنهنجي مان وري هيو منٽ پي گذري ويو

اسان جو هيءُ رسول ﷺ نهايت شفاف پاڪ ۽ اعلىٰ ڪردار جو مالڪ آهي. هن جي صداقت، امانت ۽ ديانت تي ڪنهن کي به شڪ ناهي. هن جو هر قول الله جي اذن سان حرف آخر آهي، جنهن جي پاڪ صاف ڪردار ۽ قابل تقليد ۽ بي مثال سيرت کان سڀ آگاهه آهن. اهي اهڙي الله جي رسول مڪرم ﷺ لاءِ ڪيئن ٿا چون ته هن کي جنون آهي. هو جن تباهين کان هنن کي آگاهه ڪري رهيو آهي، ڪوڙ دڙڪا نه آهن، پر خدا جو محڪم ۽ مضبوط فيصلو آهي، جيڪي هنن جي اعمال جي نتيجي ۾ ضرور وقوع پذير ٿيڻ واريون آهن. جيڪڏهن هو عقل ۽ هوش کان ڪم وٺندي ڪائنات جي عظيم سلسلي، ان جي انتظام ۽ اهتمام ۽ خدا جي انوکي تخليق کي دل جي گهراين سان ڏسن ها ته پوءِ اها حقيقت ڪين سمجهه ۾ اچي وڃي ها ته اهڙي قدرت ۽ قوت واري هستي جو موڪليل رسول جو ڪجهه چئي رهيو آهي، اهو برحق آهي. تخريبي روش جو نتيجو ڪڏهن به تعميري ۽ نفعي وارو نه هوندو آهي. جيڪڏهن هو حسد، ضد ۽ غرور جا پردا اکين تان هٽائين ها ته ڪين نظر اچي ها ته هنن جي تباهيءَ جو وقت قريب اچي ويو آهي. جيڪو ڏسڻ وارين اکين لاءِ نمايان ۽ نشانبر آهي، جيڪڏهن هو هن چٽي حقيقت کي به قبول نٿا ڪن، ته پوءِ ڪهڙي شيءِ کي تسليم ڪري ايمان آڻيندا؟ حقيقت اها آهي ته جيڪي ماڻهو خدا جي ٻڌايل سڌي رستي کي ڇڏي، غلط رستي جو انتخاب ڪن ٿا ته اهڙن ماڻهن جي بداعمالي سبب خدا طرفان سندن گمراهي جو فيصلو ٿيڻ بعد ڪا اهڙي قوت ناهي جو هنن کي سڌي دڳ لڳائي سگهي. الله اهڙن گمراهه ماڻهن کي سندن گمراهي جي راهه ۾ حيران پريشان سرگردان ڇڏي ڏئي ٿو.

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرْسٰهَا ؕ قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ رَبِّيْ ۚ
لَا يُجَلِّيْهَا لِوَقْتِهَآ اِلَّا هُوَ ؕۘ ثَقُلَتْ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ لَا تَاْتِيْكُمْ

وقف لازم
وقف منزل

اِلَّا بَغْتَةً ؕ يَسْـَٔلُوْنَكَ كَاَنَّكَ حَفِيٌّ عَنْهَا ؕ قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ اللّٰهِ
وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٨٧﴾ قُلْ لَّآ اَمْلِكُ لِنَفْسِيْ نَفْعًا وَّلَا ضَرًّا اِلَّا
مَاشَآءَ اللّٰهُ ؕ وَلَوْ كُنْتُ اَعْلَمُ الْغَيْبَ لَاسْتَكْثَرْتُ مِنَ الْخَيْرِ ۛ وَمَا مَسَّنِيَ السُّوْٓءُ ۛ معانقة ١٨ عند المتاخرين
اِنْ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ وَّبَشِيْرٌ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿١٨٨﴾ ع ٢٣ ‏ ١٣

اي نبي مڪرم خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم ! هي ماڻهو توکان پڇن ٿا تہ آخرڪار قيامت جي اها گهڙي ڪڏهن ايندي؟ چئو تہ ان جو علم تہ منهنجي پروردگار کي آهي. اهو ئي ان کي پنهنجي وقت تي ظاهر ڪرڻ فرمائيندو، آسمان ۽ زمين هن بارِ گران جي وزن هيٺ هوندا. اها اچانڪ اچي ڪڙڪندي. هي ماڻهو هن بابت توکان اهڙي طرح پڇي رهيا آهن، گوياڪ تون ان جي تحقيق ۾ لڳل آهين. چئو هن جو علم تہ رڳو الله کي آهي، مگر اڪثر ماڻهو انهيءَ حقيقت کان آگاهہ نہ آهن.(187) چئو مان تہ پنهنجي ذاتي نفعي نقصان جو بہ اختيار نٿو رکان. سڀ ڪجهہ الله جي منشا، مرضي مطابق پيو وهي واپري. جيڪڏهن مون کي غيب جو علم هجي ها تہ مان پنهنجي لاءِ گهڻا فائدا حاصل ڪيان ها ۽ مون کي ڪو نقصان نہ ٿئي ها، مان تہ رڳو خبردار ڪرڻ وارو ۽ خوشخبري ڏيڻ وارو آهيان. انهن ماڻهن لاءِ جيڪي منهنجي ڳالهہ قبول ڪن. (188)

اي نبي محترم خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم ! هي توکان معلوم ڪرڻ گهرن ٿا تہ جنهن قيامت جي عذاب کان ڊيڄارين ٿو، پلا ٻڌاءِ تہ اها گهڙي ڪڏهن ايندي ۽ اها آفت ڪڏهن لنگرانداز ٿيندي. هن جو ڪو وقت مقرر بہ آهي يا خالي دڙڪا دهمان آهن. تون هنن کي چئو تہ ان جو صحيح پتو منهنجي پروردگار کي ئي آهي. ان کانسواءِ ڪنهن کي معلوم ناهي تہ اها ڪڏهن نمودار ٿيندي. پر اهو آسمانن ۽ زمين لاءِ نهايت وزني بار هوندو ۽ اچي اچانڪ ڪڙڪندو. (الاحزاب: 63/33، الشوریٰ: 42/17-18، النازعات: 42/79) هي ماڻهو توکان اهڙيءَ

طرح پڇن ٿا جڻ تون ان جي تحقيق ۾ لڳل آهين تہ قيامت ڪنهن ڏينهن ايندي. بس تنهنجو ان کان سواءِ گويا ٻيو ڪو ڪم ڪار يا مشغولي نہ آهي. حقيقت اها آهي تہ هر بقا کي فنا آهي. انسان پنهنجو موت ساڻ کنيو ٿو هلي، پر کيس مرڻ جي وقت جي خبر ناهي. اهڙيءَ طرح هي پوري ڪائنات بہ پنهنجي فنا جو ڀاري بار کنيو پئي هلي، جيڪو هڪ ڏينهن اوچتو ”نا“ ٿيڻ وارو آهي. ڪڏهن ٿيندو نہ ان جي تلاش ۾ آهيان ۽ نہ وري ان واقعي جي وقت جو علم آهي. هن جو علم صرف خدا کي آهي. باقي ماڻهو بلڪل بي خبر آهن ۽ وهم و گمان جا ڏُڪا هڻن ٿا. جيڪڏهن مون کي اهڙي غيب جو پتو هجي تہ پوءِ مان ڪيترن نقصانن کان آگاهہ ٿي انهن جي شر کان بچي وڃان ها. يا اڳ جو علم هجي ها تہ پاڻ لاءِ ڪيترا فائدا حاصل ڪريان ها. توهان تہ قيامت جهڙي وڏي مخفي حقيقت جو پڇو ٿا تہ ڪڏهن ۽ ڪهڙي وقت ايندي، پر مان تہ پنهنجي ذاتي نفعي نقصان کان بہ باخبر ناهيان. ان جو اصل علم الله کي ئي آهي. مان تہ الله جي طرفان موڪليل رسول آهيان، خدا جي عطا ڪيل قانون جي پيروي ڪندڙن کي ان جي خوشگوار نتيجن جي خوشخبري ڏيندڙ آهيان ۽ الله جي حڪمن ۽ فرمانن کي نہ مڃيندڙن ۽ برن ڪمن ڪرڻ وارن کي برن نتيجن کان خبردار ۽ هوشيار ڪرڻ وارو آهيان.

الله تعالیٰ وٽ غيب جو علم ذاتي، قديم ۽ غيرمحدود آهي، جڏهن تہ ٻين وٽ سندن استطاعت موجب علم آهي، جيڪو عطائي، حادث ۽ محدود آهي. پاڻ ڪريمن خاتم النبيين ﷺ کي ڪيترو غيب جو علم ڏنو ويو، ان جو اندازو اسان نٿا لڳائي سگهون. صرف الله تعالیٰ ۽ ان جو رسول خاتم النبيين ﷺ ئي ڄاڻن ٿا. نہ ڏيڻ واري وٽ ڪا ڪمي آهي، نہ وٺڻ واري جي وٺڻ جي حد آهي، ان ڪري الله تعالیٰ، حضور خاتم النبيين ﷺ کي آسمانن ۽ زمين ۾ جو ڪجهہ آهي، ان جو پورو علم ڏنو آهي ۽ اهو علم نبي اڪرم خاتم النبيين ﷺ جو ذاتي نہ آهي، پر الله تعالیٰ کان عطائي آهي. لامحدود بہ ناهي، پر حدِّ نبوّت ۽ رسالت جي اعلیٰ ترين ۽ آخرين نبي ۽ رسول هجڻ سبب کيس الله تبارڪ وتعالیٰ پنهنجي لامحدود ۽ قديم علم مان محدود ۽ حادث جو ايترو تہ وڏو ذخيرو ڏنو آهي، جنهن جو نہ بيان ٿي سگهي ٿو ۽ نہ انڪار ڪري سگهجي ٿو. سندس علم کي عام بشر جي حدود ۾ رکڻ اهڙي گستاخي آهي، جيڪا ڪفر جي قريب آهي. (نعوذبالله منها)

هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ وَّجَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا لِيَسْكُنَ
اِلَيْهَا ۚ فَلَمَّا تَغَشّٰىهَا حَمَلَتْ حَمْلًا خَفِيْفًا فَمَرَّتْ بِهٖ ۚ فَلَمَّآ اَثْقَلَتْ دَّعَوَا
اللّٰهَ رَبَّهُمَا لَىِٕنْ اٰتَيْتَنَا صَالِحًا لَّنَكُوْنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿١٨٩﴾ فَلَمَّآ اٰتٰىهُمَا
صَالِحًا جَعَلَا لَهٗ شُرَكَآءَ فِيْمَآ اٰتٰىهُمَا ۚ فَتَعٰلَى اللّٰهُ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿١٩٠﴾
اَيُشْرِكُوْنَ مَا لَا يَخْلُقُ شَيْـًٔا وَّهُمْ يُخْلَقُوْنَ ۖ﴿١٩١﴾ وَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ لَهُمْ
نَصْرًا وَّلَآ اَنْفُسَهُمْ يَنْصُرُوْنَ ﴿١٩٢﴾ وَاِنْ تَدْعُوْهُمْ اِلَى الْهُدٰى لَا يَتَّبِعُوْكُمْ ۭ
سَوَاۗءٌ عَلَيْكُمْ اَدَعَوْتُمُوْهُمْ اَمْ اَنْتُمْ صَامِتُوْنَ ﴿١٩٣﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ
دُوْنِ اللّٰهِ عِبَادٌ اَمْثَالُكُمْ فَادْعُوْهُمْ فَلْيَسْتَجِيْبُوْا لَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٩٤﴾

اهو الله ئي آهي، جنهن توهان کي هڪ نفس (جان) مان پيدا ڪيو آهي ۽ انهيءَ جي جنس مان هن جو جوڙو ٺاهيو ته جيئن هو ان مان تسڪين حاصل ڪري. پوءِ جڏهن مرد عورت کي لپيٽي ورتو ته ان کي هڪ هلڪو حمل ٿي ويو، جنهن سان هو گهمندي ڦرندي رهي. پوءِ جڏهن هو ڀاري ٿي پئي ته پوءِ ٻنهي الله کان دعا گهري ته اسان کي صالح اولاد عطا ڪر اسان هميشه شڪرگذار رهنداسون. (189) پوءِ جڏهن الله هنن کي صحيح سالم اولاد عطا ڪئي ته هو الله سان گڏ ان عنايت ۾ ٻين کي به شريڪ ڪرڻ لڳا. ماڻهو جيڪي هي مشرڪن وارا ڪم ڪن ٿا، الله انهن کان گهڻو بلند بالا ۽ اعلىٰ آهي.(190) ڪيڏا نه نادان آهن، اهي ماڻهو جيڪي خدا سان ٻين کي شريڪ بنائن ٿا، جيڪي ڪجهه به پيدا ڪرڻ جي صلاحيت نٿا رکن، ان جي برعڪس هو پاڻ ڪنهن جي تخليق آهن.(191) اهي نه هنن جي مدد ڪري سگهن ٿا ۽ نه وري پنهنجو دفاع ڪري سگهن ٿا.(192) جيڪڏهن توهان هنن کي سڌي راهه تي اچڻ جي دعوت ڏيو ته هو توهان

جي پنيان نہ ايندا. توهان پلي انهن کي سڏ ڪيو يا خاموش رهو، ٻنهي صورتن ۾ اوهان لاءِ هڪجهڙا آهن.(193) توهان ماڻهو الله کي ڇڏي جن کي (مدد لاءِ) سڏيو ٿا، اهي بہ اوهان جهڙا ٻانها آهن. توهان پلي هنن کان دعا گهرو تہ ڏسو هو جواب ڏيڻ جي لائق آهن، تہ اوهان جي سچ جو پتو پئجي ويندو.(194)

جاهل انسانن جي رسمن، رواجن، عقيدن، اعتقادن ۽ مشرڪانه طور طريقن کي رد ڪندي، ٻڌايو وڃي ٿو تہ اهو هڪ الله ئي آهي ۽ ان الله کانسواءِ ٻيو ڪو بہ خدا ناهي، جنهن اوهان کي هڪ جان مان پيدا ڪيو آهي (النساء: 1/4) ۽ انهيءَ مان ئي سندس جوڙو ناهيو تہ جيئن هن جي رفاقت ۾ تسڪين حاصل ڪري سگهي. هن جوڙي ۾ ايتري تہ هم آهنگي رغبت ۽ ڪشش پيدا ڪئي، جو اهي ٻئي هڪ ٻئي جي دل جي راحت سڪون ۽ قرار آهن. اهڙي طرح هنن کي هڪ رنگ هڪ ڍنگ ۾ وجود بخشڻ صرف ۽ صرف هڪ الله وحده لا شريڪ له جي قدرت ۽ قوت جو ڪرشمو آهي، جو بہ الڳ نفوس هڪ جان و تن مثال آهن. ”وَمِنۡ اٰيٰتِهٖۤ اَنۡ خَلَقَ لَكُمۡ مِّنۡ اَنۡفُسِكُمۡ اَزۡوَاجًا لِّتَسۡكُنُوۡۤا اِلَيۡهَا وَجَعَلَ بَيۡنَكُمۡ مَّوَدَّةً وَّرَحۡمَةً“ (الروم: 21/30) الله تعالىٰ جي نشانين مان هي بہ آهي جنهن اوهان مان ئي (اوهان جي جنس مان) زوج جوڙو پيدا ڪيو تہ جيئن توهان ان مان سڪون حاصل ڪري سگهو ۽ هن (الله تعالىٰ) توهان ٻنهي جي اندر پيار ۽ محبت رکي، يعني اهڙا جذبات ۽ اهڙي ڪشش رکي آهي، جو بہ هجڻ جي باوجود هو هڪ جان آهن. انهيءَ اُنس ۽ محبت جي نتيجي ۾ جڏهن مرد عورت سان صحبت ڪري ٿو تہ نسل انساني کي وڌڻ ويجهڻ ۽ باقي رکڻ لاءِ عورت کي هلڪو حمل ٿئي ٿو، جنهن سان هو گهمي ڦري ڪائي پيئي ۽ زندگيءَ کي روان دوان رکڻ لاءِ مصروف عمل رهي ٿي. پوءِ جڏهن ڳوري ٿئي ٿي تہ ٻئي مرد ۽ عورت الله آڏو عرض گذار ٿين ٿا تہ اسان جا ٻاجهارا پروردگار! اسان کي صحيح سلامت اولاد عطا ڪر. اسان تنهنجي انهيءَ احسان عظيم جا شڪرگذار رهنداسون.

هت تخليق انسان جي انوکي ۽ عبرت انگيز بيان ۾ مذڪور آهي تہ انسان جي ابتدائي تخليق ۽ بعد ۾ توليد جي ذريعي ان جي نشونما، مرد عورت جو ميلاپ، صحبت ۽ ان جي نتيجي ۾ عورت جي پيٽ ۾ حمل ۽ ان جي پرورش ۽ پيدائش تي غور ڪبو تہ يقين ٿي ويندو تہ اهو هڪ الله جي قدرت جو ڪارنامو آهي، جنهن ۾ ڪو سندس شريڪ

ناهي. مگر جڏهن عجز ۽ انڪساري واري دعا ڪي قبول ڪري الله تعالىٰ ڪين صحيح سالم اولاد عطا ڪيو، جنهن جو ڪين يقين به هيو ته هي الله جي عطا ڪيل نعمت ۽ ان جو عظيم احسان آهي، پر پوءِ جهالت ۽ ناداني جي انتها آهي، جو اميد پوري ٿيڻ ۽ اولاد جي ملڻ بعد هو شڪر گذاري لاءِ پنهنجن ديوين ديوتائن ۽ اوتار بزرگن جي نانءُ تي نذر ۽ نياز پيش ڪري، شرڪ جا مرتڪب ٿين ٿا. حالانڪ اهي ديويون، بزرگ ۽ اوتار سڀ خدا جي مخلوق ۽ ان جا محتاج آهن. صرف الله ئي آهي، جيڪو وڏي شان وارو، بلند بالا ۽ لاشريڪ آهي، جنهن جو شريڪ ناهڻ هڪ وڏو ظلم آهي. ان هوندي به اهڙين بي بس شين جي پوڄا ڪرڻ ۽ انهن ڪي الله سان برابر جو شريڪ ڪرڻ ڪيڏي ناانصافي آهي. جن ۾ ڪنهن ڪي پيدا ڪرڻ جي قوت ئي ناهي. اهي پاڻ تخليق ۾ ٻين جا محتاج آهن ۽ پنهنجو پاڻ ڪي پيدا ڪرڻ جي لائق به ناهن، جيڪي نه هنن جي مدد ڪري سگهن ٿا ۽ نه مشڪلات ۾ سندن ساٿ ڏئي سگهن ٿا ۽ نه وري پنهنجي مدد ڪري سگهن ٿا. هو ته ڪمزور ۽ بي بس محتاج مخلوق آهن. هو پنهنجي مٿان مک ڪي به هٽائڻ جي صلاحيت نٿا رکن. اهي ڪنهن ٻئي جي ڪهڙي مدد ڪري سگهندا ۽ ڏک سک جو ساٿي ٿي سگهندا. هنن جاهل ۽ ضعيف عقيدي جي انسانن تي انهن باطل خدائن جو عقيدو ۽ اعتقاد ايترو ته پڪو پختو آهي، جو هو ڪنهن جي نصيحت ٻڌڻ لاءِ به تيار ناهن. حالانڪ ڪين خبر آهي ته هنن ٻتن ۾ ڏسڻ، ٻڌڻ، سمجهڻ يا عمل ڪرڻ جي صلاحيت نه آهي. ان ڄاڻ هوندي به اوهان هنن ڪي سڌي راهه تي اچڻ جي دعوت ڏيندا، ته به هو توهان جي اتباع نه ڪندا، ان ڪري هنن ڪي حق جي دعوت ڏيڻ يا نه ڏيڻ برابر آهي.(البقره: 6/2) هنن ڪي چئو ته توهان جنهن جي ايڏي عقيدت سان پوڄا ڪريو ٿا ۽ الله کان منهن موڙي هنن ڪي سڏيو ٿا، اهي ته ڪا غيبي قوت ناهن، پر توهان وانگر ئي الله جي بندگيءَ جا قائل آهن. هنن جي هٿ وس ڪجهه به ناهي، هو خدائي قوت نٿا رکن، جيڪڏهن اوهان پنهنجي دعوىٰ ۾ سچا آهيو ته پوءِ اوهان هنن ڪي مشڪلات وقت مدد لاءِ سڏ ڪريو. پوءِ ڏسو ته ڇا هو توهان جو سڏ ٻڌي توهان جي تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهن.

اَلَهُمْ اَرْجُلٌ يَّمْشُوْنَ بِهَآ ۫ اَمْ لَهُمْ اَيْدٍ يَّبْطِشُوْنَ بِهَآ ۫ اَمْ لَهُمْ اَعْيُنٌ يُّبْصِرُوْنَ بِهَآ ۫ اَمْ لَهُمْ اٰذَانٌ يَّسْمَعُوْنَ بِهَا ؕ قُلِ ادْعُوْا شُرَكَآءَكُمْ ثُمَّ

كَيْدُوْنِ فَلَا تُنْظِرُوْنِ ﴿١٩٥﴾ اِنَّ وَلِيِّ اللّٰهُ الَّذِيْ نَزَّلَ الْكِتٰبَ ۖ وَهُوَ
يَتَوَلَّى الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٩٦﴾ وَالَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ نَصْرَكُمْ
وَلَآ اَنْفُسَهُمْ يَنْصُرُوْنَ ﴿١٩٧﴾ وَاِنْ تَدْعُوْهُمْ اِلَى الْهُدٰى لَا يَسْمَعُوْا ؕ وَتَرٰىهُمْ
يَنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ وَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ ﴿١٩٨﴾ خُذِ الْعَفْوَ وَاْمُرْ بِالْعُرْفِ وَاَعْرِضْ
عَنِ الْجٰهِلِيْنَ ﴿١٩٩﴾ وَاِمَّا يَنْزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيْطٰنِ نَزْغٌ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ ؕ
اِنَّهٗ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٠٠﴾

ڇا هنن کي پير آهن، جن سان هو هلي جلي سگهن؟ ڇا هنن کي هٿ آهن، جن سان هو پڪڙي سگهن؟ ڇا هنن کي اکيون آهن، جو انهن سان ڏسي سگهن؟ ڇا هنن کي ڪن آهن، جو ٻڌي سگهن. اي نبي محترم ﷺ! هنن کي چئو ته يلي اوهان پنهنجن سيني شريڪ (بتن توڙي دوستن) کي سڏي ونو ۽ گڏجي سڀ منهنجي خلاف رٿون رٿيو ۽ مون کي بلڪل مهلت نه ڏيو. (195) منهنجو حامي ۽ ناصر اهو الله آهي، جنهن هي ڪتاب نازل ڪيو آهي ۽ اهو صالح ۽ نيڪ ماڻهن جي مدد ڪري ٿو. (196) توهان الله ڪانسواءِ جنهن کي به سڏ ڪيو ٿا، اهي نه اوهان جي مدد ڪري سگهن ٿا ۽ نه خود پنهنجي مدد ڪرڻ جي قابل آهن. (197) جيڪڏهن اوهان هنن کي سڌي رستي تي اچڻ لاءِ سڏ ڪيو ته اهي تنهنجو سڏ ٻڌي به نه سگهندا. بظاهر اوهان کي محسوس ٿئي ٿو ته هو توهان ڏانهن ڏسن ٿا. پر حقيقت ۾ هو ڪجهه به نٿا ڏسن. (198) اي نبي مڪرم ﷺ! نرمي ۽ درگذر جو طريقو اختيار ڪريو. معروف جو حڪم ڪريو ۽ جاهلن سان نه الجهو.(199) جيڪڏهن (بالفرض) شيطان توکي ورغلائي ته الله جي پناهه طلب ڪريو، هو سڀ ڪجهه ٻڌڻ ۽ ڄاڻڻ وارو آهي.(200)

هي مٽي ۽ پٿر جا بت، تصويرون يا اهي ارواح، جن کي خدا جو درجو ڏئي هنن بتن کي انهن جو نمائندو سمجهي يا اهي باطل عقيدا جيڪي انهيءَ شرڪ وارين عبادتن ۽ اعمال اندر ڪارفرما آهن، انهن جي اصليت ۽ حقيقت تي غور ڪيو ته اهي سڀ توهان جا وهم ۽ وسوسا آهن. پلا هنن بتن کي سينگاري ڪين هٿ، پير، اکيون ڪن ته ڏنا اٿو، پر ڇا هو پنهنجي پيرن تي پاڻ هلي چلي سگهن ٿا. ۽ اوهان جي مدد لاءِ ضرورت وقت پهچي سگهن ٿا، يا هٿن سان ڪنهن کي پڪڙي قابو ڪري سگهن ٿا، يا اکين سان ڏسي اوهان جي وڪالت يا اعانت ڪري سگهن ٿا، يا ڪنن سان اوهان جون دعائون، آهون ۽ فرياد ٻڌي سگهن ٿا. جهڙيءَ طرح هنن جا اهي عضوا رڳو ڏيکاءَ جا آهن ته پوءِ هنن جو سارو وجود ئي جعلي ۽ ڏيکاءَ جو آهي. سورة الانفال: 22/8 ۾ آهي: ”اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنۡدَ اللّٰهِ الصُّمُّ الۡبُكۡمُ الَّذِيۡنَ لَا يَعۡقِلُوۡنَ۝“ بيشڪ بدترين جانور الله تعاليٰ وٽ اهي ٻوڙا، گونگا ماڻهو آهن، جيڪي ٿورو ذرو به نٿا سمجهن. (البقره: 7/2، الاعراف: 7/195-179، النحل: 108/16، الجاثيه: 29/45، الاحقاف: 26/46- وڌيڪ حوالا سورة البقره: 7/2 ۾ ڏسو) توهان چئو ته مان انهن جي مخالفت ڪيان ٿو ۽ انهن جو قهر مون کي تباهه ڪندو ته پلي توهان هنن شريڪ ڪيل بتن ۽ شريڪ ڪار دوستن کي سڏ ڪري منهنجي خلاف جيڪا سازش يا رٿا رٿڻي اٿو پلي ڪري ونو ۽ مون کي ڪا مهلت نه ڏيو. مون کي الله ڪان سواءِ ڪنهن جو خوف ناهي. مان اهو چئلينج عزم و يقين ۽ جرئت و بيباڪيءَ سان انهيءَ ڪري پيش ڪري رهيو آهيان ته منهنجو رفيق ۽ معاون اهو الله آهي، جنهن مون تي نوع انسان جي عالمگير هدايت لاءِ ڪتاب (قرآن) نازل ڪيو آهي ۽ جيڪو پنهنجي صالح ۽ نيڪ ٻانهن جو حمايتي ۽ مددگار آهي. مون کي توهان جي هنن مصنوعي معبودن ۽ شريڪن جو ڪو به ڊپ ڊاءُ نه آهي. منهنجي هن حقيقي الله ڪانسواءِ توهان جن به معبودن کي ضرورت ۽ مشڪلات وقت پنهنجي مدد لاءِ پڪاريو ته اهي توهان جي ڪا به مدد ڪري نٿا سگهن. هو پاڻ توهان جا محتاج آهن ۽ سندن وجود اوهان جي هٿن جو ڪارنامو آهي. پر هنن جي انڌي عقيدت ۽ طبيعت ۾ ضد ۽ شدت جو اهو حال آهي جو هنن آڏو ڪيترائي چٽا دليل صاف برهان ۽ بيان پيش ڪري ڪين سڌي رستي تي اچڻ جي دعوت ڏيو ته هو توهان جي خير خواهي ۽ پلائي کي ڪڏهن به قبول نه ڪندا. ظاهري طرح ائين لڳي ٿو ته هو تو ڏانهن نهاري رهيا آهن ۽ هدايت جا طلبگار آهن،

پر حقيقت ائين ناهي، هنن جو اکيون تو ڏانهن هونديون آهن، پر هنن جون دليون ڪنهن ٻئي طرف آهن. (يونس: 10/42-43، محمد: 16/47) ڀهر ڪيف هنن جي انهيءَ منافقاڻي روش کان دلبرداشته ٿيڻ جي ضرورت ناهي، تون پنهنجو رسالت وارو پيغام رسانيءَ جو سلسلو هر حال ۾ جاري رک، نرمي ۽ خنده پيشاني سان امر بالمعروف يعني سٺن ڪمن طرف دعوت ڏيندو رهه. هنن جي بي ڌياني ۽ عدم توجهيءَ سبب رنجيده نه ٿيءُ. جيڪڏهن هنن جي ڪنهن ڪوتاهي ۽ نافهميءَ سبب تنهنجي دل ۾ ڪو خدشو پيدا ٿئي يا ڪو وهم ۽ وسوسو محسوس ٿئي يا ڪو فسادي فساد تي آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته تون حسن اخلاق جو مظاهرو ڪندو رهه. (النحل: 16/ 125، بني اسرائيل: 53/17، المؤمنون: 96/23، العنڪبوت: 46/29، حٰم السجده: 33/41 کان 35) پنهنجي پروردگار جي تعليمات تي عمل ڪندي، الله جي پناهه ۾ اچي وڃ، ياد رکو توهان جو الله سڀ ڪجهه ٻڌي ۽ ڄاڻي ٿو.

اِنَّ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا اِذَا مَسَّهُمْ طٰٓئِفٌ مِّنَ الشَّيْطٰنِ تَذَكَّرُوْا فَاِذَا هُمْ
مُّبْصِرُوْنَ ۚ ﴿۲۰۱﴾ وَاِخْوَانُهُمْ يَمُدُّوْنَهُمْ فِى الْغَيِّ ثُمَّ لَا يُقْصِرُوْنَ ﴿۲۰۲﴾ وَاِذَا لَمْ
تَاْتِهِمْ بِاٰيَةٍ قَالُوْا لَوْلَا اجْتَبَيْتَهَا ؕ قُلْ اِنَّمَآ اَتَّبِعُ مَا يُوْحٰٓى اِلَىَّ مِنْ رَّبِّىْ ۚ
هٰذَا بَصَآئِرُ مِنْ رَّبِّكُمْ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۲۰۳﴾ وَاِذَا
قُرِئَ الْقُرْاٰنُ فَاسْتَمِعُوْا لَهٗ وَاَنْصِتُوْا لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿۲۰۴﴾ وَاذْكُرْ رَّبَّكَ
فِىْ نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَّخِيْفَةً وَّدُوْنَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ
وَلَا تَكُنْ مِّنَ الْغٰفِلِيْنَ ﴿۲۰۵﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ عِنْدَ رَبِّكَ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِهٖ
۲۳ ع ۱۴ السجدة ۱ الثالثة وَيُسَبِّحُوْنَهٗ وَلَهٗ يَسْجُدُوْنَ ۩ ع السجدة ﴿۲۰۶﴾

حقيقت ۾ جيڪي متقي ماڻهو آهن، انهن کي جيڪڏهن ڪوئي شيطاني وسوسو محسوس ٿئي ٿو ته يڪدم پنهنجي پروردگار طرف متوجه ٿي ويندا

آهن ۽ ٺڪاڻڪ انهن جون دليون روشن ٿي وينديون آهن ۽ گمراهيءَ کان بچي ويندا آهن. (201) ان جي برعڪس انهن جاهلن جا شيطان يائر آهن، ڪين گمراهيءَ طرف گهليو وڃن ۽ هنن کي گمراهه ڪرڻ ۾ ڪا ڪوتاهي ڪونه ٿا ڪن.(202) هن جي مطالبي تي جيڪڏهن ڪين تون ڪا نشاني پيش نٿو ڪرين ته توکي چون ٿا ته (اچ) ڇو نه پنهنجي طرفان ناهي آيو آهين. هنن کي چئو ته مان رڳو الله طرفان ايندڙ وحيءَ جي پيروي ڪريان ٿو. تنهنجي پروردگار پاران اهي هنن ماڻهن جون اکيون کولڻ واريون آيتون آهن ۽ ايمان وارن لاءِ هدايت ۽ رحمت آهن. (203) جڏهن قرآن توهان جي روبرو پڙهيو وڃي ته ان کي توجه سان ٻڌو ۽ خاموش رهو ته جيئن اوهان تي رحمت ٿئي.(204) اي نبي محترم خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم ! پنهنجي رب کي صبح شام دل ئي دل ۾ عجز و نيزاري ۽ خوف سان ياد رکو. آهستي ۽ ڌيمي آواز سان ۽ انهن ماڻهن ۾ شامل نه ٿيو، جيڪي غفلت ۾ گرفتار آهن.(205) حقيقت اها آهي ته جيڪي فرشتا تنهنجي پروردگار جي حضور ۾ آهن، اهي هن جي عبادت کان ڪڏهن به تڪبر ڪو نه ٿا ڪن. هو هن جي تسبيح ڪندا رهن ٿا ۽ ان جي آڏو سجده ريز رهن ٿا.(206)

---

جيڪي ماڻهو متقي يعني تقوىٰ جا پيڪر، نهايت محتاط ۽ پاڻ کي تباهين کان بچائڻ لاءِ فڪرمند آهن، اهي هر گهڙي پنهنجي فڪرو عمل جو احتساب ڪندا رهندا آهن. ڪڏهن عارضي طور تي غفلت يا شيطاني وسوسن جا منفي اثر سندن دل و دماغ تي محسوس ٿين ته هو فورًا پنهنجن جذبن سوچن ۽ خيالن تي ڪنٽرول ڪري، الله ڏانهن رجوع ڪندا آهن. انهن جون اکيون يڪايڪ کلي وينديون آهن ۽ ضمير بيدار ٿي ويندو آهي ۽ انهيءَ وسوسي يا شيطاني خيال جي غبار کي ڇندي ڇڏيندا آهن ۽ پنهنجي رب جي قربت جي طلب ۾ مشغول ٿي ويندا آهن. "وَإِمَّا يَنْزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيْطٰنِ نَزْغٌ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ" (حٰم السجده: 36/41) جيڪڏهن ڪو شيطاني وسوسو اچي ته الله جي پناهه طلب ڪريو. پر انهن متقي ماڻهن جي برعڪس جيڪي ماڻهو اهڙن وسوسن ۽ شيطاني خيالن کان بچڻ

لاءِ الله طرف متوجه نہ ٿيندا آهن تہ انهن جي دل ۽ دماغ کو بہ ڪٽڪو محسوس نہ ٿيندو آهي تہ هو هلاڪت ۽ تباهي طرف وڃي رهيا آهن. پر جيڪڏهن بالفرض ڪجهہ احساس جو امڪان هجي، تہ بہ انهن جا شيطان يائر ۽ جوڙيوال ڪين اصلاح طرف اچڻ بدران سرڪشي ۽ غلط راهہ روي طرف ڌڪيلي گهلي وڃن ٿا ۽ غلطين تي غلطيون ڪندا، گمراهيءَ طرف تيزي سان وڌندا رهن ٿا، جنهن ۾ ڪا بہ ڪمي ڪو نہ ٿا ڪن. ظاهر آهي تہ جيڪو ماڻهو وقتي مفادن جو طالب هوندو ۽ گمراهيءَ کان بچڻ جا اپاءَ نہ وٺندو تہ ان کي شيطان يا شيطاني ٽولو تباهي طرف ڌڪيلڻ ۾ ڪا ڪمي ڪو نہ ڪندو.

مڪي جا ڪافر چوندا هئا تہ تون خدا جي پاران موڪليل رسول هجڻ جي دعوىٰ ٿو ڪرين ۽ چوين ٿو هي قرآن الله پاران نازل ڪيو ويو آهي تہ تون پنهنجي ان الله کان گهر ڪر تہ هو توکي ڪو حسي معجزو ڏئي. جنهن کي اسان پنهنجين اکين سان ڏسي سگهون. جيڪڏهن تنهنجو خدا اها ڳالهہ قبول نٿو ڪري تہ پوءِ تون جهڙيءَ طرح قرآن جون آيتون پوين قصن ڪهاڻين مان ٺاهي ٿو وٺين تہ اهڙو هٿراڌو نهيل معجزو ئي ڏيکار. پر ڪهاڻيون ٺاهڻ ذرا آسان آهن. اهڙو معجزو جيڪو اکين سان ڏسي سگهجي اهو تنهنجي جوڙڻ ۽ پيش ڪرڻ کان مشڪل آهي. هو حضرت موسىٰ ۽ حضرت عيسىٰ عليهما السلام جي معجزن جهڙن معجزن جو ظهور گهري رهيا هئا، جنهن تي وقتي طور حضور خاتم النبيين ﷺ کي اهو مطالبو شاق گذريو ٿي.(الانعام: 35/6) چو تہ اهڙي معجزي کي نہ ڏسڻ سبب ڪافر قرآن کي بہ هٿ گهڙيل ڪهاڻي ڪوٺي رهيا هئا.(يونس: 15/10، هود: 113/11، بني اسرائيل: 74/17، القلم: 9/68) هنن کي چئو تہ مان ڪا بہ شيءِ پنهنجي طرفان ٺاهي پيش نٿو ڪري سگهان، مان تہ صرف وحي الاهيءَ جو اتباع ڪيان ٿو، جيڪا الله جي طرفان عنايت ٿئي ٿي. هيءُ قرآن تہ بصيرت افروز ۽ دليلن سان لبريز آهي، جيڪو ماڻهو هن تي غور و فڪر ڪري دل جي سچائيءَ سان قبول ڪري تہ ان لاءِ هدايت ۽ رحمت جو خزانو آهي. جيڪي ڪافر تو کان معجزي جا خواهشمند آهن، انهن کي چئو تہ مون ڏانهن هي قرآن نازل ٿيو آهي، جيڪو خود هڪ معجزو آهي، جنهن جي ٻڌڻ کان هو ڪنن ۾ آڱريون وجهن ٿا، غل، شور شرابو ڪن ٿا تہ جيئن ڪو ماڻهو نہ هن کي ٻڌي ۽ نہ وري ان جي تعليم ڏانهن توجه ڏئي. تون هنن نافرمانن جي طنز آميز ۽ توهين جهڙن جملن کان رنجيده دل نہ ٿي. هنن کي

درگذر ڪندي، تون پنهنجي جماعت مسلمانن ڏانهن تبليغ جو پيغام جاري رک ۽ انهن کي چئو تہ جڏهن اوهان جي سامهون قرآن پڙهيو وڃي تہ ان کي ڪن ڏئي پوري ڌيان سان خاموش رهي ٻڌو. (البقره: 23/2) يقين ڄاڻو تہ خدا طرفان اوهان تي رحمتن جي برسات تي ويندي ۽ ترقي ۽ تعمير اوهان جا قدم چمندي. جڏهن خدا جي موڪليل هن هدايت نامي (قرآن) کي خاموشيءَ سان ڌيان ڏئي ٻڌو (الاعراف: 204/7) تہ پوءِ ائين نہ سمجهو تہ بس مقصد پورو ٿي ويو، پر هن ڪتاب جي رهنمائي ۾ دائمي تلاوت سان الله جي ياد ۾ صبح شام محو ۽ مشغول ٿي وڃو. (الاعراف: 205/7، بني اسرائيل: 17/111-110، العنڪبوت: 45/29، الاحزاب: 41/33) هن قرآن کي نهايت توجه ۽ دل جي گهراين ۽ تحت الشعور جي آخري حدن تائين سمجهڻ سان الله آڏو عاجزي نيازي سان رابطو قائم رکو ۽ خوف الاهي کان ڪنبندا رهو. هي قرآن ۽ خدا جو ذڪر زور زور سان ڪرڻ بدران آهستگي ۽ پوري ڌيان سان ڪريو. قرآن بہ ذڪر آهي ۽ الله جا نالا مبارڪ (اسماءُ الحسنیٰ) جو ورد بہ ذڪر آهي، جنهن کان هرگز غفلت ۽ بيپرواهي اختيار نہ ڪيو. خدا جي مقبول ۽ محبوب ٻانهن جو دائمي مشغلو اهو آهي تہ هو هن جي اطاعت ۽ عبادت کان ڪڏهن بہ ڪنڌ نہ ڪيندا آهن، هميشہ ان جي آڏو سجده ريز ٿي، هن جي تسبيح ۽ حمد و ثنا ۾ مشغول رهن ٿا. دعا آهي تہ الله اسان کي بہ اهڙن نيڪ ۽ صالح ٻانهن جي صف ۾ شامل ڪرڻ فرمائي آمين.

———●●●———

الحمد لله! الله جي توفيق ۽ اعانت سان اڄ تاريخ 18 جون 2022ع بروز ڇنڇر سورة الاعراف جو شرح بيان اختتام پذير ٿيو.

گلاسڪو - برطانيہ

# سُوۡرَةُ الاَنۡفَالِ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الله تعالىٰ جي بابرڪت نالي سان شروع، جيڪو نهايت وڏو مهربان ۽ هميشه رحم ڪرڻ وارو آهي.

سورة الانفال بدر جي جنگ کان بعد نازل ٿي. هن ۾ جنگ بدر جو بيان آهي، جيڪا مسلمانن جي تبليغ مڪ بعد مديني ۾ مسلح جدوجهد جي شروعات هئي، جنهن جنگ ۾ الله تعالىٰ جي غيبي مدد سان بي سرو سامان مختصر جماعت کي هڪ وڏي مسلح لشڪر تي اهڙي شاندار فتح حاصل ٿي، جو ان کي حق ۽ باطل ۾ فيصلي ڪرڻ واري "اَلۡفُرۡقَان" سڏيو ويو. هن جنگ ۾ فتح مبين سان گڏ مال غنيمت بہ هٿ آيو، جيڪو عربن جي دور جهالت وارين جنگين جي روايت موجب جو جنهن کي هٿ آيو، اهو ان جي ملڪيت هوندو هو. ان ڪري جنگ ۾ برابر جي شرڪت ڪرڻ وارن سان ڪجهه سپاهين کي گهڻو مال، ڪجهه کي ٿورو مال ۽ ڪجهه کي ذرو پر بہ نہ ملندو هو. جنهن ڪري انهن درميان نزاع ۽ جهيڙو رهندو هو ۽ مال غنيمت جي حرص ۾ اصلي مقصد جنگ گهٽجي ويندو هو. ان مال کي "غنائم" يعني مال غنيمت سڏيندا هئا. پر الله تعالىٰ "اَلۡغَنَائِم" جي بدران "اَلۡاَنۡفَال" جو محاورو استعمال ڪيو آهي. "اَنۡفَال" جمع آهي، "نَفَل" بمعنىٰ اضافي يا زياده هجڻ جي. شرعي اصطلاح ۾ اهو مال، جيڪو جنگ ۾ دشمن کان هٿ اچي، جنهن کي "غنائم" ۽ "مالِ غنيمت" چون ٿا. هاڻي اهو انفال آهي. نماز ۾ بہ فرض جي ادائگي بعد اضافي عبادت کي "نفل" سڏيندا آهن. اهڙي طرح مسلمانن جي جنگ کي جهاد في سبيل الله ۽ مال غنيمت کي "انفال" سڏيو ويو. جهاد جو اصل مقصد الله جي رضا ۽ فتح جو حصول آهي، جيڪو مؤمن تي فرض آهي، پر جنگ ۾ هٿ آيل مال الله طرفان مزيد يا اضافي عنايت آهي، جيڪا دراصل الله جي نصرت ۽ رسول الله ﷺ جي شرڪت سبب الله ۽ الله جي رسول ﷺ جو مال آهي ۽ لٽ مار جو مال ناهي. نفل جو تصور بہ اهو آهي تہ

جيڪڏهن اهو ٻانهي طرفان ٿئي ٿو ته فرض کان وڌيڪ واري بندگي آهي، پر جي الله طرفان ٿئي ٿو ته فرض جي ادائگي جو نتيجو الله جي رضا ۽ خوشنوديءَ سان گڏوگڏ نصرت به آهي، پر فتح جهڙي فرض جي اصلي انعام بعد هي الله طرفان عطيه آهي، ان کري اسلام ۾ ”اَلْغَنَائِم“ کي ”اَلْاَنْفَال“ چئي الله ۽ ان جي رسول ﷺ جو مال قرار ڏنو ويو آهي. هن سورة جي شروع ۾ متوجّه ڪيو ويو آهي ته هي لٽ مار وارو مال ”غنيمت“ نه آهي، پر الله طرفان اضافي انعام آهي، جيڪو دراصل الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي ملڪيت آهي.

هن سورة سڄوري ۾ جنگ بدر جي فتح ۽ ڪاميابي واري روئداد ٻڌائڻ کان اڳ ۾ سورة جي شروعات هن اهم ديرينہ مسئلي مال غنيمت جو بيان آهي ته مؤمن کي معلوم هئڻ گهرجي ته هي مال ذاتي ناهي، پر الله ۽ ان جي رسول ﷺ جو آهي، جيڪو الله جي غيبي مدد ۽ حضور ﷺ جي طفيل عطا ٿيو آهي. هن مال جو پنجون حصو بيت المال ۾ حقدار مسلمانن ۽ رياست تي خرچ ڪيو ويندو ۽ باقي مال جنگ ۾ شرڪت ڪندڙ سوپ ماڻيندڙ سپاهين ۾ سندن فرض ادائگي جي صلي ۾ الله جي رضا ۽ فتح کان اضافي تحفو ”انفال“ آهي. اسلام ۽ ايمان جي وضاحت سورة الحجرات آيت 14 ۾ آيل آهي. ان کان سواءِ حديث جبرئيل ”بُنِيَ الْاِسْلَامُ عَلٰى خَمْسٍ“ ۾ بيان ٿيل آهي. هت ايمان ۽ مؤمن جي شناخت آيت نمبر 2 ۽ آيت نمبر 74 ۾ ڪئي وئي آهي، جنهن موجب اسلام جو بنيادي فرائض جي ادائگيءَ بعد ايمان جي لذت حاصل ڪرڻ ۽ ”دل جو يقين“ ۽ جهاد في سبيل الله جو اضافو آهي. يعني هڪ جو تعلق دل جي نظريي سان آهي، جنهن ۾ الله جو ذڪر، تلاوتِ آيات سان رقتِ قلب، ايمان ۾ اضافو، اقامت صلواة ۽ انفاق في سبيل الله جو بيان آهي ته ٻئي جو تعلق عمل سان آهي. يعني ان مشڪل دور ۾ مؤمن لاءِ مدينه طرف هجرت ڪرڻ، جهاد ڪرڻ ۽ مهاجرن جي مدد ڪرڻ آهي. هن سورت ۾ مؤمنن جي انهن خاصيتن جو ذڪر آهي، جو هڪ سچي مسلمان جي شناخت آهي. الله اسان کي به اهڙي خوشنصيب جماعت ۾ شامل ڪري. آمين. ترتيب ۾ هن سورت جو نمبر 8 آهي، پر نزول جي لحاظ سان 93 نمبر تي آهي. هيءَ سورة 2 هجريءَ ۾ جنگ بدر کان پوءِ نازل ٿي.

(و ما توفيقي الا بالله)

آيتون ٧٥

# سُوْرَةُ الْاَنْفَالِ (مدني سورت)

رڪوع ١٠

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَنْفَالِ ؕ قُلِ الْاَنْفَالُ لِلّٰهِ وَ الرَّسُوْلِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَصْلِحُوْا
ذَاتَ بَيْنِكُمْ ۪ وَ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗۤ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ① اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ
الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ وَ اِذَا تُلِيَتْ عَلَيْهِمْ اٰيٰتُهٗ زَادَتْهُمْ
اِيْمَانًا وَّ عَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ۚۖ ② الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَ مِمَّا
رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ③ اُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا ؕ لَهُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ
وَ مَغْفِرَةٌ وَّ رِزْقٌ كَرِيْمٌ ۚ ④

الله جي (بابرڪت) نالي سان شروع جيڪو تمام گھڻو مهربان ۽ لڳاتار رحم ڪرڻ وارو آهي.

( اي نبي محترم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ ! هي مجاهد) تو ڪان مال غنيمت بابت دريافت ڪرڻ گھرن ٿا. ڪين چؤ تہ غنيمت الله ۽ ان جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جو مال آهي. پوءِ خدا ڪان ڊڄو ۽ پاڻ ۾ صلح رکو ۽ جيڪڏهن ايمان وارا آهيو تہ الله ۽ ان جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي حڪم جي پابندي ڪريو.(1) بيشڪ مؤمن تہ اهي آهن جڏهن الله جو ذڪر ٿئي ٿو تہ هنن جون دليون دهلجي وڃن ٿيون ۽ جڏهن هنن کي الله جون آيتون پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون تہ هنن جي ايمان ۾ وڌيڪ اضافو اچي ويندو آهي ۽ اهي پنهنجي پروردگار تي ڀروسو ڪن ٿا.(2) اهي اقامتِ

صلوات جو اهتمام ڪن ٿا ۽ جيڪو رزق اسان ڪين عطا ڪيو آهي. (الله جي راهه ۾) خرچ ڪن ٿا. (3) اهي ئي سچا مؤمن آهن، جن لاءِ سندن پروردگار وٽ وڏا وڏا رتبا آهن ۽ بخشش ۽ عزت وارو رزق آهي. (4)

جنگ بدر ۾ جيڪو مالِ غنيمت هٿ آيو، ان جي تقسيم تي مسلمانن ۾ اختلاف راءِ ٿي پيو. هن جنگ کان اڳ جنهن سپاهيءَ ڪي جيترو مالِ غنيمت هٿ اچي ويندو هيو، اهو ان جي ملڪيت هوندو هيو، پر جيڪو سپاهي مالِ غنيمت حاصل ڪرڻ کان محروم رهجي ويندو هيو، ته اهو ناخوش ۽ ناراض ٿي نزاع ڪندو هيو. اسلام ۾ اچڻ بعد مسلمانن جي اها پهرين جنگ هئي، جنهن ۾ مالِ غنيمت لاءِ ٽي گروهه دعويدار ٿيا. هڪ گروهه، جنهن جي قبضي ۾ مال آيو. ٻيو گروهه، جنهن جنگ بعد دشمن جو پيڇو ڪري، دشمن کي ڀڄائي ڇڏيو ۽ مالِ غنيمت کان محروم رهيو. ٽيون گروهه اهو هيو، جيڪو جنگ ۾ حضور اڪرم خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم جي حفاظت لاءِ حصار بڻايو بيٺو هيو. هي گروهه به مالِ غنيمت کان محروم رهيو. قديم روايت مطابق پهريون گروهه مالِ غنيمت پنهنجي ملڪيت سمجهندو هيو، پر مسلمانن جا باقي ٻه گروهه به برابر جو حصو گهري رهيا هيا. ان ڪري حڪم آيو ته اي نبي محترم خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم ! هي مجاهد تو کان دريافت ڪرڻ گهرن ٿا ته مال غنيمت بابت ڪهڙو حڪم آهي. هنن کي ٻڌاءِ ته اسلامي جهاد جي نتيجي ۾ فتح حاصل ڪرڻ، هٿ آيل مال غنائم يعني مال غنيمت ناهي، جو لٽ مار ۾ جنهن کي جيترو هٿ اچي ته اهو ان جو مال ٿي ويو، پر اهو "انفال" يعني الله جي طرفان اصل فرض جي ادائگي ۽ حصول بعد اضافي تحفو آهي، جيڪو ڪنهن جي به ذاتي ملڪيت نه آهي، پر الله ۽ ان جي رسول مقبول خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم جي ملڪيت آهي. هڪ مؤمن ته جهاد جو فريضو الله جي دين جي سربلندي لاءِ رضاڪارانه طور ادا ڪندو آهي، جنهن جو اجر ته الله وٽ آهي ۽ بظاهر اسلامي لشڪر جي فتح آهي، پر هن پرخلوص ۽ قابل داد اطاعت لاءِ پنهنجو سڀ کان قيمتي سرمايهءِ زندگي پيش ڪرڻ جو الله طرفان هي مالِ غنيمت "انفال" جي نالي سان مزيد عطيو آهي، جيڪو الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم جي حوالي آهي. يعني جهاد فرض آهي ۽ جهاد ۾ هٿ آيل مال انفال مزيد تحفو آهي، ڪنهن جي ملڪيت نه آهي. (نفل جي

معنىٰ ئي آهي فرض کان وڌيڪ عطيو. ”انفال“ ان جو جمع آهي) جيڪڏهن اهو تابع (بندي) ٻانهي جي طرفان آهي تہ اهو فرض واجب کان يا حق کان زياده بندگي ڪرڻ آهي، پر جيڪڏهن متبوع (مالڪ) جي طرفان آهي تہ ٻانهي کي ان جي حق کان علاوه وڌيڪ ڏيڻ، الله جي رضا ۽ خوشنوديءَ سان نصرت ۽ فتح آهي، سو ان ڪري هي عطيو عطا ڪرڻ آهي، مال، مالِ غنيمت ناهي، پر انفال آهي، جيڪو الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي ملڪيت آهي. انفال اخلاقي، انتظامي ۽ انصاف تي مبني فيصلو آهي. ان ڪري اوهان پاڻ ۾ هن عطيي بابت نزاع ۽ جهڳڙو نہ ڪيو ۽ جهالت جي دور واري رسم اختيار ڪرڻ کان پاڻ کي الله جي عذاب کان بچايو ۽ هن کي مال غنيمت سمجهي پاڻ ۾ اختلاف، بدگماني، فساد ۽ حسد نہ ڪريو، پر هڪ مهذب ۽ مخلص قوم وانگر پاڻ ۾ اصلاح آڻيو. هن بابت آيل خدا جي حڪمن ۽ رسول الله ﷺ جي ٻڌايل فيصلي جي دل جي گهراين سان آجيان ۽ اطاعت ڪيو، جيڪڏهن اوهان مؤمن جو اعلىٰ مقام ماڻڻ گهرو ٿا. جهاد تہ فرض عين آهي، جنهن ۾ شهيد جو مرتبو ۽ مقام سورة البقره: 154/2 ۽ سوره آل عمران: 3/ 169 کان 171 ۾ بيان آهي، پر سورة الانفال ۾ ان شهادت ۽ فتحيابي کان اضافي عطيو آهي.

شهادت ہے مقصود مطلوب مومن
نہ مالِ غنیمت نہ کشور کشائی (اقبال رحمۃ اللہ)

مؤمنن جو شان تہ اهو آهي، جنهن ۾ هت بيان ٿيل اوصاف موجود هجن. پهرين وصف اها آهي تہ هو الله جي عظمت، جلال ۽ ڪبريائي جو پورو پورو شعور رکن ٿا، ان ڪري الله جي ڪبريائي ۽ جلالت بابت جڏهن بيان ٻڌن ٿا يا هن جي حڪم جي خلاف ورزي ڪرڻ بعد جيڪا تباهي ۽ هلاڪت ٿئي ٿي، ان جو پتو پوين ٿو تہ هنن جون دليون دهڪجي وڃن ٿيون، پر جڏهن هنن اڳيان قرآن جون اهي آيتون پڙهيون وڃن ٿيون، جن ۾ قومن جي لاءِ زندگي ۽ آخرت جون خوشگوار بشارتون موجود آهن تہ هنن جي ايمان ۽ اعتماد ۾ اضافو اچي ويندو آهي. (التوبه: 124/9، مُحمّد: 17/47، الفتح: 48/ 4، المدثر: 31/74) حديث ۾ آهي: ”يُخْرَجُ مِنَ النَّارِ مَنْ قَالَ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ فِيْ قَلْبِهٖ مِثْقَالُ حَبَّةٍ مِّنْ اِيْمَانٍ“ جنهن جي بہ دل ۾ ايمان جي جهلڪ بہ آهي ۽ ”لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ“ چوي ٿو تہ باهہ کان آجو ڪيو ويندو. الله ۽ ان جي پياري رسول ﷺ جي حڪمن کي دل جي گهراين سان قبول ڪرڻ ۽ ان تي

عمل پيرا ٿيڻ ۾ اڳئين کان اڳرا ماضي کان مزيد هوندا آهن. هنن مؤمنن جو خدا جي ڪيل وعدن تي مضبوط ايمان سان توڪل علي الله تي يقين ۽ ڀروسو ٿي ويندو آهي. جنگ جو ميدان هجي يا صلح و امن جو ماحول، سفر جي صورت هجي يا گهر جو آرام، بيماريءَ جو وقت هجي يا صحت جو، هر حالت ۾ اقامتِ صلوات جو پابندي سان اهتمام ڪن ٿا ۽ الله وٽان مليل رزق، مال متاع يا انساني صلاحيتن جي نتيجي ۾ عطا ٿيل خدا جي نعمتن کي خدا جي دين جي سربلندي ۽ خلق خدا جي بهبود ۽ ڀلائي ۾ لڳائن ٿا. (البقره: 2/ 3، 261 کان 265) جنهن سان هنن جي اجتماعي اصلاح، همدردي ۽ ڀلائي جو جذبو پروان چڙهي ٿو. ”اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا“ هنن صفات جا حامل ئي حقيقت ۾ سچا ۽ برحق مؤمن آهن. اهي ئي سچا مؤمن آهن، جن جي ايمان ۽ يقين مطابق الله وٽ سندن درجي بدرجي اعلىٰ مرتبا آهن ۽ سندن ڪوتاهين ۽ غلطين لاءِ الله جي مغفرت جو دامن ڪشادو آهي ۽ انهن لاءِ رزق روزي جا عزت ڀريا انعام آهن. ياد رهي ته ايمان جامد شيءِ آهي، پر مثبت عمل سان ايمان ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ منفي عمل ڪرڻ سان ايمان ۾ ڪمي اچي ٿي.

كَمَآ اَخْرَجَكَ رَبُّكَ مِنْۢ بَيْتِكَ بِالْحَقِّ ۠ وَاِنَّ فَرِيْقًا مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ لَكٰرِهُوْنَ ۙ﴿٥﴾
يُجَادِلُوْنَكَ فِي الْحَقِّ بَعْدَ مَا تَبَيَّنَ كَاَنَّمَا يُسَاقُوْنَ اِلَى الْمَوْتِ وَ هُمْ
يَنْظُرُوْنَ ﴿٦﴾ وَ اِذْ يَعِدُكُمُ اللّٰهُ اِحْدَى الطَّآئِفَتَيْنِ اَنَّهَا لَكُمْ وَتَوَدُّوْنَ
اَنَّ غَيْرَ ذَاتِ الشَّوْكَةِ تَكُوْنُ لَكُمْ وَ يُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّحِقَّ الْحَقَّ
بِكَلِمٰتِهٖ وَ يَقْطَعَ دَابِرَ الْكٰفِرِيْنَ ۙ﴿٧﴾ لِيُحِقَّ الْحَقَّ وَ يُبْطِلَ الْبَاطِلَ وَلَوْ
كَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ ۚ﴿٨﴾ اِذْ تَسْتَغِيْثُوْنَ رَبَّكُمْ فَاسْتَجَابَ لَكُمْ اَنِّيْ
مُمِدُّكُمْ بِاَلْفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُرْدِفِيْنَ ﴿٩﴾ وَمَا جَعَلَهُ اللّٰهُ اِلَّا بُشْرٰى
وَلِتَطْمَئِنَّ بِهٖ قُلُوْبُكُمْ ۚ وَمَا النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ
حَكِيْمٌ ۧ﴿١٠﴾ ع ١٥

هن مال غنيمت (انفال جي معاملي ۾ اختلاف راءِ) ان (معاملي) جهڙي آهي، جڏهن توکي تنهنجي رب هڪ حق جي معاملي تي تنهنجي گهر کان ٻاهر آندو، مسلمانن جي هڪ گروهه کي اهو سخت ناپسند هو(5) جنهن لاءِ هو توسان اختلاف ڪري رهيا هئا. جڏهن تہ حق صاف صاف ظاهر ٿي چڪو هو. هنن جو خيال هو تہ هو اکين ڏٺي موت طرف ڌڪيليا پيا وڃن. (6) اهو وقت بہ ياد ڪريو جڏهن الله اوهان سان وعدو ڪيو تہ انهن ٻن گروهن مان هڪ توهان کي ملي ويندو. اوهان جو خيال هو تہ ڪمزور گروهہ اوهان کي ملي، مگر الله جي مشيت هئي تہ هو پنهنجي حڪم ۽ قدرت سان حق کي حق ثابت ڪري ۽ ڪافرن جي پاڙ ڪٽي ڇڏي.(7) تہ جيئن حق، حق جي صورت ۾ اچي ۽ باطل، باطل جي رنگ ۾ هجي. توڙي مجرم ماڻهن کي اهو ڪيترو ناگوار لڳي. (8) اهو وقت بہ ياد هوندو تہ جڏهن اوهان پنهنجي رب کي ٻاڏائي رهيا هئا جنهن جي جواب ۾ هن (الله) فرمايو تہ مان اوهان جي مدد لاءِ لڳاتار هڪ هزار فرشتا موڪلي رهيو آهيان.(9) هي اوهان کي ان لاءِ ٻڌايو ويو تہ جيئن توهان کي خوشخبري هجي ۽ دلي اطمينان حاصل ٿئي، حالانڪ مدد جڏهن بہ ايندي آهي تہ اها الله جي طرفان ئي هوندي آهي. بيشڪ الله زبردست قوت وارو ۽ دانا بينا آهي.(10)

---

هتي تمثيل طور چيو ويو آهي تہ مال انفال ۾ اختلاف راءِ وارو معاملو ان اختلاف راءِ واري جهڙو آهي، جڏهن تنهنجي پروردگار حق کي حق ثابت ڪري ڏيکارڻ لاءِ توکي تنهنجي گهر کان ٻاهر آندو هو ۽ تو ابوسفيان جي تجارتي قافلي تي حملي ڪرڻ بدران هڪ مسلّح لشڪر سان چند بي سرو سامان مجاهدن کي لڙڻ جو حڪم ڏنو هيو، جيڪو فيصلو هڪ گروهہ کي ناگوار لڳو. تنهنجي هن درست ۽ حق واري فيصلي خلاف هو تڪرار ڪري رهيا هئا. حالانڪ حق صاف صاف ظاهر ٿي چڪو هو. هنن جو خيال هو تہ الله هڪ جو وعدو ڪيو آهي. ان ڪري هڪ وڏي مسلّح ۽ هر طرح جي سازو سامان سان تيار لشڪر سان مهاڏو اٽڪائڻ بدران ننڍڙي گهٽ هٿيار واري قافلي تي حملو ڪري

مقصد حاصل ڪجي. وڏي مضبوط هٿياربند لشڪر سان لڙڻ ۾ اڪين سان موت ڏسي رهيا هئا، پر الله جي مشيت ۽ مصلحت هئي تہ (مؤمنن جي) هن غير مسلح يا گھٽ مسلح ننڍڙي جماعت کي هڪ وڏي مضبوط هٿياربند لشڪر سان مقابلي ۾ آڻي، حق کي ثابت ڪرڻو هو ۽ ڪافرن جي پاڙ پٽي ڇڏڻي هئي ۽ دنيا آڏو ثابت ٿيڻو هو تہ حق جي طرفدارن کي ٿورا ۽ گھٽ اسلحي ۽ اسباب وارا هجن تہ باطل جي طاقتور لشڪر سان لڙائي ۾ سوڀ ڏيڻ الله جي حڪم سان حق کي حق ثابت ڪرڻو هيو ۽ ڪافرن کي عبرت ناڪ شڪست ڏيڻي هئي، توڙي ڪافرن ۽ انڪار ڪندڙن ٽولي لاءِ ڪيترو بہ ناگوار هجي. ياد رکڻ گھرجي تہ قريش سان مسلح تصادم ڪرڻ کي ہہ گروهہ ناپسند ڪري رهيا هئا. پهريون گروهہ منافقن جو هيو، جن جو چوڻ هو تہ لڙائي جهڳڙو ڪرڻ سني ڳالهہ ناهي، ان ڪان بچڻ گهرجي، ٻيو گروهہ انهن سادي طبيعت ۽ ٿڌي مزاج وارن مسلمانن جو هو تہ اجان قريش ڪاهي نہ آيا آهن. ان ڪري في الحال جنگ جو سوچڻ سنو سونهڻ ناهي.

مگر هن آيتن ۾ حضور خاتم النبيين ﷺ کي مسلح جٿي سان مهاڏو اٽڪائڻ ۽ انهن کي الله جي مدد سان شڪست فاش ڏيڻ ۽ مجاهدن جي همت افزائي ۽ اسلام جي بالادستي جو اظهار مقصود هو ۽ ثابت ڪرڻو هو تہ ڪيڏيون بہ مشڪل ۽ ڪٺن حالتون هجن، حق جي عملدارن کي الله جي نصرت ۽ مدد يقيني امر آهي. نازڪ ۽ صبرآزما گھڙيون ياد ڪريو، جڏهن توهان سراپا عجزو نياز جي تصوير بڻجي بارگاهہ رب العزت ۾ دردمند دل سان دعا ۾ مشغول هئا ۽ اوهان جي رسول خاتم النبيين ﷺ سربسجود ٿي خدا کي ٻاڏائي چئي رهيو هو تہ ”خدايا! قريش غرور سان آيا آهن تہ تنهنجي رسول کي ڪوڙو ثابت ڪن. الله هاڻي تنهنجي اها مدد اچڻ کپي، جنهن جو تو مون سان وعدو ڪيو هو. خدايا! جيڪڏهن اڄ هي مُٺ ڀر جماعت هلاڪ ٿي وئي تہ هن روءِ زمين تي ڪوبہ تنهنجي عبادت نہ ڪري سگھندو. (حديث) اوهان جي هنن دانهن، پڪارن، التجائن ۽ دعائن کي قبوليت ڏيندي، اوهان جي حوصلي کي برقرار رکڻ ۽ اطمينان ڏيڻ لاءِ الله سائينءَ فرمايو تہ گھبرايو نہ جيڪڏهن دشمن هزار سپاهين جو لشڪر جنگ لاءِ وني آيا آهن تہ توهان جي مدد لاءِ هڪ هزار فرشتن جو لشڪر لڳاتار ايندو رهندو ۽ ڪائناتي قوتون توهان جي حق ۾ حالات سازگار ڪنديون. (الانفال: 11/8) الله طرفان هر حالت ۾ توهان کي ڪاميابي ملڻي هئي.

الله پاران اوهان جي فتح جي اڳواٽ بشارت ڏيڻ سان توهان کي قلبي سڪون ۽ قرار ڏيڻ مقصود هيو. (آل عمران: 126/3، حٰم السجده: 30/41) جيتري قدر جنگ ۾ فتح و نصرت جو سوال آهي ، اها الله جي طرفان الله جي لشڪر (حزب الله) کي ملڻي ئي ملڻي آهي (النور: 55/24) ۽ اوهان جي ڪاميابي ۽ ڪامراني به انهي قانون مشيت جو اظهار آهي. ياد رهي ته توهان مسلمانن جو 313 سپاهين جو غيرمسلّح لشڪر ته تجارتي قافلي لاءِ نڪتو هيو، جنهن کي نه جنگ ڪرڻ جو گمان هيو ۽ نه وري ايترو ننيڍڙو ٽولو هڪ وڏي مُسلّح لشڪر کي شڪست ڏيڻ وارو آهي. هي جنگ الله تعاليٰ جي حڪمت ۽ مصلحت سان ٿي، جنهن ۾ فرشتن ذريعي الله تعاليٰ جي امداد آئي ۽ هڪ ناممڪن شيءِ ممڪن ٿي وئي. اها فتح ۽ مالِ انفال (مالِ غنيمت) ته اوهان جي ظاهري حالتن مطابق ته ناممڪن هيو، اهو رڳو الله جي مصلحت ۽ نصرت جو ڪارنامو هيو. ان ڪري اهو هٿ آيل مال به الله جو آهي، جنهن اوهان کي جهاد جي بدلي ڪاميابي ڏني ۽ مزيد انفال به ڏنو. هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته غلبو، قوت طاقت ۽ پر تدبير حڪمت الله عزيز و حڪيم وٽ آهي.

اِذۡ يُغَشِّيۡكُمُ النُّعَاسَ اَمَنَةً مِّنۡهُ وَ يُنَزِّلُ عَلَيۡكُمۡ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً
لِّيُطَهِّرَكُمۡ بِهٖ وَ يُذۡهِبَ عَنۡكُمۡ رِجۡزَ الشَّيۡطٰنِ وَلِيَرۡبِطَ عَلٰى قُلُوۡبِكُمۡ
وَيُثَبِّتَ بِهِ الۡاَقۡدَامَ ؕ ⑪ اِذۡ يُوۡحِىۡ رَبُّكَ اِلَى الۡمَلٰٓـئِكَةِ اَنِّىۡ مَعَكُمۡ
فَثَبِّتُوا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا ؕ سَاُلۡقِىۡ فِىۡ قُلُوۡبِ الَّذِيۡنَ كَفَرُوا الرُّعۡبَ
فَاضۡرِبُوۡا فَوۡقَ الۡاَعۡنَاقِ وَاضۡرِبُوۡا مِنۡهُمۡ كُلَّ بَنَانٍ ؕ ⑫ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ
شَآقُّوا اللّٰهَ وَ رَسُوۡلَهٗ ۚ وَمَنۡ يُّشَاقِقِ اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيۡدُ
الۡعِقَابِ ⑬ ذٰلِكُمۡ فَذُوۡقُوۡهُ وَاَنَّ لِلۡكٰفِرِيۡنَ عَذَابَ النَّارِ ⑭

ياد ڪريو جڏهن الله پنهنجي طرفان اوهان تي، توهان جي تسڪين لاءِ اونگهه (غنودگي) طاري ڪري رهيو هو ۽ آسمان طرفان اوهان تي بارش برسائي رهيو

هو تہ جيئن اوهان کي پاڪ ڪري ۽ اوهان جي نجاست دور ڪري، اوهان کي همت ڏئي ۽ انهيءَ سان اوهان جا قدم ڄمائي.(11) (۽ اهو وقت ياد ڪريو) جڏهن اوهان جو رب فرشتن کي وحي ڪري رهيو هيو تہ مان اوهان جو ساٿي آهيان، توهان ايمان وارن کي ثابت قدم رکو. هاڻي ئي ڪافرن جي دلين ۾ رعب وجهان ٿو تہ پوءِ اوهان هنن جي گردنن تي ضرب لڳايو ۽ هنن جي سَنڌَ سَنڌَ تي چوٽ هڻو. (12) اهو ان لاءِ ڪيو ويو تہ انهن الله ۽ ان جي رسول ﷺ جو مقابلو ڪيو آهي. (رنجايو آهي) جيڪو بہ الله ۽ ان جي رسول ﷺ جو مقابلو ڪندو، ان کي اهڙي سزا ئي ملندي. الله نهايت سخت سزا ڏيڻ وارو آهي.(13) هي هتي جي سزا آهي، ان جو مزو وٺو ۽ اڳتي ڪافرن لاءِ باهہ جو عذاب آهي.(14)

حالات جي پس منظر ۾ مشڪلاتن تي مشڪلاتون هجڻ سبب جيڪو فڪر ۽ خوف مسلمان محسوس ٿي ڪيو، اهڙي ڏکئي وقت ۾ الله مسلمانن جي دلين ۾ اطمينان جي ڪيفيت پيدا ڪرڻ لاءِ مٿن هلڪي ننڊ يا غنودگي طاري ڪئي، جنهن سبب سندن اعصاب، دل ۽ دماغ کي ايترو سڪون اچي ويو، جو هو تازه دم ٿي جنگ جي ميدان ۾ بي خطر ڪڏي اچن. (آل عمران: 154/3) ياد رهڻ گهرجي تہ اهڙي خطرناڪ ماحول ۾ ننڊ اچڻ سان الله سندن دل ۽ دماغ جي حالت سازگار بنائي، جنهن سان مؤمنن جي دلين کي دشمنن کان بي خوف ڪري، چوتہ خوف ۾ ننڊ نہ ايندي آهي ۽ دل ۾ پريشاني رهندي آهي. انهيءَ رات آسمان طرفان بارش وسائي جنهن ڪري هڪ طرف سندن پاڻيءَ جي ضرورت پوري ٿي وئي ۽ مجاهدن بند ٻڌي پاڻي استور ڪيو، برسات سان واري ڄمي وئي ۽ هلڻ چلڻ آسان ٿي ويو، جنهن ڪري سندن سموريون ڪدورتون، شڪ شبها ۽ وهم و گمان دور ٿي ويا ۽ دليون صاف پاڪ ٿي ويون. ارادا ۽ عزم مضبوط ٿي ويا. قدم ڄمي ويا. ٻئي طرف قريش جي لشڪر جيڪو هيناهين پاسي سخت زمين تي خيمہ زن هو، اتي ڪيچڙ ۽ گپ ٿي وئي، جنهن ڪري هلڻ مشڪل ٿي پيو، هن برسات سبب مجاهدن جا حوصلا بلند ٿي ويا. هو هر طرف جي مايوس خيالن ۽ شيطاني وسوسن کان پاڪ صاف ٿي ويا. هنن جون

دليون اطمينان ۽ سڪون سان لبريز ٿي ويون، جنگ وڙهڻ لاءِ تازا توانا ٿي ويا ۽ غيبي مدد سان سندن دلين ۾ اطمينان ۽ سڪون اچي ويو ۽ ثابت قدمي ٿي وئي. انهيءَ دوران الله فرشتن ڏانهن وحي ڪئي تہ منهنجو اوهان سان ساٿ آهي. منهنجي مدد ۽ نصرت جو مؤمنن جي دل ۾ يقين پيدا ڪريو، انهن کي جنگ جي ميدان ۾ ثابت قدمي سان مقابلي ۾ وڙهڻ جو حوصلو ڏيو. مان سندن مخالفن جي دل ۾ هنن جي جرئت، همت جي ڏاڪ ۽ دهشت طاري ڪندس، جنهن ڪري هو خوفزده ۽ ڪاهل ٿي ويندا. مؤمنن کي گهرجي تہ هو مخالفن جا سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏين ۽ انهن جي سَنڌ سَنڌ تي ڪاري ضرب هڻن تہ جيئن هو شڪست خورده ٿي ڪمزور ٿي وڃن ۽ سندن حوصلا ڪمزور ٿي پون.

خدا جو هي قانون مڪافات عمل انهيءَ ڪري جاري وساري آهي تہ هي گستاخ پنهنجي سرڪشي ۽ ظلم واري نظام کي قائم رکڻ لاءِ الله جي حڪمن ۽ انهن حڪمن تي تعميل ڪرائڻ واري رسول خاتم النبيين ﷺ جي مخالفت ڪن ۽ زمين تي فتني فساد جي فضا پيدا ڪن. کين معلوم هئڻ گهرجي تہ پلي کير ڪيترو بہ طاقت وارو هجي، جيڪڏهن الله جي قانون ۽ ان قانون جي رکوالي ڪندڙ رسول خاتم النبيين ﷺ جي جيڪو بہ مخالفت ڪندو تہ ان جو انجام سخت ترين عذاب هوندو. هنن کي بڇڙايو وڃي تہ هي اوهان جي بداعمالي جي نتيجي ۾ سزا آهي، جنهن جو مزو وڏي ذوق ۽ شوق سان چکو. هي خدا جو قانون رڳو اوهان ڪافرن لاءِ نہ آهي، پر هر اهو انسان جيڪو انهي روش ۽ طريقي تي حق جو انڪاري هوندو ان لاءِ باهہ ۾ سڙڻ جو عذاب آهي.

يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوٓاْ إِذَا لَقِيتُمُ ٱلَّذِينَ كَفَرُواْ زَحْفًا فَلَا تُوَلُّوهُمُ ٱلْأَدْبَارَ ﴿١٥﴾
وَمَن يُوَلِّهِمْ يَوْمَئِذٍ دُبُرَهُۥٓ إِلَّا مُتَحَرِّفًا لِّقِتَالٍ أَوْ مُتَحَيِّزًا إِلَىٰ
فِئَةٍ فَقَدْ بَآءَ بِغَضَبٍ مِّنَ ٱللَّهِ وَمَأْوَىٰهُ جَهَنَّمُ ۖ وَبِئْسَ ٱلْمَصِيرُ ﴿١٦﴾
فَلَمْ تَقْتُلُوهُمْ وَلَٰكِنَّ ٱللَّهَ قَتَلَهُمْ ۚ وَمَا رَمَيْتَ إِذْ رَمَيْتَ وَلَٰكِنَّ
ٱللَّهَ رَمَىٰ ۚ وَلِيُبْلِىَ ٱلْمُؤْمِنِينَ مِنْهُ بَلَآءً حَسَنًا ۚ إِنَّ ٱللَّهَ سَمِيعٌ عَلِيمٌ ﴿١٧﴾

ذٰلِكُمۡ وَاَنَّ اللّٰهَ مُوۡهِنُ كَيۡدِ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۱۸﴾ اِنۡ تَسۡتَفۡتِحُوۡا فَقَدۡ جَآءَكُمُ
الۡفَتۡحُ ۚ وَاِنۡ تَنۡتَهُوۡا فَهُوَ خَيۡرٌ لَّكُمۡ ۚ وَاِنۡ تَعُوۡدُوۡا نَعُدۡ ۚ وَلَنۡ تُغۡنِىَ
عَنۡكُمۡ فِئَتُكُمۡ شَيۡـًٔا وَّلَوۡ كَثُرَتۡ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ مَعَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۱۹﴾ ع

اي ايمان وارؤ! جڏهن ڪافر توهان تي حملو ڪن ۽ انهن سان دوبدو مقابلي ۾ هجو ته پٺي ڏئي نه ڀڄجو.(15) ان موقعي وقت جنهن به پويان پير (پٺ) ڪري ڀڄڻ جي ڪئي، سواءِ ڪنهن جنگي چال ڪرڻ ڪري يا فوج جي ٻئي جٿي سان ملڻ جي ڪري ته اهو الله جي غضب هيٺ اچي ويو. ان جو نڪاڻو جهنم هوندو ۽ اها جهنم نهايت خراب جڳهه آهي.(16) حقيقت اها آهي ته (جنگ ۾) هنن کي توهان قتل نه ڪيو آهي، پر الله انهن کي قتل ڪيو آهي. خاڪ جي مٺ هنن طرف تو نه اڇلائي هئي پر الله اڇلائي هئي ته جيئن مؤمنن کي هڪ بهترين ڪاميابي تي پهچائي. بيشڪ الله ٻڌڻ وارو ۽ هر شيءِ ڄاڻڻ وارو آهي.(17) هڪ ته توهان جي ڪاميابي مقصود هئي ۽ ٻيو ته هنن ڪافرن جي چال کي بيڪار بنائي ڇڏڻو هيو (18) هنن ڪافرن کي چؤ ته توهان فيصلو گهريو ٿي ته اهو فيصلو توهان جي سامهون ٿي ويو. اڳتي (شرارت کان) بازا اچي وڃو ته اوهان لاءِ بهتر آهي. پر جيڪڏهن وري ساڳي حماقت دهرائيندؤ ته اسان به اوهان خلاف سزا دهرائينداسون. اوهان جو لشڪر ڪيترو به وڏو هجي اوهان کي بچائي نه سگهندو. يقين ڪريو ته الله مؤمنن جي پشت پناهي ۾ هنن سان گڏ موجود آهي.(19)

مسلمان مجاهدن کي آگاهه ڪيو پيو وڃي ته جنگ جي ميدان ۾ جڏهن دشمن حملو ڪري ڏئي ۽ توهان جو ان سان دوبدو مقابلو جاري هجي ته ان وقت ڪنهن کي اجازت

نہ آهي تہ هو بزدل ٿي ڀڄوڙو ٿئي ۽ دشمن جي سامهون اچڻ بدران پنهنجي پٺ ڏئي پويان پير پٽي وڃي. انفال: 45/8 ۾ بہ ساڳيو فرمان آهي. نبي اڪرم خاتم النبيين ﷺ جو ارشاد گرامي آهي تہ ٽي اهڙا ڏوهہ آهن جن جي ڪرڻ بعد ڪا بہ نيڪي سودمند نٿي ٿئي هڪ شرڪ، ٻيو والدين جي حق تلفي ۽ ٽيون جنگ جي ميدان ۾ قتال في سبيل الله وقت ڀڄوڙو ٿئي. اهڙي طرح هڪ ٻي حديث ۾ ست وڏن گناهن مان "وَتَوَلّٰى يَوْمَ الزَّحْفِ" يعني جنگ جي ميدان ۾ مقابلو ڪرڻ بدران ڀڄوڙو ٿئي، پر جيڪڏهن ڪو مجاهد بزدل ٿي جهاد جي ميدان مان ڀڄي نڪري ٿو تہ پوءِ ان جو ٺڪاڻو دوزخ آهي ۽ هو خدا جي غضب جو نشانو هوندو. رڳو ٻن صورتن ۾ پنهنجي محاذ تان هٽڻ جي اجازت آهي، هڪ تہ ڪنهن جنگي چال جي مصلحت ۾ جڳهہ بدلي يا سخت دٻاءُ وقت پنهنجي ٻئي فوجي جٿي سان ملي جنگ لڙڻ گهري، انهن ٻن صورتن ۾ جاءِ بدلڻ جائز آهي، باقي بزدل ٿي موت کان ڊڄي ڀڄي ٿو تہ هو خدا جي قهر جو مستحق ٿي دوزخ حوالي ٿيندو ۽ دوزخ نهايت خراب جڳهہ آهي. جنگ جي ميدان ۾ جو توهان ڪافرن کي قتل ڪيو ٿا درحقيقت اهو قتل توهان نٿا ڪيو. هي توهان جو ذاتي ڪارنامو ناهي، پر اهو الله جي ان غيبي مدد جو نتيجو آهي (النور: 39-40/24 جنهن اوهان کي ڪامياب ڪيو ۽ ڪافرن کي شڪست فاش ڏني. جنهن ۾ الله تعالىٰ اوهان جي لاءِ حالتن کي سازگار بنايو ۽ ڪافرن لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪيون. الله جي فرشتن اوهان جي مدد ڪئي ۽ اوهان کي مايوسيءَ واري فضا مان ڪڍي، اطمينان ۽ تسڪين جي نعمت سان نوازيو، جنهن جي ڪري اوهان جي ڪاميابي ٿي. اهو سڀ ڪجهہ الله جي حڪم سان هيو. (الحج: 39-40/22)

اي نبي محترم خاتم النبيين ﷺ! جنگ جي شدت دوران جيڪا مٺيءَ مٽ "شاهت الوجوه" چئي تو ڪافرن طرف اڇلائي هئي، جيڪا ڪافرن جي منهن ۽ اکين تائين پهتي، جنهن سبب هنن جي اکين ۾ ڏنڊ اچي ويو، ان مٺيءَ مٽ کي سمورن ڪافرن تائين پهچائڻ ۽ انهن جي اکين ۾ ڏنڊ پيدا ڪرڻ تنهنجي الله طرفان هو. هت مٺيءَ جي مٽ اڇلائڻ يا ڪافرن کي قتل ڪرڻ ۾ مسلمانن طرفان سرزد ٿيڻ جو انڪار ناهي، پر انهن جي نتيجي جي نسبت الله ڏانهن آهي. سورة الفتح: 10/48 ۾ بہ اهو ساڳيو بيان هن طرح سان آهي: "اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ اِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ اللّٰهَ" ياد رهي تہ ڪجهہ تفسيرن "رَمَيْتَ" مان مراد

"تيراندازي" به ورتي آهي، پر احاديث جي روءِ سان مٺيءَ مٺ ثابت آهي. مٺيءَ مٺ اڇلائڻ ۾ هڪ لشڪر کان ٻئي لشڪر تائين پهچائڻ ۽ دشمن جي سپاهين جي اکين ۾ وجهڻ جهڙو معجزو الله طرفان نبي اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ جي دست مبارڪ کان ڪرايو ويو. اهو سارو انتظام الله تعاليٰ جي قدرت جو هيو. ياد رهي ته "اِبْتِلَاءُ" دراصل ڪنهن کي آزمائش جي ذريعي ٻاهه جي ٻني يا ڪوريءَ مان پچائي ڪاميابيءَ طرف وٺي وڃڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. هت به آيو آهي ته الله پرخلوص محنت جي عيوض مؤمنن کي سنو انعام عطا ڪري شاندار ڪاميابي بخشي. "ذٰلِكَ فَضْلُ اللهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ" جنگ ۾ هي توهان جي پهرين فتح ۽ ڪاميابي هئي، جنهن ۾ توهان جي هر عمل کي پذيرائي بخشي وئي ۽ الله طرفان ڪافرن جي هر تدبير کي ناڪام ۽ ناڪاره ڪيو. حق ۽ باطل جي جنگ ۾ اها الله جي سنت آهي. هتي الله "كَيْدُ الْكٰفِرِيْنَ" يعني "ڪافرن جي چال" چئي ٻڌايو ته بدر جي جنگ مسلمان طرفان نه هئي، پر ڪافرن جي چال ۽ سازش هئي، جو هو تجارتي قافلي کي بچائڻ جو بهانو ڪري، مسلمانن تي حملو آور ٿيا. هنن ڪافرن کي چئو ته توهان جي خواهش هئي ته توهان ۽ اسان جي درميان فيصلو ٿي وڃي، سو به توهان ڏٺو ته ٿي ويو. تفسير "اضواءُ البيان في ايضاح القرآن بالقرآن" وارو لکي ٿو: "اَلْمُرَادُ بِالْفَتْحِ هُنَا الْحُكْمُ" هتي فقط "جَآءَكُمُ الْفَتْحُ" يعني توهان جي خواهش ۽ طلب مطابق الله جو حڪم اچي ويو. "عَلَى اللهِ تَوَكَّلْنَا رَبَّنَا افْتَحْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ قَوْمِنَا بِالْحَقِّ وَاَنْتَ خَيْرُ الْفٰتِحِيْنَ" (سورة الاعراف: 89/7) "اسان جو الله تي ڀروسو آهي. اي اسان جا پالڻهار! اسان جي ۽ اسان جي قوم جي درميان حق وارو فيصلو صادر ڪرڻ فرماءِ، تون بهترين فيصلو ڪندڙ آهين". اهڙيءَ طرح سورة الاعراف: 87/7 ۾ مسلمان مجاهدن جو ذڪر هيو، پر هن آيت ۾ ڪافرن لاءِ روءِ سخن آهي ته اي ڪافرو! توهان پاڻ فيصلو ڪيو هيو، هاڻي اهو فيصلو اچي ويو آهي.

ابوجهل ۽ ٻين قبائلي رئيسن مڪي کان مديني اچڻ وقت ڪعبي جي پردي کي پڪڙي دعا ڪئي هئي ته خدايا! اسان ٻنهي مان جيڪو ناحق تي هجي ته ان کي نيست و نابود ڪر ۽ جيڪو حق تي هجي ان کي ڪاميابي عطا ڪر. سو اوهان جي دعا مطابق فيصلو ٿي ويو. ياد رکو ته مسلمانن جي هي ڪاميابي آخري ڪاميابي ناهي ۽ نه وري توهان ڪافرن جي هيءَ فاش شڪست ڪا پهرين ناڪامي آهي. هاڻي به سڌري وڃو ۽ پنهنجن

سازشن ۾ هٿڪنڊن کان باز اچو اهو ئي توهان جي حق ۾ بهتر آهي، پر جيڪڏهن اوهان وري پنهنجي سازش کي دهرايو ته اسان به مسلمانن جي حق ۾ اوهان جي خلاف فيصلو وري دهرائيندسون، پلي اوهان پاڻ ۾ ڪيترا به گڏ ٿيو، وڏو لشڪر تيار ڪيو، اهو توهان جي ڪنهن ڪم نه ايندو ۽ نه توهان کي بچائي سگهندو، جو ته الله حق وارن مؤمنن جو مددگار آهي ۽ انهن جي پشت پناهي ۾ موجود آهي. هنن جملن ۾ ڪافرن کي نه رڳو ڌمڪي ڏني وئي آهي، پر ڪين چئلينج ڪيو ويو آهي ته هاڻي جو ڪري سگهو ٿا پلي ڪيو، ڪاميابي مسلمانن جو مقدر ۽ شڪست اوهان جو نصيب هوندي. "وَلَا تَهِنُوْا وَلَا تَحْزَنُوْا وَاَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ" (آل عمران: 139/3) نه سست ٿيو ۽ نه غمگين ٿيو. جيڪڏهن مؤمن آهيو ته اوهان ضرور غالب ٿيندا.

باطل سے ڈرنے والے اے آسماں نہیں ہم
سو بار کر چکا ہے تو امتحاں ہمارا

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

سرها ڏنم سي، جن ساجاهہ سراڻ جي
تيغ تنين جي ڪي، ڪٽ نہ لڳي ڪڏهين

(سر ڪلياڻ — شاهہ رحمۃ اللہ علیہ)

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَا تَوَلَّوْا عَنْهُ وَاَنْتُمْ
تَسْمَعُوْنَ ۚ﴿٢٠﴾ وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ قَالُوْا سَمِعْنَا وَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿٢١﴾ اِنَّ
شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الصُّمُّ الْبُكْمُ الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿٢٢﴾ وَلَوْ عَلِمَ
اللّٰهُ فِيْهِمْ خَيْرًا لَّاَسْمَعَهُمْ ؕ وَلَوْ اَسْمَعَهُمْ لَتَوَلَّوْا وَّهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٢٣﴾

اي مؤمنو! الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي اطاعت ڪريو ۽ حڪم ٻڌڻ بعد ان کان ڪنڌ نه ڪيرايو.(20) ۽ انهن ماڻهن وانگر نه ٿيو، جن چيو ته اسان ٻڌو، پر هو ٻڌن

**کو نہ ٿا.(21) بيشڪ خدا وٽ بدترين قسم جا جانور اهي ٻوڙا، گونگا ماڻهو آهن، جيڪي عقل کان عاري آهن.(22) جيڪڏهن الله انهن ۾ ڪا خوبي ڏسي ها تہ انهن کي ٻڌڻ جي توفيق ڏئي ها، بالفرض هاڻي بہ انهن کي ٻڌڻ جي صلاحيت ڏئي تہ بہ هو روگرداني ڪندا، ڇو تہ هو اصل کان ئي بي رخي ڪندا اچن.(23)**

ڪافرن کي خبردار ڪرڻ کان پوءِ روءِ سخن مؤمنن طرف آهي تہ اي مؤمنؤ! الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ جي اطاعت ڪريو، جهڙيءَ طرح هنن جي اطاعت جو حق آهي ۽ الله جي رسول خاتم النبيين ﷺ جي دعوت کان روگرداني نہ ڪيو. رسول خاتم النبيين ﷺ جي روگرداني الله جي روگرداني هم معنىٰ آهي. يعني جڏهن الله جي رسول خاتم النبيين ﷺ بدر ڏانهن هلڻ جو ارادو ڪيو هو تہ پوءِ اوهان جي طرف کان بحث مباحثو ۽ اختلاف راءِ رکڻ جو ڪهڙو جواز هو. الله جي رسول خاتم النبيين ﷺ جي مرضي کي مجتا ڏيندي توهان کي بنا دير ”سَمِعۡنَا وَاَطَعۡنَا“ چوڻو هو ۽ سندس حڪم تي سر تسليم خم ڪرڻو هو. هت انهن مسلمانن ڏانهن روءِ خطاب آهي، ورنہ هي حڪم عام مسلمانن لاءِ بہ آهي تہ ڪن ڪولي ٻڌو ۽ صدق دل سان قبول ڪريو، ان ڪري جو اوهان جي دل ۾ اهو خيال پيدا ٿئي تہ اسان کي ڪاميابي ملي وئي، سا ڪافي آهي. خدا جي دين کي دنيا ۾ غالب ڪرڻ لاءِ هي پهريون ڏاڪو اوهان پار ڪيو آهي. اڳتي اجان گهڻو ڪجهہ ڪرڻو آهي. ان ڪري خدا ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ جي حڪمن ۽ هدايتن جي پوري پوري اطاعت ڪريو. جهڙي طرح اطاعت ڪرڻ جو حق آهي ۽ مؤمن تي لازمي آهي تہ اهي هن تي سختيءَ سان عمل ڪن. ڇو تہ الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ جاحڪم ٻڌڻ بعد عمل نہ ڪرڻ ڪافرن جو شيوو آهي، توهان اهڙي طريقي کان پاڻ بچايو. حديث ۾ آهي: ”اَللّٰهُمَّ مُصَرِّفَ الۡقُلُوۡبِ صَرِّفۡ قُلُوۡبَنَا عَلٰى طَاعَتِكَ يَامُقَلِّبَ الۡقُلُوۡبِ ثَبِّتۡ قَلۡبِىۡ عَلٰى دِيۡنِكَ“ (صحيح مسلم) اي دلين کي ڦيريندڙ! اسان جون دليون پنهنجي اطاعت طرف ڦيري ڇڏ. اي دلين کي ڦيريندڙ (الله)! منهنجي دل کي پنهنجي دين تي ثابت ۽ قائم رک. سورة الانعام: 110/6 ۾ آهي: ”وَنُقَلِّبُ اَفۡـِٕدَتَهُمۡ وَاَبۡصَارَهُمۡ كَمَا لَمۡ يُؤۡمِنُوۡا بِهٖۤ اَوَّلَ مَرَّةٍ“ يعني صحيح حق ۽ هدايت اچڻ بعد جيڪي ان کي نٽا مجين ۽ پاسيرا ٿي منهن موڙي وڃن ٿا، تہ انهن جون دليون بہ ڦيرائڻ طرف ڪيون وينديون آهن.

خدا جي قانون ۾ مخلوق ۾ بدترين جانور اهي ماڻهو آهن، جيڪي ٻوڙا ۽ گونگا آهن. (البقره: 18/2، الاعراف: 179/7، النحل: 76/16) هنن کي بدترين جانور ان ڪري چيو ويو آهي جو هو جانورن جي جبلت ۽ فطرت تي قائم آهن. هنن کي ڪنن جهڙا ڪن ته آهن، پر اهي حق ۽ سچ ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهن ۽ منهن ۾ زبان ته رکن ٿا پر امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو فريضو ادا ڪرڻ کان قاصر آهن. هو ڏيان سان ٻڌن به نٿا ۽ نه وري حق جي گواهي ڏيڻ لاءِ تيار آهن. چوته عقل کان وانجها آهن.(البقره: 18/2، الانعام: 46/6، الاعراف: 179/7، النحل: 16/ 76- 75، 108، الجاثيه: 23/45، الاحقاف: 26/46) جيڪي ماڻهو عقل ۽ بصيرت کان ڪم نٿا وٺن ته اهي ڪنن ۽ زبان هوندي، حق کي پرکڻ، قبول ڪرڻ، ٻڌڻ ۽ چوڻ جي صلاحيت سلب ڪري ٿا ويهن. جڏهن انهن ۾ صلاحيت ئي باقي ناهي رهي ۽ الله انهن ۾ سڌرڻ جي ڪا به خوبي نٿو ڏسي ته پوءِ ڪين حق ۽ سچائي قبول ڪرڻ کان محروم رکي ٿو، پر بالفرض انهن کي زبردستي ٻڌائي به ها، ته به هو پنتي هٽي وڃن ها ۽ منهن موڙيندڙن مان هجن ها. هت پهرئين "سماع" مان مراد "سماع نافع" آهي ۽ ٻئي سماع مان مراد مطلق سماع آهي.

هڪل حقيقت جي ٻوڙو تي ٻڌيج
انڌو تي پسيج، مشاهدو محبوب جو

(سر ڪاهوڙي — شاهه رحمة الله عليه)

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اسۡتَجِيۡبُوۡا لِلّٰهِ وَلِلرَّسُوۡلِ اِذَا دَعَاكُمۡ لِمَا يُحۡيِيۡكُمۡ ۚ
وَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ يَحُوۡلُ بَيۡنَ الۡمَرۡءِ وَقَلۡبِهٖ وَاَنَّهٗۤ اِلَيۡهِ تُحۡشَرُوۡنَ ﴿۲۴﴾
وَاتَّقُوۡا فِتۡنَةً لَّا تُصِيۡبَنَّ الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا مِنۡكُمۡ خَآصَّةً ۚ وَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ
شَدِيۡدُ الۡعِقَابِ ﴿۲۵﴾ وَاذۡكُرُوۡۤا اِذۡ اَنۡتُمۡ قَلِيۡلٌ مُّسۡتَضۡعَفُوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ
تَخَافُوۡنَ اَنۡ يَّتَخَطَّفَكُمُ النَّاسُ فَاٰوٰىكُمۡ وَاَيَّدَكُمۡ بِنَصۡرِهٖ وَرَزَقَكُمۡ
مِّنَ الطَّيِّبٰتِ لَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۲۶﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَخُوۡنُوا اللّٰهَ

وَ الرَّسُوْلَ وَتَخُوْنُوْٓا اَمٰنٰتِكُمْ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٧﴾ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَآ اَمْوَالُكُمْ وَ
اَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٨﴾ ع ٣ ٩ ١٧

اي مؤمنو! الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ جي سڏ ۾ سڏ ڏيو، جڏهن به هو توهان کي دعوت ڏين، ڇوته خدا جو رسول خاتم النبيين ﷺ اوهان کي ان راهه طرف سڏي رهيو آهي، جيڪا زندگي بخشڻ واري آهي. ياد ڪيو ته (مهلت جو وقت ختم ٿيڻ بعد) الله انسان ۽ ان جي دل درميان حائل ٿي ويندو آهي. يقين ڪريو ته هڪ ڏينهن توهان کي ان ڏانهن گڏ ڪيو ويندو.(24) ان فتني کان پاڻ کي بچايو جو رڳو ظالمن مٿان نه ڪڙڪندو. ياد رکو الله جو عذاب (پڪڙ) سخت آهي.(25) ان وقت کي ياد ڪريو جڏهن اوهان اقليت ۾ هئا، زمين تي اوهان کي ڪمزور سمجهيو ويندو هيو. توهان هميشه ڊڄندا رهندا هئا ته ماڻهو اوهان کي ڪنيي ونندا. پوءِ الله توهان کي پناهه ڏني ۽ پنهنجي نصرت سان اوهان جي تائيد ڪئي ۽ توهان جي روزي لاءِ توهان کي پاڪيزه شيون عطا ڪيون ته جيئن اوهان شڪر گذار ٿيو.(26) مؤمنو! الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ سان (حقن جي ادائگي ۾) خيانت نه ڪريو ۽ پنهنجي امانتن ۾ به ڄاڻي ٻجهي خيانت نه ڪريو.(27) معلوم هجي ته توهان جو مال ۽ توهان جو اولاد توهان لاءِ هڪ آزمائش آهي ۽ اهو به يقين رکو ته اجر عظيم الله وٽ آهي.(28)

هاڻي وري به هت مؤمنن کي خطاب آهي ته اي مؤمنو! محمد ڪريم خاتم النبيين ﷺ الله جو رسول آهي، ان ڪري توهان الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ جي دعوت کي لبيڪ چئي، ان کي دل و جان سان قبول ڪريو ۽ ان جي مطابق زندگيءَ جو هر ڪاروَنهوار جاري رکو. الله جو رسول خاتم النبيين ﷺ جنهن راهه طرف اوهان کي دعوت ڏئي رهيو آهي، اها توهان لاءِ حيات نو جي نويد آهي. هن دعوت کي قبول ڪرڻ سان اوهان جي بصارت کي بصيرت نصيب ٿيندي. عقل کي اهو نور عنايت ٿئي ٿو، جنهن سان آفاق ۽ انفس جي اسرار ۽

حقائق تان پردا ڪڇي وڃن ٿا. دل ڪي جيڪو گوشت جو ٽڪرو آهي، تجليات ۽ انوار الاهي جو آئينو بنائي ٿي، ياد رکو تہ هن قيمتي وقت ۽ واضح هدايت مان ڀرپور فائدو حاصل ڪريو. پر جيڪڏهن ڄاڻي ٻجهي هن پرخلوص دعوت قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندؤ ۽ پنهنجي ٻي ڍنگي روش جاري رکندو تہ مهلت واري مدت پوري ٿيڻ بعد راهہ حق ڏانهن اچڻ جي خواهش بہ رکندؤ، تہ بہ اچي نہ سگهندؤ. ان وقت خدا جو قانون توهان ۽ ان دعوت جي درميان جنهن جي خواهش رکو ٿا، حائل ٿي ويندو، هي هدايت ۽ گمراهي بابت اقدام مشيت خداوندي مطابق آهي. الله جل شانه طرفان وحي الاهي ۽ انبياء جي توصل سان انسانن جي هدايت ۽ رهبريءَ جو اهتمام بہ آهي ۽ انسان کي عقل و شعور بہ عطا ڪيو ويو آهي، پر ان سان گڏ کين ارادي ۽ اختيار جو مالڪ بہ بڻايو ويو آهي، جنهن مطابق هو پنهنجو ڀلو برو ڪري ٿو. حديث ۾ آهي: ”اِنَّ اللّٰهَ يَقْبَلُ تَوْبَةَ الْعَبْدِ مَالَمْ يُغَرْغِرْ“ (جامع ترمذي، مسند احمد) الله تعاليٰ ٻانهي جي توبه تيستائين قبول ڪري ٿو، جيستائين هو حالتِ نزع ۾ نٿو اچي.

ياد رهي تہ ”حَوْل“ لفظ جي معنيٰ ”تغيّر“ ۽ ”تبديلي“ آهي. ”اَنَّ اللّٰهَ يَحُوْلُ بَيْنَ الْمَرْءِ وَقَلْبِهٖ“ مان مراد آهي: ”وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ لِغَايَةِ قُرْبَةٍ مِّنَ الْعَبْدِ وَيَعْلَمُ مَا يَعْمَلُ عَنْهُ صَاحِبُهٗ“ (تفسير الجواهر) اَللّٰهُ تَعَالٰى اَلْمُتَصَرِّفُ فِيْ جَمِيْعِ الْاَشْيَآءِ يُصَرِّفُ الْقُلُوْبَ كَيْفَ يَشَآءُ بِمَا لَا يَقْدِرُ عَلَيْهِ صَاحِبُهَا فَيَسْفَخُ عَزَآئِمَهٗ وَيُغَيِّرُ مَقَاصِدَهٗ وَيُلْهِمُهٗ رُشْدَهٗ ثُمَّ تَزِيْغُ قَلْبَهٗ عَنِ الصِّرَاطِ السَّوِيِّ وَفِي الْحَدِيْثِ يَا مُقَلِّبَ الْقُلُوْبِ ثَبِّتْ قَلْبِيْ عَلٰى دِيْنِكَ (صفوة التفاسير) اَنَّ اللّٰهَ يَحُوْلُ بَيْنَ الْمَرْءِ وَقَلْبِهٖ وَيَفْصِلُ بَيْنَهٗ وَبَيْنَ قَلْبِهٖ وَيُصَرِّفُهٗ كَيْفَ يَشَآءُ وَيُقَلِّبُهٗ كَيْفَ يُرِيْدُ وَصَاحِبُهٗ لَا يَمْلِكُ شَيْئًا وَهُوَ قَلْبُهٗ جَنْبَيْهِ (في ظلال القرآن)

مذڪوره بالا روايتن ۾ آهي تہ جن حق جي منڪرن جي حق قبول ڪرڻ کان صلاحيت ختم ٿي چڪي، جيڪي شَرَّ الدَّوَآبِّ آهن، انهن وانگر نہ ٿجو، پر الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول خَاتَمُ النَّبِيّٖن ﷺ جي سڏ تي ”لَبَّيْڪ“ چئي صدق دل سان قبول ڪريو. اهو سڏ اوهان کي حيات جاويد بخشيندو. ياد رکو اوهان کي ان الله عزوجل وٽ پيش ٿيڻو آهي، جيڪو اوهان جي دلين جا راز بہ ڄاڻي ٿو. جيڪڏهن چڱائي ڪندا تہ هو اوهان کي نعمتن سان نوازيندو، پر جيڪڏهن برائي ڪندا تہ توهان کي برا نتيجا ۽ برو انجام ملندو. اهڙيءَ

حالت تي اچڻ کان پاڻ بچايو، توبه ڪريو تہ توبه قبول ٿيڻ جو وقت نڪري چڪو هجي ۽ پوءِ توبه قبول بہ نہ ٿئي. (استغفر الله ربي)

هن آيت ۾ بہ انسانن کي خطاب آهي تہ الله جو رسول خَاتَمُ النَّبِيّين صلى الله عليه وسلم اوهان کي الله جل شانه ڏانهن اچڻ جي دعوت ڏئي ٿو. سندس هن اصلاحي پيغام کي قبول ڪرڻ سان هڪ اخلاقي ۽ روحاني طور انسان کي حياتِ جاويدان جو پيغام آهي، ان کي دل جي سچاين سان قبول ڪري، پنهنجي دنيا ۽ آخرت کي سودمند بنايو، پر جيڪڏهن اوهان ان پيغام کان منهن موڙيو ۽ گمراهيءَ طرف قدم وڌايو تہ پوءِ الله تعالىٰ جو قانونِ مشيت اوهان جي هدايت طرف اچڻ کان حائل ٿي ويندو، جنهن جي ڪري توهان جو روحاني، اخلاقي ۽ اصلاحي صلاحيتون مدهم ٿينديون وينديون ۽ آخر "خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَعَلٰى سَمْعِهِمْ ۭ وَعَلٰٓى اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ " (البقره: 7/2) تي پهچي لاعلاج مريض جي درجي تي پهچي وينديون. "يُؤْفَكُ عَنْهُ مَنْ اُفِكَ " (الذّاريات: 9/51) جيڪو صحيح رستي کان پاڻ منهن موڙي ٿو تہ اسان بہ ان جو رخ ان طرف ڪيون ٿا. "فَلَمَّا زَاغُوْٓا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ " (الصف: 5/61) جڏهن هو پاڻ (سڌي رستي کان) ڦري ويا تہ اسان بہ ڪين ڦرڻ ڏئي ڇڏيو. "اِنْ عُدْتُّمْ عُدْنَا" (بني اسرائيل: 8/17) جيڪڏهن گمراهيءَ بعد سڌي رستي تي آيا تہ اسان ان راهہ تي هلائينداسون. سوچي وٺو اوهان کي هڪ ڏينهن الله آڏو پيش ٿيڻو آهي. هن دنيا ۾ بہ هڪ فرد جو بگاڙ معاشري کي تباهيءَ ڏانهن وٺي ويندو آهي. ان ڪري پنهنجي شب وروز جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺندا رهو ۽ پنهنجي اصلاح جو عمل هميشہ جاري رکو. امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر سان پوري معاشري کي سڌي راهہ تي هلائي، غلط راهہ روي کان بچايو. ورنہ بداعماليءَ جي نتيجي جو اثر رڳو ان ماڻهوءَ تي نہ ٿيندو، جنهن ظلم ڪيو، پر ان فتني جو عذاب پوري جماعت يا قوم تي اجتماعي طور اچي ڪڙڪندو. يا انديشو آهي تہ اوهان جو اهو ظالمانہ رويو پوري جماعت يا قوم جو شعار بڻجي وڃي. ان ڪري اوهان کي تنبيه ڪري هوشيار ڪجي ٿو تہ الله سخت ترين عذاب ڏيڻ وارو آهي. ياد رهي تہ مٿي بيان ڪيل تفسيرن ۽ مفهوم القرآن، تفهيم القرآن، ضياءُ القرآن ۽ بديع التفاسير جو بہ اهو خيال آهي تہ الله جي حڪم، مشيت ۽ قانون لاڳو ٿيڻ بعد توبه جا دروازا بند ٿي ويندا آهن. يعني الله انسان ۽ ان جي دل ۾ حائل ٿي نيڪيءَ بدران ڪيس سندس سزا ڏانهن وڃڻ ڏئي ٿو.

توهان هن نظام جي برڪت جو خود اندازو لڳايو، جنهن جو زندهه مثال توهان پاڻ آهيو. هن دعوت جي قبول ڪرڻ ۽ ان تي عمل پيرا ٿيڻ کان اڳ اوهان تعداد ۾ به ٿورڙا هئا ۽ قوت ۽ طاقت جي اعتبار کان به بلڪل ڪمزور هئا. معاشي ۽ معاشرتي حالت به قابل رحم هئي. هميشه انهيءَ خوف جو شڪار هئا ته مخالف اوهان کي جهٽي نه وٺن ۽ اوهان کي نيست و نابود ڪري ڇڏين. انهن ناگوار حالتن جي باوجود توهان کي دين جي دعوت ۽ احڪام خداوندي جي اطاعت سنڀالي ورتو ۽ صاحب حيثيت ڪري اتحاد ۽ اتفاق جي مالها ۾ مضبوط ڪري ڇڏيو. "فَاَلَّفَ بَيۡنَ قُلُوۡبِكُمۡ" هن پنهنجي نصرت سان اوهان کي طاقت ۽ تقويت بخشي ۽ خوشگوار شين سان اوهان جي زندگي ۾ حياتِ نو يا نوبهار پيدا ڪئي. الله جون اهي عنايتون توهان جي ذميوارين کي قبول ڪرڻ جو نتيجو هو. ان لاءِ اوهان کي بارگاهه رب العزت ۾ شڪرگذار ٿيڻ گهرجي.

امانت ۾ خيانت ڪرڻ بي وفائي، ناشڪري ۽ نافرماني آهي. ان ڪري مؤمنو! اوهان الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي ڏنل حڪمن ۾ خيانت نه ڪريو. اها حد درجي جي ناشڪري ۽ بي وفائي ٿيندي، جو الله جي حڪمن جو منفي جواب ڏيو. الله ۽ ان جي رسول ﷺ سان اها به خيانت آهي ته ماڻهن آڏو ته الله جي حڪمن جا تابعدار نظر اچو، پر تنهائيءَ ۾ ان جي برعڪس ڪم ڪريو. خدا جي فرضن ۾ ڪمي ۽ امرو نواهي ۾ بي اعتمادي اختيار نه ڪريو، جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو ته اوهان ماڻهن جي حقن ۾ خيانت جا مرتڪب ٿيندا ۽ پوءِ ڪنهن جي حق تلفي ڪرڻ کان نه ڪيٻائيندا. حقدار جي حقن تي ڌاڙو هڻندا. حالانڪ اوهان ڄاڻو ٿا ته اهو غلط آهي. هن ظالمانه روش ۽ امانتن ۾ خيانت جي رويي جو ڪارڻ گهڻي مال ميڙڻ جو حرص ۽ اولاد جي محبت به آهي. "يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِنَّ مِنۡ اَزۡوَاجِكُمۡ وَاَوۡلَادِكُمۡ عَدُوًّا لَّكُمۡ فَاحۡذَرُوۡهُمۡ" (التغابن: 14/64) بيشڪ ڪي اوهان جون زالون ۽ ڪو اوهان جو اولاد اوهان جو دشمن آهي، تنهن ڪري انهن کان محطاط رهو. "اَنَّمَاۤ اَمۡوَالُكُمۡ وَاَوۡلَادُكُمۡ فِتۡنَةٌ" توهان جو مال ۽ اولاد وڏي آزمائش آهن. "يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تُلۡهِكُمۡ اَمۡوَالُكُمۡ وَلَاۤ اَوۡلَادُكُمۡ عَنۡ ذِكۡرِ اللّٰهِ" (المنافقون: 9/63) اي ايمان وارؤ! توهان جا مال ۽ توهان جو اولاد الله جي ياد کان غافل نه رکي. جڏهن انسان جون خواهشون حق ۽ ناحق، جائز ۽

ناجائز جي شناخت کان بي پرواهہ ٿي وڃن ٿيون تہ پوءِ هو الله ۽ ان جي رسول سان بيوفائي ۽ عام انسانن جي حقن جي خيانت جو مرتڪب ٿئي ٿو ۽ عتاب جو مستحق ٿئي ٿو. حالانڪ ڪيس معلوم هئڻ گهرجي تہ امانت جي پاسداريءَ جو الله وٽ اجر عظيم آهي.

ہزاروں خواہشیں ایسی کہ ہر خواہش پہ دم نکلے
بہت نکلے میرے ارمان، لیکن پھر بھی کم نکلے

(غالب)

حديث شريف آهي: ”لَا اِيْمَانَ لِمَنْ لَّا اَمَانَةَ لَهٗ وَلَا دِيْنَ لِمَنْ لَّا عَهْدَ لَهٗ“ امانت ۾ خيانت ڪرڻ گويا دين کان نڪرڻ آهي، جنهن کي عهد جو خيال ناهي، ان جو ڪو دين ناهي. حديث پاڪ آهي: ”جَاهِدُوْا اَهْوَآئَكُمْ كَمَا تُجَاهِدُوْنَ اَعْدَآئَكُمْ“ پنهنجن خواهشن خلاف ائين جهاد ڪريو، جهڙيءَ طرح دشمنن خلاف جنگ ڪريو ٿا. ياد رکو تہ پنهنجي خواهشن کي پنهنجو الٰه نہ بڻايو. ”مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ“

گولا جي گراهہ جا، جونا سي جوڳي
قتل سي قوڳي، جن شڪم سانديا

جن سناسين سانديو گندي ۽ گراهہ
انهن کان الله اجان آڳاهون ٿيو

(سر رامڪلي – شاهہ رحمة الله عليه)

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تَتَّقُوا اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّكُمْ فُرْقَانًا وَّ يُكَفِّرْ عَنْكُمْ
سَيِّاٰتِكُمْ وَ يَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٢٩﴾ وَاِذْ يَمْكُرُ بِكَ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِيُثْبِتُوْكَ اَوْ يَقْتُلُوْكَ اَوْ يُخْرِجُوْكَ ؕ وَيَمْكُرُوْنَ وَيَمْكُرُ اللّٰهُ ؕ
وَاللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ ﴿٣٠﴾ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا قَالُوْا قَدْ سَمِعْنَا لَوْ نَشَآءُ
لَقُلْنَا مِثْلَ هٰذَآ ۙ اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣١﴾ وَاِذْ قَالُوا اللّٰهُمَّ

اِنۡ كَانَ هٰذَا هُوَ الۡحَقَّ مِنۡ عِنۡدِكَ فَاَمۡطِرۡ عَلَيۡنَا حِجَارَةً مِّنَ السَّمَآءِ اَوِ ائۡتِنَا بِعَذَابٍ اَلِيۡمٍ ﴿٣٢﴾

اي مؤمنو! جيڪڏهن توهان الله جي تقويٰ اختيار ڪندو ته هو توهان لاءِ حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ واري حجت (دليل) ۽ امتيازي قوت عطا ڪرڻ فرمائيندو ۽ توهان جون برايون ڪمزريون هٽائي ڇڏيندو ۽ هر طرح جي حفاظت ڪندو، ياد رکو هو وڏي فضل ۽ ڪرم ڪرڻ وارو آهي. (29) اهو وقت ياد ڪريو، جڏهن ڪافر تنهنجي خلاف ڳجهيون سازشون ڪري رهيا هئا ته توکي قيد ڪن يا قتل ڪن يا جلاوطن ڪن. اهڙيون سازشون ڪافر ڪري رهيا هئا ته انهن جي ٽوڙ ۾ الله جون تدبيرون ڪار فرما هيون. الله جون تدبيرون بهتر آهن. (30) جڏهن هنن تي اسان جون آيتون تلاوت ڪيون وڃن ٿيون، ته چون ٿا اسان ٻڌيون. جيڪڏهن اسان گهرون ته اهڙيون آيتون گهڙي سگهون ٿا. هي ته اهي ئي پوين ماڻهن واريون ڪهاڻيون آهن.(31) جڏهن هنن چيو هو ته اي الله! جيڪڏهن هي (قرآن) واقعي تنهنجي طرفان حق سچ آهي ته (ان جي خلاف ورزي سبب) آسمان مان پٿرن جي بارش ڪر يا اسان تي ڪو ٻيو دردناڪ عذاب موڪل. (32)

اي مؤمنو! ايمان جي دعوت قبول ڪرڻ ڪان پوءِ اوهان تقويٰ جو رستو اختيار ڪيو، يعني الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم سان بد عهدي جا مرتڪب نه ٿيو ۽ الله ۽ رسول الله خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جي حڪمن ۽ هدايت تي مڪمل طور عمل ڪيو ته الله تعالىٰ توهان کي اهڙي امتيازي زندگيءَ عطا ڪرڻ فرمائيندو، جنهن سان اوهان حق ۽ باطل غلط ۽ صحيح سچ ۽ ڪوڙ ۾ پوري طرح پرک رکي سگهندا. اهڙو ڪو بہ عمل يا رٿ نہ رٿيندا، جنهن سان الله جي رضا ڪان محروم ٿي وڃو. زندگيءَ جي هر موڙ تي ۽ هر نشيب و فراز تي توهان جي اندر جي بصيرت توهان جي رهنمائي ڪندي ته ڪهڙو عمل سنو آهي ۽ ڪهڙو خراب

آهي. "وَمَنۡ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجۡعَلۡ لَّهٗ مَخۡرَجًا" (الطلاق: 2/65) جيڪو به ماڻهو الله تعاليٰ جي قانون جو خيال رکندي پاڻ کي غلط راهه روي کان بچائي رکندو ته الله تعاليٰ ان لاءِ مشڪلاتن کان ڪڍڻ جي راهه پيدا ڪندو. "تَبٰرَكَ الَّذِيۡ نَزَّلَ الۡفُرۡقَانَ" (الفرقان: 1/25) "وَلَقَدۡ اٰتَيۡنَا مُوۡسٰى وَهٰرُوۡنَ الۡفُرۡقَانَ" هنن آيتن ۾ "الفرقان معنىٰ الفارق بين الحق والباطل". "فرقان" مان مراد حق ۽ باطل کي ڌار ڌار ڪرڻ آهي. "اِنۡ تَتَّقُوا" مان به اهڙي صلاحيت پيدا ڪرڻ آهي، جيڪا روشني ٻڌجي اونداهين کان بچائي. "يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَاٰمِنُوۡا بِرَسُوۡلِهٖ يُؤۡتِكُمۡ كِفۡلَيۡنِ مِنۡ رَّحۡمَتِهٖ وَيَجۡعَلۡ لَّكُمۡ نُوۡرًا تَمۡشُوۡنَ بِهٖ وَيَغۡفِرۡ لَكُمۡ‌ؕ وَاللّٰهُ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ" (الحديد: 28/57) اي مؤمنؤ! الله جي گرفت کان پاڻ کي بچائي رکو. سندس رسول خاتم النبيين ﷺ تي ايمان آڻيو ته هو توهان کي پنهنجي ٻاجهه مان ٻه ڀاڱا (ٻيڻو اجر) ڏئي ۽ اوهان کي اهڙو نور عطا ڪري، جنهن سان سڌي راهه تي هلندا رهو ۽ بخشڻهار توهان جون ڪميون ڪوتاهيون معاف ڪري. هو نهايت بخشڻهار ۽ هميشه رحم ڪرڻ وارو آهي. هتي به مراد آهي ته حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ سان سڌي رستي تي هلڻ. انهيءَ راهه تي هلڻ وقت ڪا ڪمي، ڪمزوري، خامي يا خطا واقع ٿي وئي ته الله انهن کي مٽائي ۽ هٽائي ڇڏيندو ۽ ٻڏن ڪمن کان حفاظت ۽ بخشش جو سامان عطا ڪندو. الله جو فضل و ڪرم عظيم تر خوشحالي ۽ خير سگالي جي ضمانت ڏئي ٿو. اهو وقت به قابل ديد آهي، جڏهن ڪافر حق جي روشن شمع کي اجهائڻ ۽ ختم ڪرڻ جا منصوبا جوڙي رهيا هئا "يُرِيۡدُوۡنَ اَنۡ يُّطۡفِـُٔوۡا نُوۡرَ اللّٰهِ بِاَفۡوَاهِهِمۡ" (الصف: 61 /9) ۽ ڳجهيون سازشون تيار ڪري رهيا هئا ته توکي قيد ڪري رکن ته جيئن تون آزاديءَ سان پنهنجي تبليغ کي جاري نه رکي سگهين يا توکي قتل ڪري سارو معاملو ختم ڪري ڇڏين يا توکي ملڪ نيڪالي ڏئي سڪ جو ساهه ڪٽن. ان لاءِ سمورن قبيلن گڏجي فيصلو ڪيو ته هر قبيلي مان هڪ هڪ نمائندو وٺي، سرڪرده ماڻهن جو گروهه ٺاهي حضور خاتم النبيين ﷺ کي قتل ڪيو وڃي ته جيئن قريش قتل جي بدلي قتل جو تقاضا نه ڪري سگهن ۽ ديت تي راضي ٿي وڃن. ڪافر اهڙيون سازشون ٺاهي رهيا هئا، پر الله تعاليٰ پنهنجي رسول خاتم النبيين ﷺ جي حفاظت جي تدبير فرمائي رهيو هو. يقيناً انسانن جي سازشن کان الله جون تدبيرون ۽ حفاظت واريون تجويزون هنن سازشي ماڻهن جي سازش

ڪان وڌيڪ بهترين ۽ ڪامياب آهن.

الله پنهنجي حڪمت پرئي تدبير سان پيغمبر خدا کي مڪي مان هجرت ڪرائي مديني آندو. هتي جي زرخيز زمين اسلام جي اشاعت ۽ عروج جو مرڪز بڻجي خدا جي دين کي ڪائنات ۾ پکيڙڻ جون راهون کولي ڇڏيون ۽ ڪافرن جون سازشون ناڪام ٿي ويون. ضد ۽ هٺ سبب هنن جي پست حالي ۽ ڪم فهمي ان حالت تي پهتي، جو جڏهن به هنن جي آڏو سندن هدايت رهبري لاءِ قرآن جون آيتون پيش ٿينديون هيون ته هو نهايت حقارت واري انداز ۾ چوندا هئا ته اسان اهي ٻڌي ورتيون آهن. هنن ۾ ڪا خاص ڳالهه ته نه آهي. اسان گهرون ته ان جهڙيون آيتون جوڙي سگهون ٿا. هي ته پراڻي زماني جون ڪهاوتون آهن، ڪا نئين نصيحت ناهي. ”وَقَالَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّاۤ اِفۡكُ ۨافۡتَرٰىهُ وَاَعَانَهٗ عَلَيۡهِ قَوۡمٌ اٰخَرُوۡنَ“ (الفرقان: 4/25) هنن ڪافرن چيو ته هي (قرآن) ڪوڙا قصا آهن، جيڪي پاڻ ناهيا اٿس ۽ ڪيس ٻي قوم به مدد ڪئي اٿس. وَقَالُوۡۤا اَسَاطِيۡرُ الۡاَوَّلِيۡنَ اكۡتَتَبَهَا فَهِىَ تُمۡلٰى عَلَيۡهِ بُكۡرَةً وَّاَصِيۡلًا“ (الفرقان: 5/25) هنن ڪافرن چيو ته هي (قرآن) پراڻا قصا آهن، جيڪي هن (پيغمبر ﷺ) لکرايا آهن، اهي صبح شام هن تي پڙهيا وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح سورة النحل: 103/16 ۾ آهي: ”اِنَّمَا يُعَلِّمُهٗ بَشَرٌ“ هن پيغمبر کي ڪو ماڻهو سيکاريندو آهي. پر الله تعالىٰ قرآن حڪيم جي ذريعي ڪين بار بار چئلينج ڪيو پئي ته جيڪڏهن توهان هن قرآن کي الله طرفان نازل ٿيل هدايت نامو نٿا سمجهو ته توهان به هن طرح جو ڪلام ناهي پيش ڪريو، مگر ڪافر هن چئلينج جو جواب ڏيڻ بدران ان کي ڪوڙو سڏي رهيا هئا ۽ ان کي پراڻيون ڪهاڻيون چئي رهيا هئا. قرآن جي هن چئلينج جو جواب ڏيڻ بدران قريش جا ليڊر پاڻ کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ چوندا هئا ته جيڪڏهن اسان غلط آهيون ۽ هي قرآن ۽ رسول خاتم النبيين ﷺ صحيح ۽ سچا آهن ته پوءِ اي الله اسان تي آسمان طرفان پٿرن جي بارش ڪر ۽ اسان کي دردناڪ عذاب ۾ گرفتار ڪر. هي دعوىٰ به هو دعا جي طور تي نه پر پنهنجي طرفان قرآن جي چئلينج جو الله کي چئلينج ڏيندا هئا. هو سمجهندا هئا ته اسان ڪلم ڪلا مخالفت ڪري رهيا آهيون ۽ خدا جي حڪمن جي خلاف ورزي ڪري رهيا آهيون ته پوءِ الله اسان کي عذاب چو نٿو ڏئي، جنهن مان ثابت آهي ته اسان سچا آهيون. حالانڪ هنن کي چوڻ گهربو هيو ته ”اِهۡدِنَاۤ اِلَيۡهِ“ اسان کي ان راهه جي رهنمائي ڪر. پر هنن عذاب جي

گُهر ڪئي تہ: ”فَاَمۡطِرۡ عَلَيۡنَا حِجَارَةً مِّنَ السَّمَآءِ“ اسان تي پٿرن جي بارش ڪر. سوره ص: 16/38 ۾ آهي: ”وَقَالُوۡا رَبَّنَا عَجِّلۡ لَّنَا قِطَّنَا قَبۡلَ يَوۡمِ الۡحِسَابِ“ اي اسان جا پروردگار! اسان ڪي ايندڙ عذاب هاڻي ئي ڏئي ڇڏ. سوره هود: 8/11 ۾ آهي: ”وَلَئِنۡ اَخَّرۡنَا عَنۡهُمُ الۡعَذَابَ اِلٰۤى اُمَّةٍ مَّعۡدُوۡدَةٍ لَّيَقُوۡلُنَّ مَا يَحۡبِسُهٗ“ جيڪڏهن اسان (قانون مهلت مطابق) عذاب ڏيڻ ۾ دير ڪيون ٿا تہ چون ٿا ڪنهن هن ڪي عذاب ڏيڻ ڪان روڪيو آهي.

وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمۡ وَاَنۡتَ فِيۡهِمۡ ؕ وَمَا كَانَ اللّٰهُ مُعَذِّبَهُمۡ وَهُمۡ يَسۡتَغۡفِرُوۡنَ ﴿۳۳﴾ وَمَا لَهُمۡ اَلَّا يُعَذِّبَهُمُ اللّٰهُ وَهُمۡ يَصُدُّوۡنَ عَنِ الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ وَمَا كَانُوۡۤا اَوۡلِيَآءَهٗ ؕ اِنۡ اَوۡلِيَآؤُهٗۤ اِلَّا الۡمُتَّقُوۡنَ وَلٰكِنَّ اَكۡثَرَهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۳۴﴾ وَمَا كَانَ صَلَاتُهُمۡ عِنۡدَ الۡبَيۡتِ اِلَّا مُكَآءً وَّتَصۡدِيَةً ؕ فَذُوۡقُوا الۡعَذَابَ بِمَا كُنۡتُمۡ تَكۡفُرُوۡنَ ﴿۳۵﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا يُنۡفِقُوۡنَ اَمۡوَالَهُمۡ لِيَصُدُّوۡا عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ؕ فَسَيُنۡفِقُوۡنَهَا ثُمَّ تَكُوۡنُ عَلَيۡهِمۡ حَسۡرَةً ثُمَّ يُغۡلَبُوۡنَ ۬ؕ وَالَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اِلٰى جَهَنَّمَ يُحۡشَرُوۡنَ ﴿۳۶﴾ لِيَمِيۡزَ اللّٰهُ الۡخَبِيۡثَ مِنَ الطَّيِّبِ وَيَجۡعَلَ الۡخَبِيۡثَ بَعۡضَهٗ عَلٰى بَعۡضٍ فَيَرۡكُمَهٗ جَمِيۡعًا فَيَجۡعَلَهٗ فِىۡ جَهَنَّمَ ؕ اُولٰۤئِكَ هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿۳۷﴾ ع ۱۸

هي الله جي شانِ رحمت ۽ ربوبيت ۾ ناهي جو جيستائين نبي محترم ﷺ مڪي جي بستي ۾ موجود آهي ۽ حق طرف دعوت ڏئي رهيو آهي، تيستائين انهن تي عذاب نازل ڪيو وڃي ۽ الله جو عذاب ان وقت بہ نہ ايندو آهي، جڏهن هو ان جي مغفرت ۽ حفاظت جي طلب رکن ٿا.(33) پر نبي جي هجرت مدينہ بعد هاڻي مڪي جي ڪافرن کي عذاب ۾ مبتلا ڪرڻ ڪان ڪهڙي رڪاوٽ آهي. جڏهن هو ماڻهن ڪي مسجد حرام ڪعبة الله ۾ اچڻ ڪان منع ڪن ٿا ۽ هو

ان جا متولي هجڻ جا اهل بہ نہ آهن، ان جا ولي ۽ وارث تہ صرف متقي انسان تي سگهن ٿا. پر هنن مان اڪثر ماڻهن کي اهو معلوم ناهي.(34) ۽ بيت الله ۾ سيٽيون ۽ تاڙيون وڄائڻ ڪانسواءِ هنن جي نماز ڪجهہ بہ ناهي. سو اي ڪافرو! پنهنجي هن ڪفر جي عذاب جو مزو چکي وٺو.(35) بيشڪ ڪافر پنهنجو مال ۽ دولت ان ڪري خرچ ڪن ٿا تہ جيئن ماڻهن کي دين جي راهہ کان روڪي سگهن. ان ڪري جيڪو مال هو خرچ ڪن ٿا، هڪ ڏينهن انهن جي لاءِ پڇتاءَ جو سبب بڻبو، پوءِ هو مغلوب ٿي ويندا ۽ جيڪي ڪفر ڪن ٿا، اهي دوزخ طرف ڌڪيليا ويندا. (36) تہ جيئن الله ناپاڪ کي پاڪيزه کان الڳ ڪري ۽ ناپاڪ نجاست زده ماڻهن کي هڪ ٻئي جي مٿان سٽي ڇڏي ۽ پوءِ ان ڍير کي دوزخ حوالي ڪري. دراصل اهي ماڻهو ئي خساري ۽ نقصان پائڻ وارا آهن.(37)

---

توڙي ڪٽي قريش مکه، مشرڪ ۽ ڪافر پنهنجن گستاخين، زيادتين ۽ ظلمن جي ڪري پوري طرح عذاب جا مستحق ٿي چڪا هئا، پر جهڙي عذاب جي هو دعا گهري رهيا هئا، اهو سنت الاهي ۽ مشيت خداوندي مطابق تيستائين انهن تي اچڻ وارو نہ هيو، جيستائين رسول الله خاتم النبيين ﷺ جي ذات مبارڪ مڪي ۾ هنن جي درميان موجود هئي ۽ هو ڪين اصلاح جي دعوت ڏئي رهيو هو ۽ اها اميد هجي تہ ان دعوت جي موٽ ۾ ڪجهہ ماڻهو الله جي مغفرت ۽ حفاظت طلب ڪرڻ وارا موجود آهن. حضور خاتم النبيين ﷺ جو وجود مسعود تہ رحمة للعالمين وارو آهي. جتي "وَمَآ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا رَحۡمَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ" هوندو، اتي عذاب ڪيئن ايندو؟ پر جڏهن رسولِ خدا خاتم النبيين ﷺ قوم کان مايوس ٿي هجرت ڪري ڪنهن ٻئي هنڌ دين جي تبليغ ۽ ترويج جو اهتمام ڪندو آهي تہ ان بعد ڪنهن قوم تي اجتماعي عذاب ايندو. هن مکه ۾ ان وقت مشرڪن جي ڪثرت باوجود ڪجهہ اهڙا نرم دل ۽ سادڙا انسان بہ هئا، جيڪي الله جي ذڪر ۽ تلبيه ۾ مشغول رهندا هئا. پر هاڻي سيدنا رسول اڪرم خاتم النبيين ﷺ جي مديني پاڪ هجرت ڪري وڃڻ کان پوءِ مهلت جو وقت ختم ٿي چڪو هو، ان ڪري ڪافرن تي عذاب اچڻ لاءِ ڪا بہ رڪاوٽ نہ هئي. هاڻي هنن تي عذاب

اڇٽو ئي اڇٽو هو. هو ماڻهن کي مسجد حرام (ڪعبة الله) ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيندا هئا ته جيئن خدا جي خالص عبادت ڪرڻ وارا خدا جي گهر ۾ اچي نه سگهن. حالانڪ بيت الله نوع انساني جي اجتماعي مرڪز طور خالص توحيد لاءِ حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل عليهما السلام تعمير ڪيو هو، اهي هن جا متولي هئا ۽ ان بعد به صالحين کي ان جي متولي هجڻ جو حق هيو، ”لَا يَنَالُ عَهْدِي الظّٰلِمِيْنَ“ موجب مشرڪ ان جا متولي به نه هئا، پر هو جاهل ان حقيقت کان غافل، بي پرواهه ۽ لاعلم هئا. هت مسجد الحرام جي متولي ٿيڻ واري مشرڪن جي دعوىٰ کي رد ڪيو ويو آهي. بيت الله جي متولي هجڻ جا حقدار ته متقي مؤمن مسلمان آهن، جيڪي حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل عليهما السلام جا تابعدار آهن ۽ اتباع ڪرڻ وارا آهن. (التوبه: 17/9) هنن مشرڪن ۽ ڪافرن بيت الله جو حليو ئي تبديل ڪري ڇڏيو هو. هو نماز ۾ سيٽيون ۽ تاڙيون وڄائيندا هئا. پاڻ ته نماز نه پڙهندا هئا، پر ٻين کي به نماز پڙهڻ وقت منجهائيندا هئا. ”وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَا تَسْمَعُوْا لِهٰذَا الْقُرْاٰنِ وَالْغَوْا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَغْلِبُوْنَ“ (حٰم السجده: 26/41) ڪافر (پنهنجن ڪافرن کي) چوندا هيا ته هن قرآن کي نه ٻڌو ۽ جڏهن پڙهيو وڃي ته ان جي پڙهڻ دوران لڙ مچايو ته جيئن اوهان (مسلمانن تي) غالب ٿي وڃو. هو بيت الله جا ميراث ۾ متولي هجڻ کي پاڻ لاءِ فخر سمجهندا هئا ۽ غرور ڪندا هيا ته الله جي فضل و ڪرم جا ٻين کان وڌيڪ حقدار ۽ بيت الله ۾ پاڻ کي هو خود مختيار سمجهندا هئا، جيڪي چاهين ڪري سگهن ٿا. اهڙي فاسد سوچ ۽ بيت الله جي ڪوڙي عبادت ۽ قيادت خدا جي عذاب کي دعوت ڏئي رهي هئي. ان ڪري مشيت خداوندي جو فيصلو ٿيو ته اوهان پنهنجي ڪفر جي ڪري عذاب جو مزو چکو.

هي ڪافر اسلام جي وڌندڙ شهرت ۽ رغبت کي روڪڻ ۽ پنهنجون همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو مال ۽ دولت خوب خرچ ڪن ٿا. مسلمانن سان محاذ آرائي لاءِ جنگي سازو سامان وٺڻ تي خرچ ڪن ٿا ۽ اهڙا منصوبا بنائين ٿا ته هو ماڻهن کي الله جي دين قبول ڪرڻ ۽ ان جي ٻڌايل راهه تي هلڻ کان روڪي رکن. پلي هي مال خرچ ڪرڻ تي وري وري خرچ ڪندا رهن. پر سندن اهي ڪوششون ۽ ڪاوشون حسرت ۽ افسوس جو سبب بڻبيون ۽ اها ندامت ۽ حسرت هنن جي جان جو روڳ بڻجي ويندي ته هيترو سارو قيمتي مال به خرچ ڪيوسون پر سارو بيڪار ثابت ٿيو ۽ حق باطل تي ايترو ته غلبو حاصل

ڪندو جو هو مغلوب ۽ محڪوم ٿي ويندا ۽ دنيا جي ذلت آميز شڪست خورده زندگي جي عذاب بعد هنن کي جهنم طرف ڌڪيليو ويندو. اهو ان ڪري هوندو ته خبيث ۽ ناپاڪ کي نيڪ ڪردار پاڪ صفت انسانن کان ٻاهر ڪڍي هنن جو هڪ ڍير بنائي ڪين بالڪل اهڙي طرح جلائي، جيئن گند ڪچري کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ٻاهر ۾ ساڙيو ويندو آهي ۽ هر گند ٻئي گند جي ساڙڻ ۾ باهه کي وڌائيندو رهندو آهي، اهڙي طرح هنن ڪافرن کي به دوزخ ۾ گڏ ڪري ڍير ناهي، باهه جو ٻارڻ بنائي ساڙيو ويندو ته جيئن هڪ جي باهه ٻئي کي ساڙڻ ۾ تيزي سان وڌندي رهي. دنيا ۾ به هي گڏجي اهي ڪارناما سر انجام ڏيندا هئا، خدا جو قانون اتي به مسلمانن کان الڳ ڪري ڪين عذاب جو نشانو بڻائيندو. اهي ڪافر هر هنڌ هن دنيا توڙي آخرت ۾ خساري ۽ نقصان وارا هوندا.

قُلْ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ يَّنْتَهُوْا يُغْفَرْ لَهُمْ مَّا قَدْ سَلَفَ ۚ وَاِنْ يَّعُوْدُوْا فَقَدْ
مَضَتْ سُنَّتُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣٨﴾ وَقَاتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ
كُلُّهٗ لِلّٰهِ ۚ فَاِنِ انْتَهَوْا فَاِنَّ اللّٰهَ بِمَا يَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٣٩﴾ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاعْلَمُوْٓا
اَنَّ اللّٰهَ مَوْلٰىكُمْ ۭ نِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْرُ ﴿٤٠﴾

اي پيغمبر خاتم النبيين صلی الله عليه وآله وسلم! هنن ڪافرن کي چئو جيڪڏهن هو (ڪفر کان) باز اچي وڃن ته هنن جا پويان گناهه بخش ڪيا ويندا پر جيڪڏهن وري اها ئي ڏنگي چال دهرائيندا ته ڪين معلوم هئڻ گهرجي ته اڳين گذري ويلن تي جيڪو عذاب در عذاب جو معاملو ٿي چڪو آهي، اهو ڪجهه هنن سان به ٿيندو. (38) مؤمنو! توهان هنن سان برابر جنگ ڪندا رهو، ايستائين جو فتنو ختم ٿي وڃي ۽ هن سرزمين تي رڳو الله جو دين هجي، پر جيڪڏهن هو باز اچي وڃن ته بيشڪ هو جيڪو عمل ڪن ٿا، الله ان کي ڏسي رهيو آهي.(39) پر جيڪڏهن هنن اطاعت حق کان منهن موڙيو ته پوءِ يقين ڪريو ته الله توهان (مؤمنن) جو مولیٰ (حمايتي) آهي ۽ الله بهترين حمايتي ۽ بهترين مددگار آهي. (40)

(اي پيغمبر ﷺ! تون) هنن ڪافرن تي واضح ڪر تہ هن وقت تائين اوهان جيڪي ظلم، زيادتيون ڪيون ۽ الله جي حڪمن جي ديده دليريءَ سان خلاف ورزي ڪئي آهي، هاڻي انهن ڪان باز اچو ۽ اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي وڃو تہ هن ڪان اڳ جا ڪيل تمام ڏوهہ ۽ ڏاڍايون معاف ٿي ويندين، پر جيڪڏهن نبين جي تڪذيب تحقير ڪندا رهيا تہ لازمًا سنت الاهي مطابق هلاڪ ڪيا ويندؤ، پوءِ توهان جي اها هلاڪت قهر الاهي سبب هجي يا مسلمانن جي تلوارن جو نتيجو هجي. الله جو اهو قانون رڳو اوهان تي لاڳو نہ ٿيو آهي، پر سنت الاهي مطابق هن ڪان اڳ بہ ظالم ۽ سرڪش قومن جو اهو حال رهيو آهي. جيڪڏهن تبليغ ۽ نصيحت ڪي قبول نٿا ڪن ۽ الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي شدت سان مخالفت ۾ مصروف آهن تہ انهن جي ظلم ۽ استبداد وارو فتنو هميشہ هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ واسطي هنن سان لڙائي لڙو، ڪين قتل ڪيو تہ جيئن اهڙي سازگار فضا هموار ٿي وڃي، جو هر طرف رڳو الله جو دين جو ظهور هجي.(البقره: 193/2) ۽ ڪافرن ۽ بت پرستن جا مسلڪ ۽ مذهب ختم ٿي وڃن. هن جهاد جو مقصد هيو تہ مسلمانن تان ڪافرن جي ظلم و جبر جو خاتمو اچي وڃي ۽ هو بنا خوف خطري سڪون ۽ آرام سان عبادت، اصلاح ۽ تبليغ دين جو عمل آزاديءَ سان ڪري سگهن ۽ ڪعبة الله ڪي بت پرستن جي قبضي ڪان آزاد ڪرائي روءِ زمين تي الله جي دين ڪي غالب ڪيو وڃي ۽ دين اسلام ڪان سواءِ ٻيو ڪو بہ مشرڪانا ۽ ڪافرانا دين يا رسم رواج باقي نہ رهي. (التوبه: 9/ 33-32، الصف: 9/61) دراصل حرم جي سرزمين ڪي ڪافرن جي تسلط ڪان پاڪ صاف رکڻ مسلم قوم جو اجتماعي فريضو آهي. پر جيڪڏهن هو ڪفر ۽ شرڪ ڪي ڇڏي اسلام جي دائري ۾ اچي وڃن تہ پوءِ الله انهن جي عمل ڪان آگاهہ آهي ۽ ان جو اجر ڪين ضرور ملندو. چو تہ جنگ جو مقصد پورو ٿي ويندو، مسلمانن لاءِ ۽ دين جي تبليغ لاءِ فضا هموار ٿي ويندي. پر جيڪڏهن هو وقتي طور اسلام قبولڻ جو اقرار ڪن ۽ اندر ۾ ڪا تبديلي نہ آڻن ۽ بعد ۾ پنهنجي معاهدي ڪان ڦري وڃن تہ اوهان ڪي گهبرائڻ جي ضرورت ناهي. الله توهان جو حمايتي، همنوا ۽ هم ساز آهي. هو توهان ڪي ڪو نقصان پهچائي نہ سگهندا. اوهان ڪي يقين هئڻ گهرجي تہ الله بهترين حمايتي ۽ اعلیٰ ترين مددگار آهي.